# مُنظُومِ مُحمّدِي

ڪلام

## حضرت مُحمّد فقير گهوٽو



مُرتب: ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر

Scanned with CamScanner

محترم طلا ع حیات اللہ سے برائے تحفہ

اقبال احمد ...

08/07/2016

Gul Hayat Institute

"اسان ساڳي سِر سُلطان آهيون،
پڙهي آيت اَلاِنْسَانَ آهيون"

# مَنظُومِ مُحمّدي

## ڪلام

## حضرت مُحمّد فقير گهوٽو

درگاهه ڳوٺ حُسين پيلي شريف
تعلقو ۽ ضلعو گهوٽڪي، سنڌ

Gul Hayat Institute

مُرتب:
ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر

Scanned with CamScanner

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ


ڪتاب جو نالو: **منظوم محمدي**

[ڪلام حضرت مُحمّد فقير گهوٽو]

درگاهه ڳوٺ حُسين ٻيلي شريف ضلعو گهوٽڪي

مرتب: ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر 03332853386

ڇپائيندڙ: مولوي عبدالغني گهوٽو

ايڊيشن: پهريون

تعداد: 500

سال: 2016ع

ڇپيندڙ:

ڪمپوزنگ: سخاوت علي جتوئي 03003067747

ٽائيٽل: اسد الله ڀٽو

هديه: 700 روپيا


**ملڻ جو رابطو:**


درگاهه مُحمّد فقير گهوٽو ڳوٺ حسين ٻيلي شريف،

تعلقو ضلعو گهوٽڪي، سنڌ

**مهتمم:** سائين صادق علي عرف اقبال فقير گهوٽو

موبائل نمبر: 03363441083


Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## حضرت مُحمّد فقیر گھوٹو رحمۃ اللہ علیہ



ul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# سٽاءُ


| سيريل | عنوان | صفحو |
| --- | --- | --- |
| 1 | ڇپائيندڙ پاران | 04 |
| 2 | مهاڳ | 08 |
| 3 | سوانح حيات | 11 |
| 4 | حصو پهريون ڪلام : | 19 |
| 5 | شانِ مصطفيٰ ﷺ | 21 |
| 6 | شانِ علي (عليه السلام) | 46 |
| 7 | شانِ دستگير (رحمة الله عليه) | 47 |
| 8 | ڏمال قلندر | 49 |
| 9 | شانِ مرشد | 50 |
| 10 | سَسُئِي پُنهون | 71 |
| 11 | عمر مارئي | 93 |
| 12 | هير رانجهو | 112 |
| 13 | سهڻي ميهار | 126 |
| 14 | مومل راڻو | 129 |
| 15 | ڪاپائتِي | 132 |
| 16 | ڪيڏارو | 135 |
| 17 | سورَٺِ | 136 |
| 18 | سارَنگ | 137 |
| 19 | رامَڪلِي | 138 |
| 20 | رَمز رازُ رِندِي | 160 |
| 21 | راهَ رِندِي | 178 |
| 22 | معرفت منزلون | 190 |
| 23 | مقامِ دل | 192 |
| 24 | حال دل | 194 |
| 25 | رُوحاني رازُ | 196 |
| 26 | پَرم پَرواز (اُچي اُڏام) | 206 |
| 27 | عهدِ الست | 214 |
| 28 | بيدار ٿي - هوشيار ٿي | 226 |
| 29 | پاڻُ سُڃاڻُ | 242 |
| 30 | اسرارِ خودي (پاڻُ سُڃاڻُم) | 275 |
| 31 | سيني منجھ سُروپُ (ديهيءَ ۾ درشن) | 301 |
| 32 | هَمہ اوست (وحدت الوجود) | 331 |
| 33 | بحرِ توحيد | 406 |
| 34 | ديدون - نيڻ - اکيون | 411 |
| 35 | حُسن حقيقي - جمالِ يار | 433 |
| 36 | عشق الاهِي - بره بهادر | 457 |
| 37 | عاشق حقيقي - صوفي سرمست | 574 |
| 38 | سَوز عشق | 629 |
| 39 | جامِ عشق | 712 |
| 40 | مامِ منصوري | 722 |
| 41 | فَنائي هَستِي وَ نفس | 764 |
| 42 | بَقائي هَستِي | 778 |
| 43 | دنيا دورنگي | 782 |
| 44 | مُلان قاضي | 786 |
| 45 | حُورَن جا هيراڪ | 791 |
| 46 | عاجزي | 792 |
| 47 | محبوب آيا | 797 |
| 48 | بِرهَ بَهاري | 798 |
| 49 | هندي ڪلام | 800 |
| 50 | ڪلامِ اردو | 803 |
| 51 | ڪلامِ فارسي | 817 |
| 52 | مدح شريف (غوثِ اعظم) | 828 |
| 53 | معنائون مدح شريف | 836 |
| - | - | - |


Gul Hayat Institute



Scanned with CamScanner

# منظوم مُحمّدِي [حصو پيو]

## (ابيات)


| سيريل | عنوان | صفحو | سيريل | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | شانِ مصطفيٰ ﷺ | 839 | 14 | سُر ليليٰ مجنون | 878 |
| 2 | شانِ مولا علي (ع) | 839 | 15 | ابيات متفرق | 880 |
| 3 | حُبِ پنجتن پاڪ | 841 | 16 | هفتي وار دوهيڙا | 944 |
| 4 | شانِ بادشاه پير دستگير | 842 | 17 | ٽيهہ ڏينهن | 945 |
| 5 | سُر سسئي | 843 | 18 | سه حرفي _ 1 | 952 |
| 6 | سُر مارئي | 852 | 19 | سه حرفي _ 2 | 957 |
| 7 | سُر هير رانجهو | 857 | 20 | سه حرفي _ 3 | 961 |
| 8 | هندي بيت | 859 | 21 | سه حرفي _ 4 | 967 |
| 9 | سُر رامڪلي | 861 | 22 | قصو ڪڙمي ۽ گڏھ جو | 973 |
| 10 | واسينگن جا بيت | 869 | 23 | ٻہ تاريخي شعر | 975 |
| 11 | سُر ڪاپائتي | 870 | 24 | نذرانهء عقيدت | 976 |
| 12 | سُر مومل راڻو | 872 | 25 | لُغات ابياتِ مُحمَّدِي | 977 |
| 13 | سُر سهڻي | 875 | 26 | لُغات آيات وَاَحاديث | 1002 |




Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# ڇپائيندڙ پاران:

نَحۡمَدُهٗ وَنُصَلِّيۡ عَلٰى رَسُوۡلِهِ الۡكَرِيۡمِ

سج لهي سانجهي تي، پکي ويا پيهي،
پرين پرڏيهي، حال ڳرهيان ڪنهن سين.

حضرت سائين صوفي محمد فقير گهوٽو رحہ جن منهنجي والد حاجي عبدالرحمان گهوٽو رحہ جا سڳا پاٽيجا هئا ۽ مٿئين حسب نسب ۾ پيڙهي ڏاڏنگ سان بہ ملي ٿي.

فقير سائين رحہ جن ديني تعليم لاءِ شڪارپور ضلعي جي مدرسي "قُبوجامِي شريف" پڙهڻ ويا تہ اُتي سندن استاد ۽ صدرِ مُدرس مولانا نظر محمد اِنڍڙ رحہ (ڀِنگ شريف وارا) هئا جيڪي پاڻ صاحب ڪرامت هئا ۽ سندن ڪيئي ڪرامات مشهور آهن.

فقير سائين جن عربي ۽ فارسي تعليم حاصل ڪرڻ بعد پنهنجي ڳوٺ حسين ٻيلي جي جامع مسجد (ميانڻَن واري مسجد) ۾ ڏهن سالن تائين قرآن شريف جي تعليم ڏيندا رهيا ۽ پيش امام بہ رهيا. ان دوران پنجاب ڪان آيل هڪ صوفي بزرگ جي صحبت نصيب ٿين ۽ باطني علم حاصل ڪرڻ لاءِ ان وقت جي وليءَ حضرت ميان شمس الدين اِنڍڙرحہ جن سان بيعت فرمائي ۽ ڪافي سال سندن صحبت ۾ رهي روحاني فيض حاصل ڪيائون. "صلواة تُنجِينا" جو ورد ۽ مراقبي ۾ ذڪر قلبي ڪندا رهيا. پوءِ مرشد ميان صاحب رحہ جن فرماين تہ پراڻي سکر ۾ خيرالدين شاه جيلاني رحہ (جيئي شاه بادشاه) جي درگاه تي وڃو توهان جو فيض اتي رکيل آهي. فقير سائين جن جيئي شاه رحہ جي درگاه تي ڪيترائي سال رياضت ۽ ذڪر اذڪار ۾ مشغول رهيا ۽ باطني فيض ماڻيا. پوءِ روحاني طرح امر ٿين تہ هاڻي پنهنجي ڳوٺ ۾ وڃي آستانو قائم ڪريو ۽ خلقِ خدا کي فيض ڏيو. فقير سائين رحہ جن مرشد جي امر مطابق ڳوٺ آيا ۽ اچي فقيراڻو آستانو قائم ڪيائون جيڪو اڄ بہ قائم آهي ۽ مرڪزِ فيوض وَ برڪت آهي. مرشد سان ڪيل وعدي مطابق رياضت ڪندا رهيا ۽ سندن فيض جي بدولت ڪيترائي رهزن رهبر بڻجي ويا. فقير سائين جن جا سوين عقيدتمند ۽ ڪئين طالب ٿيا. طالبن جا نالا ۽ ذڪر اڳتي تفصيل سان آيل آهي.

فقير سائين رحہ جن جي ڪلام ۽ رسالي بابت لکڻ کان اڳ هتي سائين رحہ جون چند ملفوظات ۽ ڳالهيون پيش ڪجن ٿيون.

(1) پاڻ سائين جن جڏهن مدرسي ۾ پڙهندا هئا تہ صرف استاد ڪان سبق وٺي ڪتاب ٻيهي رکندا هئا. مدرسي جي ٻين طالبن استاد سان شڪايت ڪئي تہ سائين هي شاگرد سبق ۽ ڪتابن جو مطالعو نہ

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

ٿو ڪري پوءِ بہ هن جو سبق پڪو هوندو آهي. استاد صاحب انهن کي چيو تہ هن شاگرد جي توهان کي خبر نہ آهي تہ هي ڪير آهي تنهن ڪري ان کي پنهنجي حال تي ڇڏيو ۽ ان سان رِيس نہ ڪريو ۽ پنهنجو سبق ياد ڪريو.

(2) سائين جن پاڻ هر وقت باوضو رهندا هئا. "صلواۃ تُنجِينا" جو گهڻو ورد ڪندا هئا ۽ مرشد جو ڏسيل مخفي ذڪر اذڪار ۽ مراقبو رات جو تهجد مهل ڪثرت سان ڪندا هئا. هر وقت صبر ۾ رهندا هئا ۽ طالبن کي بہ صبر جي تلقين ڪندا هئا.

(3) سائين رحہ جن دعا ڏاڍو ۽ شِفا لاءِ تعويذ بہ ڏيندا هئا. هڪ دفعي هڪ ماڻهو پنهنجي پٽ کي دعا لاءِ وٺي آيو جنهن کي دمي جو عارضو هو. سائين جن ان ننڍڙي جي مٿي تي هٿ رکي صلواۃ پڙهي دم ڪيو تہ ان مهل ئي ان کي دمہ ڇڏي ويو ۽ شفا ٿي ويئي.

(4) فقير سائين جن کان هڪ طالب پڇيو تہ سائين توهان وٽ پري پري کان ماڻهو اچن ٿا ۽ طالب ٿين ٿا پر هتان جا ويجها ماڻهو گهٽ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پري وارا فيضياب ٿين ٿا ۽ ويجهي وارا فيض کان محروم آهن. پاڻ فرمايائون تہ درياهہ هميشہ ڏورانهن علائقن کي سرسبز ڪندو آهي ۽ ويجهڙائيءَ ۾ غيرآباد علائقو هوندو آهي. جيئن لطيف رحہ فرمايو آهي تہ :

"پاڻيءَ مـٿي جُـهوپڙا، مـورک اُڃ مرن،
دم نہ سڃاڻن، دانهون ڪن مُنَن جيئن."

(5) فقير سائين جن وٽ جيڪي بہ بيعت ڪرڻ لاءِ خدمت سڳوريءَ ۾ ايندا هئا تہ انهن طالبن کي تلقين ڪندا هئا تہ "اوهان اڄ پنهنجي دوست رَبَ سائينءَ کي پرچائڻ جو وچن ۽ وعدو ڪيو آهي تہ ان کي نہ رُسائيندَو ۽ ان جي مخلوق کي نہ رنجائيندَو. رياضت ۽ خدمت بہ ڪندَو، پنهنجي نفس کي ماريندَو باقي صلواۃ تُنجِينا شريف جو ورد ۽ ڏسيل ذڪر اذڪار جي بہ پابندي ڪندَو."

(6) هڪ دفعي پنهنجي ڳوٺ جي جامع مسجد ۾ جمعي ڏينهن جماعت سڳوري نماز لاءِ گڏ ٿي ويئي پر پيش امام صاحب ڪو نہ هئو. ڳوٺ جي هڪ معزز شخصيت منهنجي نانا سائين سردار صاحبڏنو خان جن نماز پڙهائڻ لاءِ فقير سائين ڏانهن پنهنجو ماڻهو موڪليو. فقير سائين جن هر وقت باوضو رهندا هئا تنهن هوندي بہ نئون وضو ساري مسجد شريف ۾ اچي نماز پڙهائي ۽ دعا گهري هليا ويا. بعد ۾ جماعت وارا پاڻ ۾ تبصرا ڪَرِن پيا تہ اسان زندگيءَ ۾ اڄ صحيح نماز پڙهي آهي جنهن سان دل کي راحت ۽ سُرور مليو آهي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(7) اسان جڏهن ننڍا هوندا هئاسون ته فقير سائين جن جي آستاني تان گل پٽڻ ويندا هئاسون ته اتي مالهي شير فقير درگاهي اسان کي روڪيندو هو. اهو ڏسي فقير سائين ان کي منع ڪئي ته هي ٻار گل مثل آهن. گل گلن ڏانهن ايندا رهندا آهن تنهن ڪري هنن کي منع نه ڪندا ڪريو پلي گل پٽي وڃن.

(8) فقير سائين اسان جي والد صاحب حاجي عبدالرحمان رحه جن جي عزت ۽ احترام ڪندا هئا ۽ پاڻ سان گڏ کٽ تي ويهاريندا هئا ۽ فقراءَ کي فرمائيندا هئا ته هيءُ منهنجو مامو آهي ۽ وڏو آهي توهان به هن جي عزت احترام ڪندا ڪريو.

(9) هڪ دفعي فقير سائين جن پنهنجي فقراءَ سميت جهوڪ شريف جي درگاه تان واپسيءَ تي صوفي مُحمد فقير ڪنياڻ جي درگاه تان ٿيندا هالن ۾ درگاه مخدوم نوح رحه جي حاضري ڀرڻ آيا. اُتي خليفن کي چيائون ته مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ کي ٻڌايو ته محمد فقير گهوٽو جن توهان سان ملڻ آيا آهن ۽ ملڻ جي اجازت چاهين ٿا. مخدوم صاحب فقير سائين جن جو نالو ٻڌي بنگلي کان ٻاهر نڪري آيا ۽ فقير صاحب سان ڀاڪر پائي مليا ۽ هٿ چميا ۽ فرمايائون ته "ابا منهنجي اڱڻ تي اڄ مرشد هادي آيا آهن". (هي شعر به چيائون ته: آيا اڱڻ عجيب نصيب ڀلا، اهو اڱڻ چُمان يا عجيب چمان) اِهو چئي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويا ۽ فقير سائين کي پاڻ سان گڏ ويهاريائون. ڪافي وقت پاڻ ۾ روح رهاڻ ڪيائون ۽ فقير سائين جي فقراءَ کان مُحمّد سائين جن جا ڪلام ٻڌائون. ڏاڍا متاثر ۽ خوش ٿيا. سائين جن کي فقراءَ سميت ننگر ڪرايائون. موڪلائڻ وقت پاڻ ٻاهر اچي فقير سائين جن کي رخصت ڪيائون. مخدوم صاحب پنهنجي ڪتاب "يادِ رفتگان" ۾ به مُحمّد سائين جن جو ڪلام شامل ڪيو آهي.

فقير سائين جن کي نرينه اولاد مان صرف هڪ فرزند (عبدالحق) پيدا ٿيو جيڪو ڏهن مهينن جي عمر ۾ وصال ڪري ويو. فقير سائين جن جي وصال بعد سندن ڀاڻيجي ۽ منهنجي ڀائٽيي سائينڏنو فقير کي فقراءَ ڀاران دستاربندي ڪئي ويئي. انهن جي وصال بعد سندن وڏي فرزند صادق علي عرف اقبال سائين کي فقراءَ گادي نشين ڪيو آهي. مُحمّد سائين جن 5 آگسٽ 1959 بمطابق 21 صفر 1379 هه وصال فرمايو. سندن ساليانو عرس مبارڪ 21، 22 ۽ 23 صفر تي ملهايو ويندو آهي جنهن ۾ پري پري جا عقيدتمند فقراءَ ۽ طالب شريڪ ٿيندا آهن. ميلي ۾ صوفيانه ڪچهريون ۽ راڳ ويراڳ به ٿيندو آهي. مزار شريف تي طالبن ۽ عقيدتمندن روضو به ٺهرايو آهي.

**ڪلام ۽ رسالو:** فقير سائين رحه جن جي صوفيانه ڪلام ۾ درسِ توحيد به آهي ته شانِ رسالت، شانِ اهلبيت، شانِ صحابه ڪرام به آهي. سمجهائڻ لاءِ مثال ۽ تشبيهون به آهن ته عربيءَ ۽ فارسيءَ جا قول به آهن. بقولِ شيخ سعدي رحه:

"بـــرگِ درخـتان سبز در نظر هوشيار،
هر ورق دفتري ست معرفتِ ڪردگار."

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# مُهاڳ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلسلام عليڪم! حق موجود.

معزز قارئين ۽ فقراءَ ڪرام جي خدمت ۾ حضرت مُحمّد فقير گهوٽي رحمۃ اللّٰہ علیہ جو ڪلام پيش ڪري رهيو آهيان اها منهنجي خوش نصيبي آهي جو اهڙي عظيمُ المَرتبت هستيءَ جو ڪلام سهيڙڻ ۽ مرتب ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي آهي. منهنجي اها بہ خوش بختي آهي جو روبرو سندن ديدار نصيب ٿيو ۽ منهنجي مٿي تي پنهنجو دستِ مبارڪ بہ رکيائون. حضرت محمّد سائينءَ جن اسان جي هادي پاڪ بابا مُحبَ عليٰ سائين جن جا پيرِ مغان ۽ مرشد آهن. اهڙي طرح اسان بہ هن در جا خادم آهيون. پاڻ سگهورا بي بَها صوفي ۽ عظيم توحيدي شاعر آهن. ظاهري علم سان گڏ لدني علم جا بہ مُخزن هئا. سندن زندگيءَ جو احوال سندن خود نوشتہ سوانح حيات ۽ بابا محبّ سائينءَ جي سارُوٽين ۾ تفصيل سان ڏنل آهي جيڪي هن ڪتاب ۾ شامل آهن تنهنڪري آئون هتي فقط سائين جن جي ڪلام ۽ ڪتاب جي ترتيب بابت ڪجهہ عرض ڪندس. سائين جن جو ڪلام ٻن حصن تي مشتمل آهي. هڪ حصي ۾ ڪافيون، ڪلام ۽ غزل آهن ۽ ٻئي حصي ۾ بيت، دوهيڙا، ٽيهہ اکريون ۽ هفتي وار بيت وغيره آهن. پهريون ڪافين وارو حصو پراڻي زماني ۾ قاسم فقير ڀُٽي سکرواري لِٿو (Litho) پريس مان ڇپرايو هو جيڪو هن وقت ناياب ٿي چڪو آهي ۽ ان ۾ لکڻيءَ جون بہ ڪافي غلطيون آهن. ٻيو بيتن وارو حصو قلمي صورت ۾ آهي جيڪو پڻ زبون ٿي چڪو آهي. بيتن واري حصي کي مون 1997ع ۾ نئين سر لکي مرتب ڪيو هو پر اُهو بہ ڇپجي نہ سگهيو هو. ٻيو تہ سائين جن جي وسيع علم جي ڪري ڪلام ۾ ڪيترائي ڏکيا لفظ، آيتون، احاديث بہ شامل آهن جن جي معنيٰ مفهوم سمجهڻ بہ ضروري آهي، تنهنڪري مون ڪافين واري رسالي کي نئين سر لکيو آهي ۽ ڏکين لفظن جي مٿان نمبر لڳائي هيٺ حاشيہ ۾ انهن جون معنائون بہ لکيون آهن. سائين جن جي ٻوليءَ جو لهجو ماٽيلي، اوٻاوڙي ۽ گهوٽڪيءَ واري علائقي جو آهي اَن جي بہ اڪثر لفظن جي معنيٰ عام رواجي سنڌي ٻوليءَ ۾ لکي اٿم. بيتن واري حصي "ابياتِ مُحَمَّدي" جون معنائون ڪنهن ٽيڪنيڪي (Technical) مجبوريءَ سبب حاشيہ ۾ نہ لکي سگهيس تنهنڪري اُن حصي جون معنائون رسالي جي آخر ۾ "لُغات اَبياتِ محمّدي" جي عنوان هيٺ الف-ب وار ترتيب ڏنيون آهن. بيتن واري حصي ۾ آيل آيتون ۽ احاديث بہ الڳ معنيٰ سان لکيون آهن. هاڻي ڪافين، ڪلامن ۽ ابيات وارا ٻئي حصا يڪجا ڪري ڇپايون ٿا. رسالي جو اصلي ، نالو

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

"منظوم مُحمّدي" برقرار رکيو آهي. ہيو تہ سائين جن جون ڪافيون توڙي اَبيات ڪي موضوع جي لحاظ سان مختلف داستانن ۾ مرتب ڪيو آهي. سائين جن جون تقريباً اَٺ سؤ ڪافيون آهن ۽ هر هڪ ڪافيءَ ۾ هڪ کان وڌيڪ موضوع سمايل آهن، تنهنڪري مون لاءِ هي مرحلو ڏاڍو مشڪل هو. بهرحال مون پنهنجي سمجهہ مطابق ڪافين ڪي زياده موزون ترين عنوان هيٺ سهيڙيو آهي. اُنهيءَ هوندي بہ موضوع ۽ داستان جي چونڊ ۾ ڪا غلطي محسوس ٿئي تہ پڙهندڙ هن ناچيز کي معاف ڪري ڇڏيندا. حضرت مُحمّد سائين جن راڳڻين ۽ گائڪيءَ جي سُرن جا بہ ماهر هئا، پاڻ سگهورن هر ڪافيءَ جي مٿان راڳڻي سُر جو نالو بہ لکيو آهي، تنهنڪري مون بہ هر ڪافي جي مٿان اُن سُر جو نالو برقرار رکيو آهي تہ جيئن فقراءَ کي ڳائڻ ۾ آساني ٿئي. سائين جن جو ڪلام سنڌي، سرائڪي، اردو، هندي ۽ ڪجهہ فارسيءَ ۾ آهي، فارسي ڪلام کي سمجهڻ لاءِ مون اُنهن جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو بہ ڪيو آهي. اُن ۾ ڪا غلطي محسوس ٿئي تہ معاف ڪندا.

سائين جن پنهنجي ڪلام ۾ عهدِ الست کان وٺي وصال حق تائين جو بهترين نقشو چٽيو آهي. پاڻ سڃاڻڻ جي تلقين، فنائي نفس وَ هستي، منصوري مقام، حق کي همہ اُوست ڪري ڄاڻڻ، پنهنجي خوديءَ کي بلند ڪري اَناالحق جو نعرو هڻڻ، رندي راهہ رمز تي هلڻ، دل جو مقام سڃاڻڻ، معرفت منزلون ماڻڻ، روحاني راز کي ڄاڻڻ، شانِ مصطفيٰ ﷺ ۽ شانِ مرشد سڃاڻڻ ۽ فنائي هستيءَ کان پوءِ دائمي بقا حاصل ڪرڻ ۽ ان کان علاوه بہ ڪئين رنگ آهن جيڪي ڪلام پڙهڻ سان معلوم ٿيندا. سَمُنڊ کي ڪُوزي ۾ بند ڪرڻ مشڪل آهي، سائين جن جي ڪلام ۾ پراڻي ٺيٺ سنڌي، سرائيڪي، عربي، فارسي، اردو، سنسڪرت، هندي ۽ ماٿيلي اوڀاوڙي جي ٻولي شامل آهي، معنائن مرتب ڪرڻ ۾ هيٺين ڪتابن مان مدد ورتي:

(1) قرآن شريف با معنيٰ

(2) لُغات القرآن - مصنف: غلام اصغر ونذير رحہ - مولوي صَبغتہ الله ٻٽو رحہ

(3) جامع سنڌي لغات (جلد 3): ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب

(4) سنڌيڪا لُغت (هڪ جلدي): عبدالستار بلوچ

(5) اردو لُغات: اَظهر اللغات (جديد) - جواهر للغات - فيروز اللغات - آدم اللغات

(6) هندي - انگلش ڊڪشنري: Prof. R.C Pathak

(7) آموزگارِ فارسي - مصنف: حضور احمد سليم

(8) مثنوي مولانا رومي بامعنيٰ.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

اُن کان علاوه سڀ کان وڏي مدد هادي پاڪ بابا مُحبَ سائين جن جون ڀاروٽڻ کان وٺي تعليمات جن ۾ تصوف، سنڌي، هنڌي، اردو، فارسي، ۽ عربي شامل آهن، تن ڏني. گهوٽڪيءَ وارن سان صحبت جي ڪري اُتي جو لهجو ۽ ٻولي سمجهڻ ۾ مدد ملي. حضرت مُحمّد سائين جن جي روحاني رهنمائي به شامل حال رهي نه ته ايڏو وڏو ڪم منهنجي وس جو نه هئو. فقير اعجاز علي ٽالپر، فقير ولي محمّد ٽالپر ۽ صادق علي (اقبال) سائين جن جي علمي مشاورت ۽ رهنمائيءَ جو به مشڪور آهيان. فقير جان محمّد گهوٽو سائين ۽ لال ڏنو خان گهوٽو جن جو به ممنون آهيان جن هن ڪم لاءِ گهڻو همٿايو. اُهي فقير به جَس لهڻن جن ابتدائي طور سائين جن جو ڪلام سهيڙيو ۽ قلمي نسخا لکيا. اُنهن ۾ مولوي غلام رسول گهوٽو (جنهن ڪافين وارو رسالو لِٿو Litho ڇپائيءَ لاءِ لکيو)، مِينُهون خان ڪانسٽيبل سکر وارو ۽ استاد محمد عيسيٰ سومرو قابلِ ذکر آهن. (جن بيتن وارو حصو لکيو). آئون "سنڌي لئنگئيج اٿارٽي" جي ٻن دوستن جو به ٿورائتو آهيان جن هن ڪم ۾ ڀرپور مدد ڪئي، هڪ جناب سخاوت علي جتوئي جنهن سهڻي ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ ڪئي ۽ ٻيو محترم خان محمد جروار جنهن ٽيڪنيڪل مشاورت ڏني.

صد آفرين آهي محترم مولوي عبدالغني گهوٽو صاحب کي جن هن نيڪ ڪم لاءِ مڪمل مالي مدد ڪئي آهي ۽ ڇپائيءَ جا سمورا اخراجات خلوصِ دل سان ادا ڪيا آهن. رب پاڪ کين اجرِ عظيم عطا فرمائي. آمين. (مولوي صاحب جن ديندار، فقير طبع ۽ شريف النفس انسان آهن، پاڻ مُحمّد سائين جن جا سڳا ماروٽ به آهن). آئون مولوي صاحب جي فرزند جاويد حسين جو به مشڪور آهيان جنهن هن ڪم ۾ خصوصي دلچسپي ورتي آهي ۽ هر قدم تي مدد ۽ تعاون ڪيو آهي.

شال مُحمّد سائين جن جي حضور ۾ مون ناچيز جي هيءَ ڪاوش قبول پوي. آمين

**ڊاڪٽر حاتم علي ٽالپر**

حيدرآباد

25 آگسٽ 2013ع

(17 شوال 1434 هه)

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# ”سوانح حيات“

## [ محمّد سائين جي خود نوشتہ داستانِ حيات مان اقتباس]

اسان جا وڏا ڪيچ مڪران ڪان سنڌ ۾ آيا. زمين جون دِهُون خريد ڪري اچي ويٺا. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ ”ڳاڙهي پِٽ“ ڪري ڇٻي آهي ۽ اُتي ”گهوٽي جي واهِي“ اڃا تائين مشهور آهي، وري اُهي زمينون وڪڻي ڪيچ مڪران موٽي ويا. اهڙي طرح ٻہ ٽي ڀيرا آيا ويا. پوءِ اچي جاءِ ڪيائون ۽ هي ڳوٺ ٻڌائون جيڪو اسان جي وڏي ”حُسين خان“ جي نالي سان ”حُسين ٻيلي“ سڏجڻ لڳو ۽ اڃا تائين قائم آهي. هي ڳوٺ سن 700 هجري جو ٻڌل آهي، گهوٽڪيءَ جو شهر بہ اسان جي وڏن جو ٻڌل آهي، حسين خان جي اولاد مان شهاب الدين فقير پيدا ٿيو. جيڪو عالم فاضل حافظ اهل الله ٿي گذريو آهي. شهاب الدين فقير صاحبِ ڪرامات بہ هيو.

**هڪ تاريخي واقعو:** اُن وقت هن ملڪ جا ماڻهو بادشاهي قانون تحت دهليءَ ڏِل ڀريندا هئا. عادلپور جي ڏاريجن جو وڏو ”ڄامُ جَهلُو“ دهلي ڏِل ڀرڻ ويو تہ هُن جي ڏِل کُٽي پئي ۽ هن کي نظربند رکيائون. تمام مجبور ٿيو ۽ خيال ڪيائين تہ ڪنهن اَهل الله فقير کي ڏسجي نہ تہ بچاءُ ڪونهي. تلاش ڪيائين تہ هڪ فقير ڏسڻ ۾ آيس. هڪدم وڃي قدمن تي ڪِريو ۽ اسم الله جو وڌائين تہ مون کي هن مصيبت کان ڇڏاءِ. فقير کي رحم پيو. ڄام جَهلُو کي چيائين هن شرط سان فقير توکي ڇڏائيندو تہ تون مون کي نياڻيءَ جو سَڱ ڏيندين- ڄام جَهلُو اهو شرط قبول ڪيو. پوءِ فقير صاحب بادشاه کان معافي وٺي ڏنس ۽ چيائينس تہ هاڻي تون ڀلي پنهنجي ملڪ وڃ. مان پاڻهي توکي ڳولي لَهندس. منهنجو نالو ”مبارڪ شاه جيلاني“ آهي ۽ بغداد شريف کان آيل آهيان. ڄام جَهلُو ڳوٺ موٽي آيو. سال يا ٻہ سال گذريا تہ فقير صاحب اچي نڪتو ۽ سڱ جي گُهرَ ڪيائين. ڄام جَهلُو ۽ ان جي مائٽن انڪار ڪيو. چيائون تہ اسان سردار ماڻهو ۽ هي گداگر فقير آ. آخر جواب ڏنائونس. فقير صاحب جوش ۾ اچي ويا. ڪوٽ تي چڙهي ڪاريهرَ نانگ هٿ ۾ ڪري، ڪوٽ کي اَمرُ ڪيائون تہ ”هَلُ مديني شريف“ تہ ڪوٽ هَلڻ لڳو. اٽڪل ميل پنڌ ڪيائين تہ ڏاريجن آزي ڪئي ۽ معافي ورتائون ۽ ان وقت سڱ ڏنائون. مبارڪ شاه صاحب ڪلام ڪيو تہ ”منهنجي اوْلاد مان جيڪو ڏاريجا قوم مان شادي ڪندو سو ايئن سمجهي تہ ڏاڏي پوٽيءَ سان شادي ڪيائين“.

مبارڪ شاه بغدادي وري ڪنهن وقت پنهنجي شوق سان شهاب الدين فقير گهوٽي کي فرمايو تہ ”مون کي پنهنجي نياڻيءَ جو سَڱ ڏي“ فقير صاحب فرمايو تہ ”لِڪَ ڇُپَ“ راند ڪيون. اول تون لِڪُ جي مان لهي ويس تہ سڱ نہ ڏيندس ۽ نہ لڌم تہ سَڱ ڏيندس ۽ وري مان لڪان ٿو جي تو لڌو تہ سڱ ڏيندس ۽ جي نہ لڌو تہ سڱ نہ ڏيندس. اول مبارڪ شاه لڪو تہ فقير صاحب لهي ويس ۽ وري فقير صاحب لڪو تہ مبارڪ شاه نہ لهي سگهيس. ان وقت فقير صاحب ڪَوٺري جي ٿُنَ مان نڪري آيو جيڪو ٻنهي جي وچ تي رکيل هو. مبارڪ شاه سائين فرمايو تہ مان ڪلام ٿو ڪريان تہ: ”قوم گهوٽي جي ڄائي قيامت تائين سيّد جي ڪوٽ ۾

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

شاديءَ جي رستي نہ ايندي" (سائين مبارڪ شاھ جيلاني جو روضو مبارڪ عادلپور شهر جي ويجھو اُتر طرف آهي) وڏي شهاب الدين فقير جي مزار شريف رحمو واري پرسان اوير پاسي "خاڪي شاھ" مقام ۾ آهي.

وري هيو "شهاب الدين فقير" وڏي شهاب الدين فقير جو پوٽو بہ وڏي رمز وارو فقير ٿي گذريو آهي ۽ وري ان جو پوٽو "عبدالحليم فقير" بہ صاحبِ امانت ٿي گذريو آهي. هو ميان مُستقيم انڊڙ فقير جو طالب هيو. تَرڪ الدنيا هيو. ڇَڙي گوڏ ٻَڌندو هيو ۽ مٿي اُگهاڙو رهندو هيو ڪير بہ نوان ڪپڙا پارائيندو هيس تہ ڳوٺ کان ٻاهر وڃي خيرات ڪري ڇڏيندو هيو ۽ گهر ۾ بہ جيڪي هوندو هئس لُٽائي هليو ويندو هو. اڪثر مرشد وٽ رهندو هيو. سندس جوان پٽ داد محمّد کان جوانيءَ ۾ ڪا خطا ٿي پئي. فقير کي جلالي آئي ۽ فرمايائين تہ "اهو هوندو ئي نہ اهڙو پُٽ نہ گهرجي" اهو نينگر اُن دم ئي فوت ٿي ويو. پاڻ ئي فقير صاحب پنهنجي پيڙهي ختم ڪئي. اهو عبدالحليم فقير منهنجو پڙ نانو هيو ۽ صاحبِ ڪرامات هيو. سندس مزار ڇيچڙي شهر پرسان "پِيرَ باعد" جي مقام ۾ آهي.

عبدالحليم فقير جو سڳو سؤٽ "عبدالرحمان فقير" بہ ڪرامت جو صاحب هيو مال چاريندو هو. گهوٽڪي جمعي نماز پڙهڻ ويندو هو مال کي چوڏاري ڪڙو چاڙهي ويندو هيو. شام جو موٽندو هيو تہ مال اُتي ئي بيٺو چَرندو هيو.

اُن کان پوءِ منهنجو ڏاڏو ٿيو "محمّد" سو بہ فقير ٿي گذريو. هڪ پٽ ٿيس "عبدالحق" منهنجو بابا سائين، منهنجو بابو اڃا عاقل هيو تہ ڏاڏو فوت ٿيو. منهنجو بابو ڍور چاريندو هو. هڪ دفعي خيال ٿيس تہ مديني وڃان پوءِ مال جهنگ ۾ ڇڏي چوريءَ هليو ويو. آخر ڏي ديري ۾ پڙهڻ ويٺو ۽ فارسي علم پڙهيو. اتان وري ڪراچي ويو ۽ عربي علم پڙهيو دستاربند علماءُ ٿيو. ڪجهہ وقت بمبئيءَ ۾ بہ رهيو جواني کان موٽيو تہ پنهنجي وطن وري آيو ۽ شادي ڪيائين پهريائين مان پيدا ٿيس. ٻيا ٻار بہ ٿيا پر ننڍي هوندي ئي فوت ٿي ويا. مان بہ يارهن سالن جو ٿيس تہ منهنجو والد بہ فوت ٿي ويو. انهيءَ وقت ڪلام الله شريف. چار درجا سنڌي ۽ هڪ فارسي ڪتاب پڙهيم. دنيا جو ڪاروبار سر تي اچي ويو. ڪجهہ وقت ٻڪريون ۽ ڍور چاريم ۽ ڪيتيءَ جو ڪم ڪيم. پندرهن سالن جي عمر ۾ شادي ڪيم. سال کان پوءِ گهرواري گذر ڪري وئي پوءِ راڻيپور ۾ پير صالح شاھ سائين سان ملاقات ڪيم. اُتان شاھ عبداللطيف ڀٽ ڌڻيءَ جي درگاھ تي رهيس ۽ چِلو ڪڍيم. اُتان لعل شهباز جي درگاھ تي ويس ۽ چِلو ڪڍيم. پوءِ وري علم جو شوق ٿيم. ٻَني عاقل پرسان ٺهيمَن جي شهر ۾ فارسيءَ جو علم پڙهيم. مولوي محمّد حسين وٽ ڪجهہ وقت رهيم. اُتي هڪڙي رات خواب ۾ ڏسان پيو تہ منهنجو والد شريف آيو. ڪتابَ مٿي تي رکيل هيس. اُهي ڪتاب مون کي ڏنائين ۽ چيائين تہ "پُٽَ پڙهہ" ۽ پاڻ هليو ويو. اهڙي طرح ظاهر علم جو فيض والد صاحب کان مليو. مولوي محمد حسين کان پوءِ عادلپور ۾ مولوي نور محمّد وٽ پڙهيم. اُتان شيخاڻيءَ جي شهر ۾ مولوي احمد وٽ پڙهيم.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

هڪ سال بعد پنهنجي شهر "حسين ٻيلي" ۾ مدرسي جي تعليم شروع ڪيم. هڪڙي وقت دل ۾ خيال ڪيم ته ظاهر علم نصيب ٿيم. باطوني علم جي ڳولا ڪجي. اوچتو اسان جي ملڪ تي حاجي عبدالله شاهه جيلاني اچي نڪتو. وڏي رمز وارو بادشاهه هيو. تنهن ڪنئون ظاهر ذڪر قادري پڇيم. ڪجهه وقت اُهو ذڪر ڪمايم. تنهن کان بعد "شمس الدين صاحب اِنڊيز" عارف بالله کان سهروردي طريقو "صلواة تُنجينا" جو ڏس پڇيم. ڪيترا سال ان جي حاضريءَ ۾ رهيم. شريعت جي پابندي ۽ پرهيزگاريءَ ساڻ گذاريم. فقه جو علم ياد ڪيم. وري اهو به ڇڏيم. پوءِ تصوف کي ڏٺم. وڏي فيضيابي حاصل ٿي. پوءِ مرشد شمس الدين صاحب فرمايو ته: "ابا هاڻي پراڻي سکر وڃ سائين خير الدين شاهه جي درگاهه تي" اُتي ويس درگاهه شريف تي شهنشاهه سردار صوفيانو راز سمجهايو. ذاتي ذڪر مليو. شعر گوئيءَ جو راز کليو. [ٽي سال سکر بازارِ حسن ۾ نظارو ڪيم- پنج سال پنهنجي شهر ۾ نظارو ڪيم ۽ ٽي سال بهشتي شهر ۾ نظارو ڪيم- ڪيترو وقت جبلن ۽ بَرن ٿَرن جو سير ڪيم].

سائين خيرالدين شاهه جي درگاهه تان حڪم مليو ته "ميخاني منجهه ويهه" اُتان هلي پنهنجي شهر جي ٻاهران ويٺو آهيان. مرشد سائين هاٿيءَ تي سواري ڪندو هو. "صاحب جي لوءِ" (گهوٽڪي شهر) کان واڳان هٿ ۾ ڪري پنڌ ايندو هو حسين ٻيلي ڳوٺ کان پوءِ هاٿيءَ تي ويندو هو. هڪ پيري هتان لنگهيو ته ڪپڙ جو ڏنڊڻ هٿ ۾ هيو. پوءِ مان واڳن مان وٺي آيم. پوءِ ڏنڊڻ ڪوڙيائين ۽ چيائين ته "هتي قلعو قيامت تائين قائم هوندو". قلعي وارو ميدان سارو ڳوٺ جو ڪاڪوس هيو پوءِ مان اڪيلي سرجهنگ ماريم. هڪ کوهه ڏکڻ طرف تي آهي اُتان مَٽِي پري ڪُلهن تي کڻي ڏنڊڻ کي به پاڻي ڏيندو هيم ۽ نمون ٽاريون ۽ سَرينهَن کي به پاڻي ڏيندو هيم. پوءِ طالبن جو راز کوليم. ڪچيون سِران وجهايم. جايون ٺهرايم. فقير مَٽي ڪلهن تي کڻي وٽن کي پاڻي ڏيندا هئا. پوءِ حاجي نظر محمد سُندراڻي آيو. فقير کي ڏنئين. مَٽِي ڪلهي تي ڏنئين چيائين "سائين اتي کُهي هٽايو خرچ مان ڏيندم" پوءِ قنبر ۽ سارو خرچ مير صاحب ڏنو هاڻي کُهي به هلي ۽ سئو ماڻهو ڪپڙ هينان به ويهي ٿو. پوءِ باغ رکايم. باغ جو مالهي لاڙڪاڻي ضلعي جو "شير فقير" آهي. شريعت وارن جا مقابلا شروع ٿيا سي به اجا پيا هلن پيو دم گذر ٿو ڪريان. ڪهڙي سورن جي خبر ڪريان. ڳالهه مُڪڻ جي ناهي.

بي اَنت بحر آ، بيحد بي حساب،
جي راز کولجي بنجي وجي،
وڏو ڪتاب - هاڻي ختم ڪجي ٻره باب.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## [سائين بابا محبّ علي ٽالپر جُون ساروٽيون]

اسان جا هادي پاڪ حضرت محمّد سائين جن گھوٽا قبيلي جي سرداري گھراڻي ۾ 1896ع ۾ مولوي عبدالحق جي گھر ۾ تولد ٿيا. ڳوٺ "حسين ٻيلي" تعلقو گھوٽڪي ضلعو سکر (هن وقت گھوٽڪي) ابتدائي سنڌي چار درجا، قرآن شريف ۽ هڪ ڪتاب فارسي پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ پڙهيا. والد صاحب جي وفات بعد گھَر جي ذميواري بہ مٿن اچي وئي. ڪجھہ وقت اها بہ نباهيائون. پوءِ وري علم جو شوق ٿين تہ عربي فارسي ۽ فقہ جي تعليم مختلف جاين تي پرايائون ۽ دستاربند عالم ٿيا. پر هن رنگ ۾ ڪين قرار نہ آيو ۽ معرفت جي جُستجو ۾ لڳي ويا. سائين شمس الدين انڍڙ وٽ ويا جيڪو صاحب فضيلت اولياءُ هو. ڪافي عرصو سندن خدمت ۾ گذاريائون، ذڪر و اَذڪار ۾ مشغول رهيا. پوءِ سائين جن فرماين تہ "ابا پراڻي سکر ۾ سائين خيرالدين شاهہ جي درگاهہ تي وڃو توهان جو فيض اُتي رکيل آهي" سائين جن اُتان هلي خير الدين شاهہ (عرف جيئي شاهہ) جي درگاهہ تي آيا. (سائين خيرالدين شاهہ جيلاني بادشاهہ پير دستگير حضرت عبدالقادر غوث اعظم جي اولاد مان آهن). محمّد سائين جن اُتي درگاهہ تي مٽيون پرڻ، رياضت ڪرڻ ۽ ذڪر اذڪار ۾ مشغول رهيا. تقريباً ست سال اُتي رهيا تہ مٿن مهر جي نظر ٿي ۽ سائين جن فرمائيندا هئا تہ "سائين خيرالدين شاهہ مون کي صفاتي جامي ۾ اچي دست بيعت ڪيو ۽ پوءِ وڏو فيض حاصل ٿيو" ڪجھہ وقت بعد سائينءَ اَمر ڪين تہ هاڻي وڃي پنهنجو ميخانو وسايو ۽ فيض جاري ڪيو. پوءِ سائين جن پنهنجي ڳوٺ حسين ٻيلي موٽي آيا ۽ ڳوٺ جي ٻاهران ڪٻڙن ۾ اچي، وڻا ۽ جھنگ وغيره وڍي ميخانو آباد ڪيائون جو اڄ بہ قائم آهي ۽ هميشہ قائم رهندو. هڪ ڏينهن سائينءَ خيرالدين شاهہ بادشاهہ خيال ۾ اشارو فرماين تہ "محمّد تو ۾ اڃا بہ ڪجھہ اَنا باقي آهي سابہ ختم ڪر" محمّد سائين جن جيئن تہ سرداري گھراڻي جا هئا ۽ خان سڏبا هئا تہ سائين جن پنهنجي اُن خانيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڳوٺ ۾ گدائي ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ڦيريائين ئي پنهنجي گھر جي در تي صدا ڏنائون. اهڙي طرح نفس جي اَنا کي ماري مات ڪيائون. اُن لاءِ ئي سائين جن پنهنجي هڪ شعر ۾ فرمايو تہ:

"خانيءَ وارا خيال ڪڍي ڇڏ تون قلب مٿون"

پوءِ طالبن جو راز ظاهر ڪيائون ۽ ڪيترائي طالب فيضياب ٿيا. سائين جن سڀ مسڪين طالب ڪيا. اميرن تي توجھہ نہ ڪيائون فرمائيندا هئا تہ ابا، امير ماڻهو وري اسان جي مسڪين فقيرن کي گھٽ سمجھندا. هڪ روينيو آفيسر ڪين زمين جي آڇ ڪئي تہ سائين جن فرمايو تہ "ابا اسان پنهنجي مال ملڪيت ئي ڇڏي ڏني آهي تہ تنهنجي زمين کي ڇا ڪنداسين" پوءِ بہ اُن آفيسر هڪ مسڪين فقير کي زمين جو ٽڪرو ڏنو.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# [ سائين بابا محبّ علي ٽالپر جُون سارو ٽيون ]

اسان جا هادي پاڪ حضرت محمّد سائين جن گهوٽا قبيلي جي سرداري گهراڻي ۾ 1896ع ۾ مولوي عبدالحق جي گهر ۾ تولد ٿيا. ڳوٺ "حسين ٻيلي" تعلقو گهوٽڪي ضلعو سکر (هن وقت گهوٽڪي) ابتدائي سنڌي چار درجا، قرآن شريف ۽ هڪ ڪتاب فارسي پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ پڙهيا. والد صاحب جي وفات بعد گهَر جي ذميواري بہ مٿن اچي وئي. ڪجھ وقت اها بہ نباهيائون. پوءِ وري علم جو شوق ٿين تہ عربي فارسي ۽ فقہ جي تعليم مختلف جاين تي پرايائون ۽ دستاربند عالم ٿيا. پر هن رنگ ۾ ڪين قرار نہ آيو ۽ معرفت جي جُستجو ۾ لڳي ويا. سائين شمس الدين انڍڙ وٽ ويا جيڪو صاحب فضيلت اولياءُ هو. ڪافي عرصو سندن خدمت ۾ گذاريائون. ذڪر و اَذڪار ۾ مشغول رهيا. پوءِ سائين جن فرماين تہ "ابا پراڻي سکر ۾ سائين خيرالدين شاھ جي درگاھ تي وڃو توهان جو فيض اُتي رکيل آهي" سائين جن اُتان هلي خير الدين شاھ (عرف جيئي شاھ) جي درگاھ تي آيا. (سائين خيرالدين شاھ جيلاني بادشاھ پير دستگير حضرت عبدالقادر غوث اعظم جي اولاد مان آهن). محمّد سائين جن اُتي درگاہ تي مٿيون پرڻ، رياضت ڪرڻ ۽ ذڪر اذڪار ۾ مشغول رهيا. تقريباً ست سال اُتي رهيا تہ مٿن مهر جي نظر ٿي ۽ سائين جن فرمائيندا هئا تہ "سائين خيرالدين شاھ مون کي صفاتي جامي ۾ اچي دست بيعت ڪيو ۽ پوءِ وڏو فيض حاصل ٿيو" ڪجھ وقت بعد سائينءَ امُر ڪين تہ هاڻي وڃي پنهنجو ميخانو وسايو ۽ فيض جاري ڪيو. پوءِ سائين جن پنهنجي ڳوٺ حسين ٻيلي موٽي آيا ۽ ڳوٺ جي ٻاهران کٻڙن ۾ اچي، وڻا ۽ جهنگ وغيره وڍي ميخانو آباد ڪيائون جو اڄ بہ قائم آهي ۽ هميشہ قائم رهندو. هڪ ڏينهن سائينءَ خيرالدين شاھ بادشاھ خيال ۾ اشارو فرماين تہ "محمّد تو ۾ اجا بہ ڪجھ اَنا باقي آهي سا بہ ختم ڪر" محمّد سائين جن جيئن تہ سرداري گهراڻي جا هئا ۽ خان سڏبا هئا تہ سائين جن پنهنجي اُن خانيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڳوٺ ۾ گدائي ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ڦيريائين ئي پنهنجي گهر جي در تي صدا ڏنائون. اهڙي طرح نفس جي اَنا کي ماري مات ڪيائون. اُن لاءِ ئي سائين جن پنهنجي هڪ شعر ۾ فرمايو تہ:

"خانيءَ وارا خيال ڪڍي ڇڏ تون قلب مئون"

پوءِ طالبن جو راز ظاهر ڪيائون ۽ ڪيترائي طالب فيضياب ٿيا. سائين جن سڀ مسڪين طالب ڪيا. اميرن تي توجھ نہ ڪيائون فرمائيندا هئا تہ ابا، امير ماڻهو وري اسان جي مسڪين فقيرن کي گهٽ سمجهندا. هڪ روينيو آفيسر ڪين زمين جي آڇ ڪئي تہ سائين جن فرمايو تہ "ابا اسان پنهنجي مال ملڪيت ئي ڇڏي ڏني آهي تہ تنهنجي زمين کي ڇا ڪنداسين" پوءِ بہ اُن آفيسر هڪ مسڪين فقير کي زمين جو ٽڪرو ڏنو.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

پاڻ فرمايائون ته ابا مان ڪو وقت مستيءَ ۾ الاهي عشق ۾ جهنگ جَهر ۾ جبلن ۾ به ڀٽڪندو رهيس. ڪنهن وقت اهڙو جوش چڙهي جو چوان ته ”محمّدا هن جبل تان ڪٽي پاڻ سَٽِ ته پرزا پرزا ٿي پوين“ پر وري هوش اچيو وڃي ته ”نه محمّد ائين نه ڪبو“.

پاڻ سگهورا صاحبِ ڪرامات به هئا. ڪنهن دفعي ڪي ماڻهو سائين جن سان وڙهڻ جي خيال سان آيا. ڇا ڏسن ته سائين جن جو جسم ٽڪرا ٽڪرا ٿيو پيو آهي وٺي پوئتي ڀڳا. ڪجهه دير ڪان پوءِ خبر پين ته محمّد سائين جن ته زنده وينا آهن. پوءِ اُهي ماڻهو توبهه تائب ٿيا ۽ سائين جن جي قدمن تي اچي ڪريا.

هڪ دفعي گهوٽڪي شهر جي ڪنهن ماڻهوءَ جو ڇوڪرو گم ٿي ويو. ڪافي تلاش باوجود نه مليو. اُن جي پيءُ ڪي ڪنهن ڏس ڏنو ته محمّد سائينءَ جي درگاهه تي وڃ پوءِ ان اچي درگاهه تي دعا گهري. چند ڏينهن ۾ اهو ڇوڪرو پنهنجي گهر جي دروازي تي مليو. پڇيائونس ته تون ڪٿي هئين ۽ هتي ڪيئن پهتين. ڇوڪري ٻڌايو ته مان ڀٽڪي ڪنهن انديا جي شهر ۾ وڃي پهتو هئس. اُتي سائي لباس ۾ ڪو فقير آيو جيڪو مون کي هٿ ۾ پڪڙي هتي ڇڏي پاڻ غائب ٿي ويو. هن جو پيءُ سمجهي ويو ته اها ڪرم نوازي محمّد سائين جن ڪئي آهي. پوءِ ان شخص عقيدت وچان سائين جي مقبري لاءِ سِرُون به ڏنيون ڪيئي ڪرامات آهن، هن بيان ڪي مختصر ڪجي ٿو.

پاڻ سگهورا انتهائي سادگي پسند هئا، سائي رنگ جو پهراڻ، سائي رنگ جي دستار مبارڪ، نيري رنگ جي شنوار ۽ پيرن ۾ گهيتلو جُتي پائيندا هئا. ظاهري ڏيکاءَ لاءِ ڪڏهن به گيڙو ڪپڙا نه پاتائون. پنهنجي هڪ شعر ۾ فرمايو اٿن ته:

”صوفي ٿيڻ نه سُترو، تو سڏائي سَيڪو،
سِيڻيا وَتن سِيٽ ۾، نه پائڻ تا مَٽ ڪو،
مُوڙهن ٻڌو متي تي، ڪٽي گيڙوَ جو پَٽڪو،
ناحق جو نَٽڪو ”محمّد“ مارائيندو موچڙا“

پاڻ سگهورا وڏن اوليائن جا همعصر ۽ صحبتي رهيا، پنهنجي طالبن سان گڏ ڪافي سير سفر به ڪندا هئا، سندن طالبن ۾ ڪيترائي راڳي ويراڳي به شامل هئا. سائين جن پاڻ به راڳ ۽ راڳڻين جي سٺي ڄاڻ رکندا هئا. جهوڪ شريف جو ان وقت جو گادي نشين سائين عبدالستار به سندن صحبتي هئا جن ڪين درگاهه تي ڪافي ٿاهڻ لاءِ جاءِ عنايت ڪئي. پوءِ سائين جن طالبن سان گڏجي اُتي ڪافي ٿاهي جيڪا اڄ به لڪي دروازي جي پرسان موجود آهي.

پاڻ سگهورا ”وحدتَ الوجود“ ۽ ”همَہ اُوست“ جا قائل هئا ۽ قادري قلندري طريقو رکندا هئا. سندن شاعري به

Gul Hayat Institute
Scanned with CamScanner

آفاقي ۽ وحدانيت واري آهي.

سائين جن هر ڪنهن سان وڏي پيار ۽ پاٻوهه سان ملندا هئا. سائين جن جو پاڪر پاڻ ايڏو ته سهڻو ۽ پيار پريو هوندو هو جو ڪڏهن نه وسري سگهندو. ملنسار ۽ تمام مٺي طبيعت جا مالڪ هئا. آهستگيءَ سان ڪلام ڪندا ۽ مسڪرائيندا هئا. سندن سمجهائڻ جو طريقو به تمام بهترين هوندو هو. هڪ دفعي مون تجاهِل عارفانه سان سائين جن کان با ادب نموني پڇيو ته "سائين اگر اسان جي ڪنهن سان پاڪ محبت هجي ته اُن کي چُمِي ڏيڻ ۾ ڪو حرج ته ڪونهي؟" سائين جن مون ڏي مسڪرائي ڏٺو ۽ فرمايائون ته "ابا اسان ڪباب جون ٻه سيخُون پچايون ٿا. هڪ کي ٽانڊن تي تا رکون ۽ ٻيءَ کي پري سيڪَ تي ٿا پچايون. پچي ته ٻئي وينديون. پر جيڪا ٽانڊن تي رکيل سيخ ڪٿان سڙي ويندي ته ڪٿان صحيح پچندي پر صرف سيڪ تي پڪل سيخ بلڪل صحيح پچندي. اهڙي طرح مجاز به پري کان پچائڻ صحيح آهي"

اسان سائين جن وٽ جڏهن به حاضر ٿيندا هئاسين ته پڇندا هئا ته "ابا پوئتي ٻچن ٻارن جو خيال ته رکي آيا آهيو يا نه؟" اگر انهن کي ناراض ڪري آيا آهيو ته پوءِ مان به توهان کان راضي نه ٿيندس. چو ته انهن جو به اسان تي فرض رکيل آهي، انهن جي خدمت ڪرڻ به الله ڏي قدم آهي. پاڻ ائين به فرمائيندا هئا ته "ابا ڪو لک روپيا به منهنجي اڳيان رکي ته به آئون خوش نه ٿيندس پر آئون ان مان خوش ٿيندس جيڪو منهنجي ڏسيل راهه تي ثابت قدم رهي ۽ پنهنجي دم قدم جو خيال رکي" فرمائيندا هئا ته طالب کي مرشد تي ويساهه ئي منزل تي پهچائي ٿو جيئن هڪ شعر ۾ فرمايو اٿن ته:

"تڪو اسين تڪو الله، تڪا ٻيڙي تڪو مَلاحُ،

وچ تي ويساهُ، "محمّد" تاري تارَ مَئُون".

محمّد سائين جن جليل القدر اولياءَ هئا، سندن روحاني فيض ۽ تعليمات جو احاطو ڪرڻ مشڪل آهي،

**وصال:** پاڻ سڳورن 5 آگسٽ 1959ع بمطابق 21 صفر 1379 هجري بروز اگارو سکر ۾ "وارِي تَڙ واري ميخاني" تي وصال فرمايو. وصال وقت سندن عمر 63 سال هئي. سندن درگاهه گهوٽڪيءَ کان چار ڪلو ميٽر اولهه طرف ڳوٺ "حسين ٻيلي" ۾ مرڪزِ رجوعات آهي. جتي هر سال 21-22 ۽ 23 صفر تي ساليانو عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي. هر جمعي جي رات تي به ڏهاڙو ٿيندو آهي. ۽ راڳ ويراڳ به ٿيندو آهي. (بابا مُحبّ سائين جن جي مجالس مان ورتل).

## "خاص صحبتي ۽ همعصر":

سائين وارث شاهه (جهوڪ شريف وارا)، سائين عبدالستار شاهه (جهوڪ شريف وارا- اُن وقت جا گادي نشين)، سائين چيزل شاهه (فتحپور بلوچستان وارا)، سائين داتا ولايت شاهه (اَنباهَه شريف وارا)، سائين

Gul Hayat Institute
Scanned with CamScanner

محمّد مگسي، دائم فقير مگٹهار، حاجي ادريس گهوٽو، مُلا ابراهيم فقير گهوٽو، خدا بخش فقير گهوٽو، عظيم فقير ميربحر، شير علي فقير ميربحر، مِهر فقير گبول، بَهرام فقير لُندُ (نانگو)، رمضان مَنگي، اُٺ فقير مَنگي (مُتو)، ڳهٽو ميربحر، گنهوَرُ چانڊيو، موالي گهنجُو، محمّد صالح چارڻ، يار محمد چاچڙ، نور محمّد گهوٽو (ٻَنڊيءَ وارو)، صابل فقير - حڪيم مگسي، عَبداللطيف ڪولاچي، الهڏتو فقير وَسِير، غلام محمّد پَيو، دوسَن پناڻ، سومر فقير ڏکڻ (پاڙِن پَنيو)، سومر چاڪِي، نُورل چاڪي، سچل فقير پناڻ، جان محمّد ڪُنير (جانُو)، خاوند بخش ڏکڻ، امير بخش چارَڻ، خان محمّد چارَڻ، غلام محمّد گهوٽو، عبدالرحيم فقير دايو، خان محمّد ڪُنير، محمّد سچل ڪولاچي.

**ضلعو ڪَشمور- ڪَنڌڪوٽ:** مير نظر محمّد خان سُندراڻي، مير زيندي خان سُندراڻي

**ضلعو لاڑڪاڻو:** بچلُ فقير شيخ، نَبن فقير ڪُوڪارِي، نازل فقير آگاڻي، اختر علي آگاڻي، رسول بخش آگاڻي، حاجن پُنو، محمّد قاسم پُنو، تڳيل ميربَحر، لَڌل فقير مِيربَحر، نُور محمّد مير بحر، ارباب فقير مِير بَحر، شير فقير ڪلهوڙو (باغ جو مالهي).

**ضلعو سکر:** غلام رسول سومرو، بهرام فقير سومرو، محمّد عيسيٰ سومرو، دين محمّد قريشي، علي نواز قريشي، محمّد قاسم پنو، غوثل پنو، رَبن ففيرپنو، نازل پنو، حُسين بخش پنو، عبدالله فقير انصاري، محمّد عالم انصاري، مومن منگي، سيّد عيدن شاهه، سيد ابراهيم شاهه، ارباب علي شاهه، محمّد فاضل شيخ، منشي فقير شيخ (دين محمّد وارو)، مِينهُون خان ولد جانب خان (پوليس ڪانسٽيبل)

**ضلعو شڪارپور:** نازل فقير انصاري، نازل فقير ٻرڙو

**ضلعو خيرپور:** دين علي فقير ٻرڙو، پُنهل فقير ٻرڙو، سليمان فقير ٻرڙو، (ڪِڪو فقير).

**ضلعو نوشهرو فيروز:** سارنگ فقير چانگ، غلام علي فقير چانگ.

**ضلعو سانگهڙ:** محبّ علي فقير ٽالپر، محمّد ابراهيم ميمڻ

**ضلعو ٺٽو: (جهوڪ شريف):** رام فقير (هندو)، رحيم فقير (هندو)

**سائين جن جو اولاد:** پاڻ سڳورن چار شاديون ڪيون. وڏي گهر مان هڪ نياڻي ٿي ۽ ننڍي گهر مان هڪ شهزادو (عبدالحق) ٿيو جيڪو ڪمسنيءَ ۾ ئي وصال ڪري ويو. نياڻي پاڪ جنهن کي سيئي ”جيجي صاحبه“ سڏيون ٿا، سابه وڏي منزل ۽ معرفت جي مالڪ هئي. جيجي صاحبه سردار مَحمُود خان (مَحمّدڻ فقير) گهوٽو جي زُوجيَت ۾ آيون پر ڪين ڪوبه اولاد نه ٿيو. مَحمّدڻ سائين جن کي ٻئي گهر مان اولاد ٿيو. جيجي صاحبه 2004ع ۾ تقريباً 80 سالن جي عمر ۾ وصال فرمايو. سندن مزار درگاهه تي روضي پاڪ جي اتر طرف الڳ ڪمري ۾ آهي، ننڍڙي شهزادي جي مزار روضي اندر سائين جن جي

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

پيرانديءَ ۾ آهي.

**درگاهہ جي سَرپَرستي:** 1959ع ۾ سائين جن جي وصال کان پوءِ "جيجي صاحبہ" جن تاحيات حقيقي سرپرست رهيون، پاهر درگاهہ تي سائين مَحمدڻ فقير گهوٽو بہ ڪجهہ وقت سار سنڀال ڪئي، سائين ڏنو (سائينل فقير) گهوٽو جن بہ رياضت ڪندا رهيا. ان کان علاوه شهيد غوثل فقير ڍڪڻ (سومرو) جنهن کي سائين جن ٻاروتڻ کان وٺي خود پاليو هو تن بہ درگاهہ جي خدمت ۽ رياضت ڪئي پر 1976ع ۾ مشيعتِ ايزديءَ سان پاڻ شهيد ٿي ويا. اُن بعد سائين ڏنو (عرف سائينل) ولد صادق علي گهوٽو جن جيجي صاحبہ جي سرپرستيءَ ۾ گادي نشين ٿيا، پاڻ تقريباً 1947ع ۾ تولد ٿيا ۽ مُحمّد سائين جن جا ڀاٽيجا هئا. مُحمّد سائين جن جو مَتِن خاص راز ٿيو جو ڪين نئديڻ ۾ ئي طالب ڪيائون ۽ تربيت بہ ڪيائون، سائين جن جي وصال وقت سائينل سائين جن جي عمر تقريباً ٻارهن سال هئي، پاڻ ڇهہ درجا سنڌي ۽ ناظره قرآن شريف پڙهيل هئا. سڄي زندگي درگاهہ ۽ فقراءَ جي خدمت ڪيائون، سائينل سائين جن سادگي پسند، مانِيٽا ۽ پُرمعرفت هئا. پاڻ تاريخ 27 جمادي الثاني سن 1433 هہ بمطابق 18 مئي 2012ع بروز جمعة المبارڪ مغرب وقت وصال فرمايائون سندن مزار سائين جن جي روضي اندر اوپر طرف آهي، روضي اندر اولهہ طرف سردار مَحمّدڻ فقير جي مزار آهي.

بابا سائينل سائين جن جا ٽي فرزند آهن:

(1) صادق علي (عرف اقبال سائين (M.Sc. (Math's ۽ ايم. اي (سنڌي) ڪيائون، هن وقت استاد آهن ۽ درگاهہ جا سرپرست بہ آهن.

(2) احمد علي سائين .B.Sc ڪئي اٿن، هن وقت استاد آهن، درگاهہ ۽ فقراءَ جي تمام گهڻي خدمت ڪندا آهن.

(3) طالب حسين سائين (:B.E (Mech ڪئي اٿن. مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي خيرپور ڪئمپس ۾ ليڪچرار آهن. صدقِ دل سان درگاهہ جي رياضت پڻ ڪندا آهن.

Gul Hayat Institute

مَحمدڻ سائين جا فرزند ارشاد علي سائين، گهوٽا برادري، درگاهہ جا طالب ۽ ٻيا عقيدتمند فقراءَ بہ رياضت ڪندا آهن. چند سالن کان منظور احمد خان گهوٽو، عبدالرؤف "پارس" دايو ۽ ٻين دوستن جي ڪاوش سان ميلي جي موقعي تي هڪ روزه ادبي ڪانفرنس "صوفي مُحمّد فقير فائونديشن" جي زيرِ اهتمام منعقد ڪئي ويندي آهي.

مالڪ سائين سڀني رياضت ڪندڙن کي جزائي خير ڏئي – آمين.

Scanned with CamScanner

# “منظومِ مُحَمَّدِي”

[حصو پهريون]

## (ڪافيون، ڪلام ۽ غزل)

Gul Hayat Institute

# شانِ مُصطفيٰ ﷺ

## ڪافي-1

(سُر تِلنگ)

چڙهيو اڄ سيج تي بَنرو[1]، مُنور مَه لَقا[2] مُربِي[3]،
تيون شاديون ۽ شُڪرانا، اَجهو آڏار آ عربِي.

پهري پوشاڪ سِر لَوْلَاڪَ، دُرُ[4] دَستار ٻڌي آيو،
جامي جَهلڪار سُتَڻ سَلوار، چادر چوڌار بِي چِٽبِي.

لُونگيءَ جي لذت زَرِي زَرِبفتُ[5]، ڪُليو اڄ بخت بيحد آ،
جُتِي جِنسار پِرين پيزار[6]، چُميان لڪ وار هَر هَر بِي.

مُزَّمِلُ موڙ جانب جوڙ طٰهٰ توڙ توحيدي،
پَڪي يٰسٓ ساڻ يقين، پڙهه مُبِينُ بَرسَر بِي.

ٻَڌي ڳانا تيا شادانا، مَلڪَ مَستانُ مُرسل تي،
هَنسِي[7] حُوران ڪري گهُوران، لاوان ڏِن[8] گهوٽ کي گهَر بِي.

دائـم دارين قَابَ قَوسَينِ[9]، داوَرَ دامـن گـهران تـو مـان،
”محمّد“ مشتاق، تون آنُ حق پاڪ- اعليٰ عين اَنور بِي.

---

(1) گهوٽ، (2) چنڊ جهڙو، (3) پالينڌڙ، نگهدار، (4) سچو موتي، (5) ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم، (6) پير- قدم- پيرن جا نشان، (7) ڪِلِي، (8) ڏِين، (9) ٻن ڪَمانَن جو مفاصلو (معراج جي واقعي ڏانهن اشارو آهي).

**نوٽ:** =طٰهٰ، يٰسٓ، مُزَّمِلُ- حضور پاڪ جا لَقب آهن، آيتن جا نالا بہ آهن.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-2 (سُر تِلنگُ)

صنم سردار سرور جو، ثَناگر تو سڏايان مان،
دائم داوَر سندي در تي، صحي سِهرا سٽايان مان.

شهنشاه شَفِيع جي شادي، مُلڪن ۾ مُنادِي،[1]
عاشقن کي آزادي، ڳَلِي ڳِلِي ڪري ڳايان مان.

محڪم مير مُرسَل کي، موڙ ٻڌا ها مَلڪَن،
حوُرن ساڻ هڪ تي، ڏاوَڻ[2] ڏايان مان.

چڙهي بُراق[3] تي چئنچَل، سرور سَير ڪيو سارو،
مُشڪ عطر ڪَستُوريون، واسَ وَسايان مان.

هٿن پيرن جي مينديءَ لَئہ، ساهيڙين کي سَڏايان مان،
نئين تنهن گهوٽ کي گهر ۾، ڳاڙهو ڳانو ٻَڌايان مان.

اديون اڄ گهوٽ ٻَنري لَئہ، سُرهِي سيج وِڇايان مان،
مَڏيُون هي مال سڀ تنهن تئون، "محمّد" گهوري گهمايان مان.

---

(1) پڙهو ڏيڻ، خوشخبريءَ جو اعلان، (2) گهوٽ کي سُٽَ جو ڌاڳو يا ريشمي ڌاڳو ٻڌڻ، (3) اها سواري جنهن تي حضور پاڪ ﷺ جن معراج تي ويا هئا.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## كافي - 3

(سُر توڙي)

ويکو عالي تاب حُسن دا هئي، کباب جگر کريندا هئي.

'لَوۡلَاكَ لَمَا'[1] لقب شاهي دا، اَنوارُ 'اَنااَحَدۡ'[2] اِلاهِي دا،
مهتاب[3] روشن رُخ ماهي دا، "کُنتُ کَنزٌ مَخۡفِيًا"[4] دا هئي.

يٰسٓ طٰهٰ تَبارَ مُزَّمِلُ، شان تيڏي وچ هوئي نازل،
"وَالَّيۡلِ وَالضُّحیٰ" تو تجمّل[5]، گُفتا گُوناگُوني گُن دا هئي.

اعليٰ عين عجيب واه عربي هئي، محبوب مُنور مُرَبِّي هئي،
جابر جنگي جَوشِي جَذبِي هئي، فالم فوج فکر هر فَن دا هئي.

اِتان آوڻ سِيتي[6] آزاد کُلِي، هويا شَمس قَمر شَمشاد[7] کُلِي،
"محمّد" ويراني آباد کُلِي، مالک بَر بَحرين[8] بَن[9] دا هئي.

---

(1) 'اجا تائين نہ هجي ها'، (2) 'آئون اکيلو (الله) آهيان'، (3) چنڊ، (4) 'آئون هڪ لِڪل خزانو هئس'- ق-ش، (5) زيبائش، شان شوڪت، (6) ساڻ، سُوڌو (حرف جر)، (7) هڪ خوبصورت وڻ جو نالو، (8) سمنڊ، (9)جهنگل – ٻيلو- بر= رڻ پٽ.

**نوٽ:** يٰسٓ -طٰهٰ- تَبارَ (تَبٰرَكَ الَّذِيۡ)- مُزُّمِلُ، وَالَّيۡلِ وَالضُّحیٰ - هي سڀ قرآن شريف جي آيتن جا نالا آهن.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## كافي -4 (سُر توڙي)

لاڏو آيو اڱڻ شُڪر شادي تي،
ويـــڙهي ويـــڙهي مبارڪبادِي تي.

جنهن ڏينهن لاڏل ڄايو هو، باغ حُسن بَرسايو هو،
مُلڪان مُلڪِ شهر مُنادِي[1] تي.

"وَالَّيلِ وَالضُّحٰی"[2] وصف ولايت، هر دو جهان ۾ عَينَ عنايت،
عشق وارن اِمدادِي تي.

ڇَـــتُ لَـوْلَاڪِي شاهنشاهي، "اَنَـاَاَحْمَدُ" راز اِلاهِي،
"محمّد" عالم ساري آزادي تي.

(1) خوش خبريءَ جو اطلاع. (2) قَسمُ آ "رات ۽ ڪَچِڙِي منجهند" جو. (ق-ش).

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## كافي - 5 (سُر كسوري)

شـاهُ حُـسن شَهزادو آيــو، پِـرتِ وَنــدو تي پـيـرَيـري.

پنهنجي پاڻَ پَسڻَ جي خاطر، اَلاِنُسَانِ رُوپُ كري.

"لَوُلَاكَ لَمَا"[1] جو تاج پائي، دُرسُ دِلاوَر ڏيان ڌري.

سك وارن كي سهڻا سائين، ماريو تُنهنجي ذَوقَ ذَري.

نازك ناتي نيك نظر سان، مَجُ مُدامِي مَنجهِ ٻري.

دم دم ۾ آ داتا دائم، "محمّد" تو كئون نانهِ پري.

(1) "اجان تائين ساروئِي نہ هجي ها- "اللهؔ فرمايو تہ "اي محمّد ﷺ "- جيكڏهن توهان نہ هجو ها تہ هي آسمان يعني دنيا پيدا نہ ٿئي ها".

**نوٽ:** اللهؔ فرمايو تہ: "لَوُلَاكَ لَمَا خَلَقْتُ الْاَفْلَاكَ" ان حديث پاڪ ڏانهن اشارو آهي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-6 (سر جَهنگلو)

دَرِ اوهان جي داتا، آهيان مان پينارِي.[1]

ڪاٿي ڇڏ تون غيرُ، فَڪلُ[2] قَندُ قيرُ،
سَروَرَ صفا سَيرُ، بخشين برهه بهارِي.

دل جي درِي ڪولِ، قورا[3] نه پيا قولِ،[4]
قادر ڪَجاڻ ڪولِ،[5] ننگ پالين نِڪارِي.[6]

ڏِڙِي لاهج ڏِڪَ، پرين پيارج پِڪَ،
هردم هِڪا هِڪَ، پيائيءَ ڏي ٻهارِي.

شُغل شَوقُ شاهي، اندرِ مَنَ ماهِي،
بيواهن جو واهِي، سَتُر ڪر سَتارِي.

عربي اَحمَدُ جامَ، آهيان تُنهنجي سامَ،
"محمّد" ڏي تون مامَ، تڳان تُنهنجِي تارِي.[7]

---

(1)پينُو- پِنڻ واري، (2)، دوکو- ٺڳي، (3) سُتَ جا ويڙها، (4) ڪول، [قورا قولهڻ = راز کولڻ- عيب ڳولڻ]
(5) پنهنجي ويجهو (6)ناڪاره- بيڪار، (7) آسرو.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## كافي - 7 (سُر پيلو)

يا شَفِيع يا شَفِيع!، يا شَفِيع يا شَفِيع! [1]

در تہ تنهنجي تي مشتاق ماندا، عاقل اَڪابَر سوين خان خانُدا،
اُمالڪَ اَري عشق جي ۾ تو آندا، يا شفيع يا شفيع!

لڳي نوڪَ نينهن جي جنهن کي جِگر، ساڙي سوزُ تَنهنجو هِي سارو صَدر، [2]
جَلائي جسم کي مِٽيءَ جان مگر، يا شفيع يا شِفيع!

جمالِ حُسن جي هَئي هَئي آ حيرت، قادر قديمي تُنهنجي آ قُدرت،
شَب روز رهبر سَندي تو آ رحمت، يا شفيع يا شفيع!

ضَعِيفَن جو ضامن ازل کان بہ تون، "محمّد" کي پيارينءِ ڪَوثر بہ تون،
پڙهان پرت مئون تو "لَاتَقْنَطُوا"، [3] با شفيع يا شفيع!

---

( 1 ) شفاعت ڪندڙ- بَخشائيندڙ. ( 2 ) سِينو – ڇاتِي. ( 3 ) "الله مان آسرو نہ لاهيو" (ق.ش)

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-8 (سُر پيلو)

حق حقيقت سِرُ صَحِي، اَحمَدِي اَنوار آ،
بي مِثل بيچِگُونه[1]، اِبتدا اِسرار آ.

حسن واري باغ ۾، مان سَير ڪَيُم ثابت صحِي،
پـارس پـرين پـيارو پـنجـن ۾، گـوهَـرِ گُلـزار* آ.

عشق مئون پيدا الف ڪيو، واسطي پنهنجي پَسَڻَ،
مِيمُ مُرڪِي آيو سو سين سينگار آ.

مُشڪ عَنبر هِيچ پانيان، عطر ۽ ڪَستُوريُون،[2]
ڪامِلَ سندو ڪونين[3] ۾، واهُ عجب هُبڪار[4] آ.

جانُ نهاريان مانِ نيٽن سان، چؤ طرف چمڪار آ،
"محمّد" چوي اَحمَد سندو دائمِي ديدار آ.

---

(1) جنهن جي خبر نہ پوي تہ ڪيئن آهي، (2) مُشڪ- ڪٿُوريُون، (3) ٻنهي جهانن، (4) خوشبوءِ
* باغ جو موتي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-9

(سُر پيلو)

نَينان نِسَنگَ[1] خوب خَتنگَ[2]، ميڏي دلبر يار دي نِي،
اَبرُو[3] آر تيز تلوار، مُژگانُ[4] مَينُون ماردي نِي.

لَبان[5] لعل رُخ[6] تي خالُ،[7] پَئُونري پَئي پُٽڪاردي نِي،
موتي دَندانِ[8] چَمڪ چَندانِ،[9] لِسان[10] لُطف دار دي نِي.

بَر سَر بِيني[11] رنگَ رنگيني، گوشُ[12] گُلزار دي نِي،
زَنَـخـدان[13] شـمع دان، پَـهـگِڻ پَـئي بـارِدي نِـي.

نُورِي نافُ[14] صَدر[15] صاف، ڪامل قُربدار دي نِي،
بيشڪ بِيهَڪ، چَهبَڪ چاهَڪ، قامَت[16] بَرقرار دي نِي.

حُسن حيرت، صاف صورت، جهَگِ مَگِ جَهلڪاردي نِي،
"محمّد" مورت، سُهڻي سِيرت، صِفتان[17] ساريان سردار دي نِي.

---

(1) ظاهر، (2) تيز- چالاڪ، (3) ڀِرُون، (4) پِنبڻيون- اک جون پَلڪُون، (5) چَپَ، (6) مُنهَن -چِهرو، (7) تِـرُ، (8) ڏند، (9) چَندنِ جهڙي، (10) زبان، (11) نَڪُ، (12) ڪَنَ، (13) ڪاڏِي، (14) دُنَ، (15) سِينو- ڇاتِي، (16) قَدُ، (17) تعريفون.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-10 (سُر پيلو)

صَلِّ عَلیٰ[1] صَلِّ عَلیٰ، صَلِّ عَلیٰ صَلِّ عَلیٰ.

هَر دو جَهان ۾ سُنهين[2] سَرور، تارن چند ۾ آفتاب اَنور،
باقي بلند آهين، بالا بَرتر، صَلِّ عَلیٰ صَلِّ عَلیٰ.

اَجهو اَڙين آڌارُ تون عربي، هيڻن جو همراهه تون حَسبِي،[3]
آهي روحاني راز تو رَبِّي، صَلِّ عَلیٰ صَلِّ عَلیٰ.

صِفَتِ ثَنا ڪرڻ جي طاقت، نانهه زبان کي ڪائِي هِمت،
بس فقط تي گُهرجي رحمت، صَلِّ عَلیٰ صَلِّ عَلیٰ.

Gul Hayat Institute

اَنَا اَحمَدُ اِرشاد ڪرين تو، عشاقن اِمداد ڪرين تو
”مُحمّد“ تي مِيعادُ[4] ڪرين تو صَلِّ عَلیٰ صَلِّ عَلیٰ.

---

(1) ”درود پڙهو حضور ﷺ تي“، (2) سُونهين- سهڻو لڳي- وڻي، (3) خانداني شرافت ۽ بزرگيءَ وارو، (4) وعدي جي وقت تي قائم رهڻ.

(سُر ڪَنيات)

## ڪافي-11

مُرسَلَ مِيرَ مَدني لاڏا، تُنهنجي صِفتِ ثَناءَ ڪيان.

مَلڪَ[1] فَلڪَ[2] جِنَ اِنسَ[3] بَهائِم[4]، سجدا ڪَيَئِي زمينَ.

عربَ عَجم[5] ۾ مَٽُ ناهي تُنهنجو توڙي گُهمان مُون[6] چِين.

سَيرُ "سُبحانَ الَّذِيٓ"[7] ٿيو واه قُرب "قَابَ قَوْسَيْن"[8].

گهوڙو آندائون گهوٽ لئي اديون، مٿئون ذِي نُور[9] زِينَ[10].

نازل نُور تَبارَ مُزَّمِلُ، تَعريف طٰهٰ يٰسٓ.

"محمّد" تي ڪر مِهر مدامِي، اُمت جا تون اَمِينَ[11].

Gul Hayat Institute

(1) ملائڪ- فرشتا، (2) آسمان، (3) انسان جو جمع- اِنسانَ، (4)، حيوانات- جانور، (5) عربستان کان سواءِ ٻيا مُلڪَ، (6) مان- آئون. (7) "جنهن هڪ پاڪَ جو"، (8) "ٻن ڪمانِن جيترو"، (9) نُوراني، (10) گهوڙي جي پُٺيءَ تي رکڻ وارو هڪ سَنجُ، (11) امانت رکندڙ-نياڪڙي ڪندڙ- حضور پاڪ ﷺ جو لقب.

**نوٽ:** نُورُ، تَبارَ (تَبٰرَكَ الَّذِيٓ)-مُزَّمِل، طٰهٰ -يٰسٓ- قرآني آيات آهن -نُورُ-مُزَّمِل، طٰهٰ -يٰسٓ- حضور پاڪ ﷺ جا لقب آهن.

Scanned with CamScanner

## ڪافي- 12

**(سُر بَسَنتُ)**

بادِ[1] خِزان[2] دِي گُذر ڳَئِي هُڻ، آيا بَسنتُ بهاران جِي.

"لَوۡلَاكَ لَمَاخَلَقۡتُ الۡاَفۡلَاكَ"[3]، تاج پايا سرداران جِي.

"خَلَقَ الۡاَشۡيَآءَ وَهُوَ عَيۡنُهَا"[4] هَرجا حُسن هزاران جِي.

گُوناگُون[5] هويا گُل پيدا، بُلبُلان ڇِڪاران جِي.

هر دو جهان وچ هر دم هوئي، "مُحمّد" مِينگهه مَلهاران جِي.

---

(1) هوا. (2) سَرءُ جي موسم. (3) اللهﷻ فرمايو ته: "اي محمّد ﷺ! اگر آئون توهان کي نه خلقيان ها ته سارو جهان نه خلقيان ها"- (4) "سيني شين جي تخليق، اُن حقيقي وحدت مان آهي". (5) طرح طرح جا- قِسمين قِسمين.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(سُر ويهاڳُ)

## ڪافي - 13

مَئَن ہَلهارِي[1] تيرِيان، مَهراجا راجا راجا.

تيري سِوا مُجهي ڪوئي نا پاوِندا، تون جلدي آجا آجا آجا.

دم دم داتا دير نہ ڪَرنا، پيچ پِريتِي پاجا پاجا پاجا.

"لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ"[2] دو جگ[3] بارا[4] چاجا چاجا چاجا.

راز نِهانِي[5] دَئو[6] دَرُونِي[7]، برهہ بَجاوِين باجا باجا باجا.

"محمّد" نال مُدامِي هووين، خَيرُ الوَراءَ[8] خواجا[9] خواجا خواجا.

Gul Hayat Institute

---

(1) قربان ٿيان- صدقي ٿيان، (2) "الله جي رحمت مان آسرو نہ لاهہ". (3) ٻنهي جهانن جو، (4) بار- وزن، (5) لڪل- ڳجهو، (6) روشني- سوجهرو، (7) اندروني، (8) خلق ۾ سڀ کان چڱو- (حضور پاڪ ﷺ جو لقب آ)، (9) مالڪ- آقا.

Scanned with CamScanner

(سُر لوڙائُو)

## ڪافي- 14

عشق عطا ڪر معاف خطا ڪر، مَدني مِيرَ مُدامُ،
تون جلد پيارج جامُ.

سائل جي سڪ پوري ٿي، تُرتُ تڪڙ سان تمامُ،
ہولَ ہَڏو ٿِي ڳُڻن ڳِڏو ٿِي، پاڙج قولُ اَنجامُ.

ويهي ڪيئن وساريان، تنهنجي ناتي نوايو[1] نامَ،
گهُورَ گهايو آ سور سَتايو، سَيّد تُنهنجي سامَ.[2]

لال لطيفي لَوَنَدُ[3] هَنيو تِي، لُونءَ لُونءَ[4] منجهه لَغامُ،
ياد اُهو آ روحَ رهيو آ، پرين تُنهنجو پَيغامُ.

خواب خوشي تي مُورُ[5] نہ پائئين[6]، نيڻن ننڊ حرامُ،
روئڻ راڙو ساهہ ڪي ساڙو "محمّد" آ ماتامُ.

---

(1) جُهڪايو. (2) امانت. (3) گهوڙي جي سَنجن ہَڏڻ جو هڪ رَسو (4) وارَ وارَ. (5) هرگز (6) وٽي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-15

(سُر ڪانرو)

داتا دلاور اگڻ منهنجي ايندين،
مريضن جو مؤلا دوا دارُون ٿيندين.

تنهنجي در تي دانهون ۽ آهون ڪيان ٿو،
ڏسڻ رِيءَ تنهنجي ٻيو نا گهُران ٿو.
قربدار قادر، غمڙا ڪَٽيندين.

سوالي نہ خالي ورائين ٿو ڪڏهين،
ڏُکيَن دانُ[1] داتا ڏيارين ٿو تڏهين،
رُليَن راهہ رهبر، رفاقت[2] رسائيندين.

مُلڪ[3] و فَلڪ[4] تي تنهنجو نغارو،
ديوَ پَرِن ۽ بَشَر تي نظارو،
تون ديوانِ دفتر[5]، عيبدارَ اَڏِيندين.

مُغان پِيرَ مائِلُ[6] "مُحمّد" مدامِي،
سردار سائين سدائين سَلامِي،
حامي روز محشر، وچ ۾ ويهائيندين.[7]

Gul Hayat Institute

---

( 1) خيرات – بخشش، (2) ساٿ ڏيڻ – همراهي ٿيڻ، (3) دنيا-زمين، (4) آسمان، (5) عدالت جو آفيس، (6) مُتوجه –شائق، (7)ويهاريندين.

Scanned with CamScanner

## ڪافي- 16

(سُر توڙي)

نالو تُنهنجو نُور نُمايان، مُلڪَن ۾ مشهور.

هِردي اندر هردم هادي، حاصل حال حضُور.

جِنَ مَلڪَ اِنسانَ اَمر[1] ۾، جنت حُور قَصُور.[2]

چوڏهن طبق سجود[3] ۾ ساجِد،[4] وڻ ٽڻ ٿيا وَهلُور.[5]

تابش تنهنجي تيز تجلي، ڪجهه ناهين ڪوهُ طُور.[6]

رڳ رڳ ۾ آ رهبر سائين، بِرهه سدا پَرپُور.

در تنهنجي تي داوَر[7] داتا[8]، "مُحمّد" ٿيو مَعمُور.[9]

---

(1) حُڪم. (2) قَصر جو جمع- معنيٰ محلاتون. (3) سجدو. (4) سجدو ڪندڙ. (5) بي چين- اُداس. (6)جبلِ طور جنهن تي رب پاڪ حضرت موسيٰ عليه السلام لاءِ پنهنجي تجلي وڌي تہ جبل سڙي پيو ۽ حضرت مُوسيٰ بيهوش ٿي ويو. (7) عادل — اللهؒ جو صفاتي نالو (8) ڏاتار- سخي. (9) آباد- پُر- پرپور

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-17 (سُر آسا)

آيا ميڏا يار، قربئون ڪَردا ڪافُ[1] ڪَشالا.[2]

"لَوْلَاكَ لَمَا خَلَقْتُ الْاَفْلَاكَ"[3] سُهڻل دا سينگار،
ڏَردا دورَنگي، سِر دوشالا.

"خَلَقَ الْاِنْسَانَ عَلٰی صُوْرَتِهٖ"[4]، دم دم دا ديدار،
هَرجا حاضر حُسن ڪَمالا.

"اَنَا اَحْمَدُ بِلَا مِيْمٍ"[5] وحدت دا واپار،
قول قديمي، قِيل مَقالا.

خُمَرَ(6) خوراڪِي ڪِينَ ڪَڪوريا(7)، مستو مست خُمار،
مانجهِي متارا، مئي متوالا.

"لَيْسَ كَمِثْلِهٖ"[8] مامَ محبوبي-"مُحمّد" دا منثار،
نئين نئين رنگ، ناز نرالا.

Gul Hayat Institute

---

(1) جبل- بيابان، (2) تڪليفون، (3) "اي پيغمبر ﷺ اگر تون نہ هجين ها تہ آئون زمين و آسمان ڪڏهن نہ ٺاهيان ها" (رب پاڪ)، (4) "مون انسان کي پنهنجي صورت تي ٺاهيو آهي" (رَبّ پاڪ)، (5) آئون اَحمد آهيان بنا مِيم جي" يعني اَحد= الله- (حديث نبوي)، (6) شراب، (7) نشي ۾ اکيون ڳاڙهيون ڪرڻ، (8) "ڪابہ شيءِ اُن جهڙي ڪونهي".

## ڪافي-18 (سُر پيروي)

تُنهنجي اچڻ سان جابَجا[1]، وڻ ٽڻ باغَ بَهاريا،
بُلبُلا خوشبُوءِ تي، ڀَؤنر وتن ٽا بانوِريا.[2]

سڪ ۾ سدائين ٽا رهن، مورَ ڪَبَڪانُ[3] ۽ مِرگهہَ،[4]
طوطا مَينا[5] گفتار ڪَن، خُمريون[6] خُمَرَ[7] ۾ خُماريا.[8]

رفتار رهبر جي ڏسي، حيوان ڪُل حيران ٿيا،
تُنهنجي قرب ۾ قابُو ڪَرِيا، سڪ ۾ وتن سِينگاريا.

تنهنجي حُسن جو جن ڏٺو، شعلو عجب هِي شور سان،
صُنعان جهڙي سالڪن، تقويٰ[9] جا ورق وساريا.

دارين ۾ دلبر اوهان، رَهبرَ آهيو روشن ضَمِير،
تنهنجي ثناخُواني[10] ۾ مٺا، "مُحمّد" دمَ گذاريا.

Gul Hayat Institute

---

(1) هَر هَنڌ. (2) مست ٿيا- ديوانا ٿيا. (3) چَڪورَ پکي، (4) هَرڻ. (5) ڪاري رنگ جو هولينڊڙ پکي، (6)دراصل هي قُمريون لفظ آهي- معنيٰ، ڳيريُون يا ڪَبُوتريون. (7) شراب. (8) نشي ۾. (9) پرهيزگاري، (10) تعريف ڪرڻ.

Scanned with CamScanner

## ڪافي-19 (سُر بَتِسُ)

مَرحبا مَرحبا يا سَيِّدا، مَجُ صَدا،[1]
هڪَ دَمُ جدا نا، مُدا[2] سِرُ فدا.

وَصُل واتِ وائِي، اَتم اِها سَدائِي، گهمان سارِي خدائِي، وَتان صاف سؤدائِي،
پلپل اِنهين پُورَ، گهايل آهيان گهُور، ڏي نِينهَن ناسُورَ، نُورِهُديٰ.[3]

تُنهنجو حُسن جَمالُ، قائم قُرب ڪَمالُ، بيحد بي مِثالُ، لاشَڪَ لازَوالُ،[4]
عاشق وَتن مستُ، رِندَ روز اَلستُ، دَست پا بَستُ،[5] دَر تو گدا.[6]

اَحديت[7] اَحوالُ، خاصُ الخاصِ خيالُ، بِرهُ سدا بَحالُ، ڪَيفي ڪَيف[8] ڪَلالُ،[9]
مٽي مَگهن[10] مَخمُورُ،[11] پَريو آهيان پَرپُورُ، مُحبَ ڪيو منظُورُ، عشق اَدا.

تَن ۾ تنواريان، مان وينو پُڪاريان، دم دم سَنياريان، مُورُ[12] نہ وساريان،
هڪڙِي ساڻ هَڪَل، حاضر تي حَلُ، "مُحمّدَ" بَغَلُ،[13] نامِ خُدا.

---

(1) پُڪارَ- التجا، (2) سدائين- هميشہ، (3) هدايت جو نُور، (4) ختم نہ ٿيڻ وارو، (5) هَٿين پيرين ٻَڌل، (6)سوالِي- پينو، (7)هيڪڙائي، (8) نشو (9) شراب ڏيندڙ- شراب ٺاهيندڙ – اصطلاحًا- مرشد، (10)خوش- مَست، (11) نشي ۾ خُماريل، (12) هرگز، (13) ڪَڇَ- اصطلاحًا: ياڪُر.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي- 20

مِـيـم دا بُرقعا پايا، اُلـٽا پـيـرُ[1] بـتـايـا،
عالم وچ اِها عبرت هوئي، لوڪئون لِڪڙا[2] لڪايا.

اَحَد وچون چا اَحۡمَدُ بن ڪر، واه جو چُپَن چُپايا،
ظاهر باطن حاضر هوندا، رَبي راز رَلايا.[3]
موج اِهين مستانا جو ڪِيتا، بيرنگي رَنگ لايا.

وَل چَل[4] ڏي نا ڪَل[5] ڪَنهين ڪُون، بازي جوڙ بَنيندا،
لک لک بيک[6] بناڪي يارو، اَصُلي نا ڏَسيندا،
ڳالھ ڳُجھي نُون سَمجهين سالڪ، روحي رُتبا چايا.

عرش زمين اَفلاڪان اُتون، بالا[7] هي بادشاهي،
ديو، مَلڪ،[8] جِن، اِنس،[9] بَهائم،[10] در تيڏي دي سپاهي،
حُـوران ڪُـل قـربـان ٿِـيـوَن، رَل مِـل سـهـرا ڳـايـا.

صفت ثنا دي طاقت ناهين، ڪِيوين ڪَران مَئن پُوري،
اَنت[11] ڪَنُون بي اَنت[12] ويکيو سي، دُور ڪَنُون هي دُوري،
قُلزم[13] ڪِين ڪنارو ناهين، ”مُحمّد“ هي بي پايان.[14]

---

(1) نمونو (2) ڳُجھُ، (3) مِلايو (4) انداز- نمونو (5) خبر (6) ٻهروپ- نمونو (7) مٿاهِين، (8) ملائڪ، (9)انسان (10) حيوانَ، (11) حد، (12) بيحد، (13) وڏو بَحر (14) جنهن جو ڪنارو نہ هجي- نہ ختم ٿيڻ وارو.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-21 (سُر پيبروي)

اَجهو[1] آرياڻِي[2] عَربي، واهَر[3] وِيرُ وِلهَن،[4]
معاف مَدايُون[5] ڪندين تون، آذَر[6] آهين اَڙِيَن.[7]

تو ڪئون سوا ٻيو ڪِينڪي، مون ڀانيان وَسِيلو،
ويچاريءَ جو واڻ تي، ٻيو هلي نا حِيلو،[8]
قرب ڪندين اچي قادري،[9] شل ڏِسين ناعَيبَن.

سِڪَ تنهنجي ۾ سائل[10] ڪيئي، درد ڪيا ديوانا،
مرد مُدامِي مائِل[11] تيڙا، محبت ۾ مستانا،
دَرَ تُنهنجي تي دادِلا، بيٺا رَتَ رَڙن.

بِرهَ بِشارَتَ[12] ڏي اِشارَتَ، هردم هوتَ اِچي،
مون نماڻِيءَ نظر ڪر، مانجهِي مرد مَچِي،
تون اَٻوجَهن آسرو، اَحمَدَ مون عاصِن.[13]

قدم قدم تي قائم رک تون، گهوٽ نہ وڇهجاڻ گهارِي،[14]
اِسمُ اِلاهِي عَينُ اندر ۾، قَلبُ ڪجاڻ جارِي،
"مُحمّدُ" جي سِڪَ پورِي ڪر تون، حامي آنُ هِيڻَن.

---

(1) اوٽَ- پناهہ، (2) معزز، (3)مدد، (4) نڌڻڪن- سُڃَن- محتاجن، (5) گناه- بُرايون، (6) آذار- سهارو، (7)مصيبت ۾ ڦاٿل، (8) اَٽڪل (9) شيخ عبدالقادر جيلاني، بادشاه پير دستگير سان نسبت رکندڙ، (10)سُوالِي، (11) خواهش رکندڙ، (12) خوشخبري، (13)گناهگارن، (14) جُدائي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-22 (سُر ڪوهياري)

ڏَر داتا جي دَم دَم، عاشق ايلاهُون.[1]

ايندين مون اَهوَحَهه ڏي، عربي ايڏاهُون.

ٻُڌِي ٻاجهارا ٻاجَهه ڪر، ڏُکِيءَ جون دانهُون.

بيرنگيءَ ڪي بَر ۾، رهبر ڏَسِ راهُون.

ڪَستئُون[2] قربدار ٿي، ڪنڌين تون ڪاهُون.

"مُحمّد" جو مَذڪُورُ[3] هِي، ٻَڌي ٻئي ٻانهُون.

---

(1) دانهون- منٿون- آزيون، (2) جوش سان- ارادي سان، (3) بيان- ذڪر.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## (سُر پَهاڙِي) ڪافي-23

وارثُ وِلَهن[1] جو واهَر،[2] والِي وفا وَسيلو،
هَر دو جَهان هردم، هادي حَقِيقُ[3] حِيلو.[4]

روزِ اَزل کان آهي، اِمداد عاجزن تي،
همراهه هر گَهڙِي آ، اِرشاد[5] عاشقن تي،
لُطف و ڪَرمُ لياقت، رهبر رضا[6] رَسِيلو.[7]

ديدار دلربا جو، معراج مَعنوِي آ،
اِسرار سِرُ[8] اِلاهِي، قائم قدم قَوِي[9] آ،
بالا بلند بقائِي،[10] اَحسَن[11] اَعليٰ اَصِيلو.[12]

---

(1) نِڌَڪَن- سَڃَن – بي سهارا، (2) مدد، (3) لائق، (4) بَهانو- تدبير، (5) نيڪ هدايت، رَهنُمائِي، (6)اجازت- خوشنُودِي، (7) رَسُ وارو- مٺو (8) راز، (9) سَگهو- طاقتور، (10) قائم رَهندڙ، (11) سُٺو- خوبصورت، (12) سُٺي اَصُل وارو- شريف.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

كعبو قُدسِي[13] قِبلو، قادر قديم قدرت،
هر حال ۾ هميش، هَئي هَئي رُڳِي آحَيرت،
جوشِي جَلالُ جَذبو، بيرنگ جو رَنگ رَنگِيلو.

اِبتدا[14] نہ اُن جِي، نہ انتها[15] بہ اَكٿر،
بيچُون[16] بيمثالِي، بَندو، ناهين بَشر،[17]
ذات خود ظَهُورو، كُٽمُ[18] نہ قَبِيلو.

اَحدَئُون[19] اَللہ مان ٿيو، اَنوارُ[20] عَينُ[21] اَحُمَدُ،
مشهور مُلڪ ماهِر، مَهندار[22] آ "مُحمّد"
پڳدارُ پيشوا[23] ٿيو، صاحب صفا سَبِيلو.[24]

Gul Hayat Institute

(13) پاڪ- نيڪ، (14) شروعات، (15) پڇاڙِي- خاتمو، (16)جنهن جو مثال نہ ڏئي سگهجي تہ هُو ڪيئن آهي، (17) انسانُ، (18) ڪُٽنب- خاندان، (19) وحدانيت مان- اڪيلائيءَ مان، (20) نُورَ جو جَمعُ آ- روشنيون- چَمَڪَ، (21) اَصُل وارو عمده، (22) اڳواڻ-رهبر، (23) اڳواڻ، (24)وسيلو پيدا ڪندڙ- تدبير ڪندڙ.

Scanned with CamScanner

## ڪافي -24

مَئن سِهرا[1] ڳاوان سردار دا، مدني مير مختيار دا.

شان لَوْلاَڪَ لَمَا خَلَقْتُ[2]، عالِي[3] عربي انوار[4] دا.

حُوران ملائڪ ڏيوَن مبارڪ، صاحب سِر سَنسار[5] دا.

گھوٽ مُحمّد تي اَنبياءَ جاڃِي، ڪاڄ[6] عجب ڪَلتار[7] دا.

"مُحمّد" مَنگتا[8] در مُدامِي،[9] مُحمّد هَي مَنتار دا.

---

( 1) ڳِيچ – ڳِيتَ. (2) رب پاڪ فرمايو تہ "اي نبي ڪريم ﷺ جيڪڏهن تون نہ هجين ها تہ آئون هي جَهان نہ خلقيان ها" (3) مٿاهون، مان وارو (4) نُور جو جمع – نُوراني – روشنيءَ وارو (5) دنيا، (6) شادي، (7)خالق، اُپائڻهار (8) منگتو-سوالي (9) سدائين

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# داستان: شانِ علي (عليه السلام)

(سُر لوڙائو)

## ڪافي -25

علي گُل علي خود، اِسرارُ علي آ.
وارث وَلِي وَرُ، اَنوارُ علي آ.

بشري بهانو رکي آيو رهبر، ڪائنائين ڪفر کي هَڪَل ساڻ حيدر،
هٽي نعرو نادر، نروار علي آ.

حَلاَجُ[1] حُسيني، آيو هار پائي، حَسَنُ مُجتَبائِي[2] قدم ڪُڏائي،
قَدح[3] سبز رنگي، سِينگار علي آ.

شَهادت سَعادت[4] سَخاوت شُجاعت[5]، لياقت لَطافَت[6] مُروَت[7] مُدامَت[8]،
عنايت شَفاعت،[9] شاهه هَسوار علي آ.

مُنڪِر موٗلا جو ڪڏهن ڪِينَ تَڳَندو، وِساميل وِسريل توڙي وائڙو وَڳندو،
ڪُوڙَن ڪمزورن تي، قهارُ علي آ.

مختيار مڙني مهندار علي آ، مالڪ ”مُحمّدؐ“ منثار علي آ،
ياوَر[10] يتيمن، سدا يار علي آ.

---

(1) منصور حَلاَج- جنهن اَنَاالُحقَ جو نعرو هنيو هو. (2) مجتبيٰ معنيٰ چونڊيل- پنسديده- حضور پاڪ جو لقب- يعني حضور پاڪ سان نسبت رکندڙ (3) پيالو- جام. (4) نيڪي. (5) بهادري (6) نرمي. (7) اخلاق سان پيش اچڻ. (8) هميشگي- سدائين (9) چوٽڪارو ڏيارڻ (10) مددگار.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# داستان: شانِ دستگير

## ڪافي-26

(سُر پيلو)

شاهِ مِيرانُ ڏي سُڌِيران،[1] دلربا اي دستگيرَ
در سوالي ڪِينَ خالي، دائما تون دستگيرُ.

صاحب حُسن جمال جو، قائم قرب ڪمال جو
عاشقن احوال جو، ثابت سَمِيعُ[2] آن بَصِيرُ.[3]

تون دادلو داورَ سَندو، پيارو آهين پَروَرَ سَندو
توتي قدم سَروَرَ سَندو، تُنهنجو قدم ڪُل تي قَدِيرُ[4].

بيتَڪ ڪرين بغداد ۾، اعليٰ عجب اِرشاد ۾،
واصل ويران آباد ۾، بالا بِلاشَڪ بي نَظِيــرُ.

ڪيئي ٿَناگَر سَير ۾، خاطر اوهان جي خَير ۾،
توڙي ٻُڏل ڪو غَير ۾، باندِي بندو عاجز اَسِيرُ.[5]

Gul Hayat Institute

”مُحمّد“ مدح تنهنجي ڪري، ساعت گهڙِي هڪ نا سَري،
تارِي تڳا تنهنجي تري، وَرنَہ[6] وَسِيعُ[7] واهر تون وِيرُ.

---

( 1) هوشياري- سجاڳي- آٿَتُ (2) ٻُڌندڙ (3) ڏسندڙ (4) قدرت رکندڙ- طاقت رکندڙ (5) گرفتار- قاٿل (گناهن ۾)، (6) سهڻو جوان، بهادر، طاقتور، (7) ڪشادو، خلاصو.

Scanned with CamScanner

## ڪافي- 27

(سُر ڪوهياري)

صوفي ٿِيُس سڀ سانگَ[1] سَٽي، سَچو سَيّد جو سِيرُ[2] ڏٺم،
وهم وجودي وافِـرُ[3] ويڙا، ڪُل پِيرَن جو پِيرُ ڏٺم.

درست آهي دارَينَ[4] ۾ داتا، اعليٰ عَينُ اَڪسِيرُ[5] ڏٺم،
علم عقل جي پاڙَ پَٽيائين، عشق سندو مان اَمِيرُ ڏٺم.

نازڪ نِينهَن ۾ نادر نيهِي، ناز پريو نَظِيرُ[6] ڏٺم،
واصُل بِاللهُ[7] وحدت اندر، واهَر وَسِيلو وِيرُ[8] ڏٺم.

ساقي سرور ثابت سيني، ساجَن ساهَ سُذِيرُ[9] ڏٺم،
مُحڪَم ماهر مرشد مولا، مُحبُ ماهُ[10] مُنِيرُ[11] ڏٺم.

Gul Hayat Institute

حد بيدار[12] جيلاني جابِر، قائم قرب قَدِيرُ[13] ڏٺم،
پولَ پڇي ويا بيشڪ بَرحق، ”مُحمّدُ“ مرد فَقِيرُ ڏٺم.

---

(1) ڀَهُروپَ- نمونا، (2) پاڪائي (3) گهٽا، (4) ٻِئِي جَهانَ، (5) ڪيميا- اثر رکندڙ دوا، (6) مثال- جهڙو
(7) الله سان مليل، (8) بهادر، (9) هوشيار- هوشياري ڏيندڙ- آٿت ڏيندڙ، (10) چنڊ، (11) روشن،
(12)سجاڳ- هوشيار، (13) طاقتور- قدرت رکندڙ.

Scanned with CamScanner

# ڏَمالِ قلندر

## ڪافي-28

(سُر پيلو)

مَست و مَستُ قلندر لعل چوان، حاصل حال حُسيني خيال چوان.

مؤج مستيءَ ۾ تا ملنگَ مَچن، هٽي نعرا نينهن جا نانگا نَچن،
لڪين در تنهنجي تي چاچِي اَچن، شوق شاديءَ جو هَر سال چوان.

تنهنجي عشق جي آتش بازي آ، آهي رنج نہ هرڪو راضي آ،
واهُ پَتربَل برهہ جي بازِي آ، قصو قرب وارو ڪمالُ چوان.

وَقتِ ميندِيءَ جي معراج ڏسو، ڪانڍِيا[1] ڪُل ئِي اچي ڪاڄ ڏسو،
پيرِن[2] پَر تِي جو باڄُ[3] ڏسو، دائم درد وارو ڏَمالُ چوان.

اَللّٰهَ اَحمَدَ جو هٽ اٿئي، بيچُون بَحر بَندوبَست اٿئي،
حُسين حَسن اَلَست اٿئي، مُرشدَ مؤلا عليءَ جو ٻالُ چوان.

عرضدارن عرض پيش پرين، مرضدارن مرض ميٽِ پرين،
قرضدارن قرض ڪاٽِ پرين، معاف "مُحمّد" مُونجهہ مَلالُ[4] چوان.

---

(1) دعوتي- ڪوٺيل، (2) نَغارَن، (3) واڄو وَڄتِ، (4) ڏک-ڳڻتي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# داستان: شانِ مُرشد

(سُر جوڳ)

## ڪافي- 29

جانب جي جَمال[1] جو، جِنسارُ[2] جُوبَجُو[3]
حامِي،[4] هَردو جَهان ۾، هُبڪارُ[5] هُوبَهُو.

وِتِي نہ هڪڙو وارُ آ، سُونهَ پَريو سردارُ آ،
سَروَرِي سالارُ آ، مَهندارُ[6] مُوبَمُو[7]

منجهہ وُجُودَ ويهاريان تو، پلپل پرِين پيهاريان[8] تو
راتيون ڏِينهان نهاريان تو، سِينگارُ سُوبَسُو[9]

ٻولي اِهائي ٻوليان تو، راز اِلاهِي کوليان تو
ڳَلِي ڳَلِي ۾ ڳوليان تو، ڪَلتارُ[10] ڪُوبَڪُو[11]

وَصفَ واڪاڻِ وِردُ آ، دَم دَم ديهِي درد آ،
مرشد مَهدِي مرد آ، خُنڪارُ[12] خُوبَخُو[13]

"مُحمّد" ۾ موجود آ، صداقت[14] سجود آ،
مَعنيٰ ۾ موجود آ، ديدارُ دُوبَدُو[15]

---

(1) حُسن، (2) سِينگارُ- ٺاهہَ ٺُوهَ، (3) هَرهَنڌ، (4) مددگار، (5) خوشبُوءِ (6) اڳواڻ – رهبر، (8) مڪمل- وارَ وارَ سان، (8) اندر ۾ ويهاريان، (9) هر طرف، (10) خالق- اُپائڻهارُ، (11) ڳَليءَ ڳَلِيءَ، (12) ٺَڏاڻِ، (13)سُٺِي خصلت وارو، (14) سَچائِي، (15) مُنهَن سامهون- روبرُو.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي - 30

(سُر ٻَنسُ)

يا سَروَرِي شاهُ تون، مرشدا ماهُ[1] تون، هيٺن همراهُ تون، ڪر مِهر،
دوجهَان سردار آن، اي مِٺا مهندار[2] آن، غمگِينَ جو غمخُوار آن، غَورُ ڪر.

تنهنجي هِجر ۾ ويتو ٻاڏايان، دل جِي دل ۾ ڪنهن کي ٻڌايان،
پلپل اِهي پُورَ پَهَ تو پَچايان، ڏکڙا سيئي نيهِي[3] نيايان،
هن منهنجي حال جِي، قِيل و مَقال[4] جِي، اندروني احوال جِي، خاوَند[5] خَبر.

دانهن ڪري دلبر مري ويندس، سئو پيرا سِرڙو قربان ڪندس،
جَهلي ڪنهن جي مان ڪِينَ جَهلبُس، هيڪَلُ[6] هسوار تي، هيجئُون[7] هَلندس،
نيزي نيشان تي، جُنگ جوان تي، پِڙ ۾ پهلوان تي، زورِي زَبَر.[8]

سَنڌِيا ڪيئي سَنبرِيا اچن، ڏسي داٻ دهشت موٽيا وڃن،
نِسَنگ[9] نانگا ناتَ نَچن، پتنگ پروانا پاڪ پَچن،
ڪَلَ ڪَنهِين نا ڏين، وڃي مَچ مَرن، ڪُوري منجهه ٻَرن، سَربَسر.

پنهنجي ڏِيل[10] ۾ پيا ٻارِن ڏِيئو، لوڪَئون لِڪي پائن تا لِيئو،[11]
خيال خدائي رکن ڪِيئو،[12] حق سان هڪ تي نہ پائن ٻيو،
قائم اِنهيءَ قول تي، ٻَهڳڻ[13] اِنهيءَ ٻول تي، ڳاڻو[14] اِنهيءَ ڳول[15] تي، "مُحمّدُ" مگر.

(1) چنڊ. (2) اڳواڻ- رهبر. (3) عاشق (4) ڳالهه ٻولهه. (5) مڙس- مالڪ (6) اڪيلو (7) شوق سان. (8)زبردست- طاقتور. (9) ظاهر. (10) بدن. (11) جهاتِي. (12) خُماريل- خوش (13) سياڻو (14) ڳَڻ رکندڙ- خيال رکندڙ. (15) تلاش- ڳولا.

## ڪافي - 31 (سُر ڪوهياري)

ڏکَ ڏولائي جا ڏينهن، ڪامِل ڪُل تہ ڪَٽي ڇڏيا.

عاشقن کي آسُودگِي،[1] رِندَن راتيون ڏينهن،

بانڪا[2] بِرهَ بَهارِيا، نانگا نادر نِينهَن.

جوڳِي پِنهنجي جُوءِ[3] ۾، شورِيا[4] وَتن شِينهَن.

"مُحمّد" مرشد جا وَسن، مٿان محبت مِينهَن.

---

( 1) راحت، آرام، چَينُ، (2) بهادر، (3) علائقو، (4) مَچريل- مَستُ.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## (سُر تلنگ) كافي - 32

هٽي جوڳي ويو جاٽان،[1] اندر ۾ اوڙَ[2] اُلفت جي،
محويت ميخ مقرر ڪيائين، ڪُنجي ڪاٽيائين ڪُلفت جي.

الستي راز رهبر جو، رهان طالب تَصور جو،
ڪيائين واقف ساري سِرَ جو، نانهين ڪا ڪاڻِ ڪثرت جي.

زُهد تقويٰ تَرڪ ڪـئي سي، هُنر حِرفَـت هٽئون وئـي سي،
پَـڇَر پِـرَ جي پَـلـئِہ پئي سي، سـدا وائـي آ وحـدت جي.

حُسن حيرت حيراني آ، نينهن وارن نيشاني آ،
صَحِي صورت سُبحاني آ، ڪُلي آ عَينَ[3] عبرت جي.

بيراڳِن جانِ بيوس آهيان، لاڳاپا لوڪَ جا لاهيان،
”مُحمّد“ تن جي تَڏي ڪاهيان، وُڙهِي آ قَلمُ قدرت جي.

---

(1) هَر ڪيڙِنَ واري جاءِ، (2) ڪيڙيل هرجي لائين، (3) اک.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## كافي ـ 33

(سُر پيروي)

دامَن لڳڙي آهيان، ننگ نماڻيءَ جو پالِ.

دلبر نا دَمُ ڏار ٿي، جانب مون سان جالِ.(1)

آقا اوجهڙ راهَ ڪئون، سائين پاڻَ سَنيالِ.

معلوم توکي آهي مڙيئي، ڳُجهَ اندر جي ڳالهه.

بِرهُ سدا بَرحال(2) ڪر، بيحد بي تہ مثالِ.

"مُحمّد" ڪي پِير مُغان، ساڻ ڀَلائي پالِ.

---

(1) گڏ گُذارِ. (2) حال تي قائم

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي -34 (سُر ڪسوري)

مشتاقان نُون مهر ڪرين، ڳُڻ تُساڏي ڳُتيان[1] مَئن.

پِرت مَنجهارئون پارَس پاوِين، پير تيڏي دِي جُتيان مَئن،

مُئي دل نُون يار جاڳاوِين، سَنجهي ڪَنون چا سُتيان مَئن.

روز ازل ڪنون سهڻا سائين، دَر تيڏي دِي ڪُتِيان مَئن.

دم دم دي وچ داتا سائين، رمز تُساڏي رُتيان[2] مَئن.

"مُحمّد" نال نہ ماڻ[3] ڪرين، جهوڪ[4] تُساڏي جَهتِيان[5] مَئن.

Gul Hayat Institute

---

(1) ڳَنڍِيل- جُڙِيل، (2) رُڌَل آهيان- مشغول آهيان، (3) ناز- نخرو (4) بيٺڪ، ويهڻ جي جاءِ - هيٺاهين زمين- اُئن جي ويهڻ جي جاءِ، (5) جَهتِ- ننڍڙين ڪندين يا ٻارين جو ڳتل جُهڳٽو-"جهوڪ تُسادي جَهتِيان مئن" = معنيٰ: مان توهان جي اُئن جي ويهڻ واري جاءِ تي ٻارين جو جهڳٽو آهيان.

Scanned with CamScanner

## ڪافي-35 (سُر بلاولي)

مَئن هادي دي نال وي، هادي ميڏي نال وي.

رِندان والِي، عجائبِ چالِي، مست موالي ڪَڏهان نہ خالِي،
حاصل حال حقيقت والِي، بِرهہ ڪِيتِي بَحال وي.

سالم سَجدا پولا پَجدا، گاجا[1] گَجدا[2] روح نہ رَجدا،[3]
واه وجودي واجا وَجدا، دائم درد دَمال وي.

رَڳين رِيهان راتيان ڏينهان، ڪُوڪان ڪِيهان چُٺاتيان[4] چِيهان،[5]
بيوس باتيان ويهان ٿِيهان، جذبي دار خَلال وي.

اعليٰ اؤجان فالم فوجان، پِرتئون پؤجان مُول نہ مُڙجان،
"مُحمّد" مام محبت موخان، ٿِيتَس قرب ڪَمال وي.

---

(1) ڪڪرن جي گجگوڙ، (2) گوڙ ٿئي ٿي، (3) پَرجي- خوشي پوري ٿئي، (4) باه جون چُوچڙيون- سَنهي پرندڙ ڪاتي، (5) وَڍَ، زخم- دانهن- رڙيون.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي- 36 (سُر جوڳ)

سَتگُر ميرا دين دَيال،[1] پِڇي پير نہ ڌَرتا هُون،

سَتگُر سامِي پيند بتايا، رنگ اُنهِين عجب وِکايا،
هَٽِ گيا سب جَنجال، شُڪر اِلاهي کَرتا هُون.

علم عقل دِي جاءِ نہ ڪائِي، بِرهه اَسان نُون بات سُنائِي،
ڪَيفي ڪَيف ڪَلال، مام اِنهِين وچ مَرتا هُون.

"مُحمّد" اَيسا مذهب ڪِيا، ڪَب سُنِي هَئي ڪَب شِيعا،
هر جاءِ ويکا حُسن ڪمال، رنگ اِنهِين وچ رَهتا هُون.

---

(1) دَيالوُ- سَخِي – رحمدل.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي- 37

(سُر ويهاڳُ)

هِيڏن جا همراهَ، ڪر مدد تون مرشد سائين.

درد ڏُکايا ڏُونهان دم دم، پَيَرُ پَرُکي باهِ.

اچي اُليلَ[1] اندر ۾ پِيَرا، تَڏي نکري آهَ.

سبقَ سور جا ڪِينَ وساريان، سي سِيباٽا[2] ساهَ.

هتئون هلندس ڪِينَ مُڙندس، ڪندس ڪاهو ڪاهَ.

مَچُ مدامي ڪِينَ اُجهامي، عشق سندو آڙاهُ،[3]

"مُحمّد" سان ڪئي مِهر پَلائِي، هادي شَهنشاهَ.

---

(1) اُڪِيرَ- محبت جي ڪشش- چِڪَ (2) وٽيا- پسند آيا. (3) باهه جو وڏو مَچُ.

Gul Hayat Institute
Scanned with CamScanner

## ڪافي -38 (سُر ڪوهياري)

حق هادي همراهه ٿيو راهه مڙئي ٿيا رَدُ ميان،

پيالو پياريائين پرت سان، مست مَيخاني مَدُ[1] ميان،

جُنبش[2] ساري جان ۾، ذوق جو ٿيڙو زَدَ[3] ميان،

ڪونَہ ٻَڌي ٿو ڪڏهن، ڪوهيارل سان قدُ[4] ميان،

"مُحمّد" ڪي ميثاق ڪئون، يار ڏنو آ يَدُ[5] ميان.

---

(1) شراب، (2) جُرِيَر- هلچل، (3) جوتَ- نشاني (4) قَدُ ٻَڌڻ= هوڏ ڪرڻ، ضد ڪرڻ، (5) هَٿ

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(سُر پيرُو)

## ڪافي-39

اڪ ڏيڪاريئڙ اوچتو، اکڙي کُلي وئي،
رَسمَ رِيتِ رِياءَ جي، بازي ٻَلِي وئي.

حُسن واري هاڪَ[1] جي، هولِي هُلِي[2] وئي،
وڻ تڻ ڪي واسُ آيو، واءُ گُهلِي[3] وئي.

چاتِيءَ اندر چوهَ[4] مئون، چولي چُلِي[5] وئي،
ويراني آباد ڪيائين، ڪاهِٽِي کُلِي[6] وئي.

اَصُلَئُون روز ازل ڪان، ٻولِي ٻُلِي وئي،
سِڪَ سچي سردار جي، جهولِي جُهلِي وئي.

رهبر واري راز سان، روڳِي[7] رُلِي وئي،
"مُحمّد" مُغان چاڻ سان، بيچاٽِي[8] چُلِي[9] وئي.

---

(1) مشهوري، (2) ٻکڙجي- مشهور ٿي، (3) لڳي – مِلِي، (4) تيزيءَ سان، (5) ڪنارن تان اُٿلي پئي، (6)سيئي، (7) بيمار- بيماري- اندر جي خرابي، (8) لاعلمي، (9) هلي وئي

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-40 (سُر پيرُو)

هادي آ منهنجو حالُ، قالُ[1] مڙوئي ڪوتَهُ[2] تيڙو.

هَرجا تي آ حاضر ناظر، جانيءَ جو تہ جمالُ،
قرب قديمي قائم ڪَيَڙو.

شورَ مَنجهئون شهباز تي آيو جذبي دار[3] جَلالُ،[4]
جوشَ جَلايو سارو جيئڙو.

وَجد وجودي واجب والي، واحد وَصَل وِصالُ،
رڳَ رڳَ ۾ آ راضي رَهيَڙو.

سُرڪَ ڏي ٿو ساقي ساغر، ڪَيفِي[5] ڪَيف[6] ڪَلالُ،[7]
نِينهَن نشي تنهنجي نِيَڙو.

"مُحمّد" جو آ مهدي مؤلا، هردم حُسن ڪمالُ،
پيچ پريمي جنهن سان پيَڙو.

---

( 1) ڳالهہ ٻولهہ، (2) گهَٽِ، (3) جوشيلو (4) رعب- وڏائي --بزرگيَ، (5) نشي وارو- خُماريل، (6) نشو- خُمار، (7) شراب ٺاهيندڙ ۽ وڪڻندڙ- ساقي، اصطلاحًا- مرشد.

Gul Hayat Instutute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-41

(سُر ڏَناسِرِي)

شاهه شهيد تون شير هادي، معاف ڪراءِ مشڪل منهنجي.

هر درد جي دوا آهين داتا، ڪَل[1] لهي پيو ڪير هادي،

عرش فرش تي طَبلُ توحيدي، پئي وڄي تي پيرِ[2] هادي.

پائي آيس پاند ۾ مُون، معاف ڪراءِ مَندَ[3] ميرَ[4] هادي.

ڇُميان چشمان[5] چاهه منجهارئون، سِرَ ڪان وٺي پئي پير هادي.

"مُحمّد" گدا آهي دَرَ اوهان جو عشق جا بَخشو اَنيرَ[6] هادي.

---

( 1) خبر- سُڌِ، (2) وڏو نغارو (3) مَندائي- بُرائي، (4) ميراڻ- خرابي، (5) اکين سان، (6) سُتَ جا ويڙها يا ڍيريون (اصطلاحًا- گهٽائِي)

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(سُر پِيلو)

## ڪافي-42

چاهي اَڳيئون منهنجي پيرَ، ماڪِي مِصرِي کَنڊ ۽ کِيرَ.

جاني هٿي ويو جان ۾، تَن مَن تِڪا تِيرَ.

کَپي ڪوري وَڍي چِڇري، چاهئون ڏنائين چِيرَ.

بَس روئڻ ڪان ڪِينَ اچي ٿي، نيٽڻ وَهايان نِيرَ.(1)

آهي اَصل ڪان آسري، واهِي(2) وارِثَ(3) ويِرَ(4)

"مُحمّد" ڪي مِيثاق ڪان، سَچي ٿپائِي سِيرَ.

---

(1) پاڻي- ڳوڙها. (2) واهر ڪندڙ- سنڀال ڪندڙ. (3) سنڀاليندڙ. (4) بهادُر.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-43 (سُر پيرُو)

منهنجو مالڪ تون، تو بنا ٻِي واهَ نہ ڪائِي.

ٻيا سڀ وارِيَم[1] واهَر وَسيلا، راهَ جو رهبر تون.

هِيڻَن تي هَتڙا رکين تون، درد جو دارُون[2] تون.

عَيبن ڏي ڌِسَ ڪِينڪِي سائين، ميرا ڌوئندين تون.

حُجتَ منهنجي تو سان ناهين، ڪَرم ڪندين اچي تون.

دَمَ قَدمَ تي دائم دلبرَ، قائم رکندين تون.

"مُحمّد" تُنهنجو، ناهين ٻي جو، هِتِ هُتِ حامِي[3] تون.

---

(1) ڇڏي ڏنم، (2) دوا، (3) حمايت ڪُندڙ، مددگار

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-44 (سُر جوڳُ)

آهيان اَبوجُهه[1] عاجز[2] هِيٺو آ حال منهنجو،
ڳَنديُون پيو ڳَنِڍيندين، ناهين چِنَڻُ شانُ تُنهنجو.

عيبن ڏي نہ ڏِسُ تون، گوليءَ[3] ساڻ ڳَسُ تون،
رهبر اچي رَسُ تون، وارثُ وَصِي[4] تون منهنجو.

لڳِسِ تنهنجي لاري،[5] پَئِي آهيان پَناري،[6]
ڇڏج نا وساري، تو دَرِ سوال منهنجو.

ڪيو فراق فانِي، جُنبش لڳِي آ جانِي،
پَسان پاڪُ پيشانِي، جَلوو جَمالُ تنهنجو.

Gul Hayat Institute

"مُحمّد" تنهنجو مَداحِي،[7] سَيّدَ سَدا سپاهِي،
گاهِڻ[8] سندو آ گاهِي،[9] هردم خيال تنهنجو.

---

(1) بي سَمجهُه، (2) مجبور، (3) ٻانهِيءَ، (4) وَصيت ڪَيل- وارث، (5) پيار محبت- آسري، (6) پَناهه ۾،
(7) تعريف ڪندڙ، (8) گاهه ڪندڙن- يعني نوڪَرن، (9) گاهه ڪندڙ- نوڪر- غلام.

Scanned with CamScanner

(سُر آسا)

## ڪافي-45

هـادي شاهَنشاهُ آهين، مُـنَورُ[1] مِـيرُ مَـلاحُ آهين.

وارثُ وِيرُ ولايت تون، سالڪ ساقي سَخاوت تون،
اعليٰ عشق اَمانت تون، بيواهَن بادشاهُ آهين.

خواهش خوشي غم تون، ماسُ هڏو چَمُ تون،
دُولَهُ[2] دَرازُ[3] دَمُ تون، سيني ساهُ پَساهُ آهين.

قادر قرب ڪَريم تون، رازق راز رحيم تون،
اَفضل[4] عَزمُ[5] عظيم تون، بيشڪ بَقا بِاللهُ[6] آهين.

ثابت سَمِيعُ[7] بَصِيرُ[8] تون، "ڪُلِّ شَيءٍ قَدِيرُ"[9] تون،
فاقو فَقر فقير تون، اَزلي "اِلاَّ الله"[10] آهين.

معنيٰ ۾ مُختيار تون، صاحب سِرُ سردار تون،
"مُحمّد" جو مهندار[11] تون، جَذبُ[12] جَلالُ اللهُ[13] آهين.

Gul Hayat Institute

---

(1) روشن، (2) گهوٽ- سخي، (3) ڊگهو- پُهچ وارو، (4) بزرگ- بَرتَر، (5) ارادو، (6) الله جي ذات سان باقي- الله سان مليل، (7) ٻُڌندڙ، (8) ڏسندڙ، (9) "هر شيءِ تي قدرت (طاقت) رکندڙ"، (10) سواءِ الله جي- پر آهي الله (الله جِي اثبات ڪرڻ) (11) اڳواڻ- رهبر، (12) ڪشش-ڇڪَ، (13) اَللهَ جِي بُزرگي.

Scanned with CamScanner

## ڪافي-46 (سُر تِلنگ)

هادي منهنجي حال جو، فائِقُ[1] فَيض رَسانُ،[2]

ڪِينَ ڇڏيندو ڪڏهين، جُنگُ[3] جِيلانِي جُوانُ.

دائم داتا دَردَن جو، دارُون[4] آ دَرمانُ،[5]

وارث وسيلو آ وِلهَن[6] جو، حامي هَر دو جَهانُ.

ويٺو آهي وُجود ۾، مَلهائي مَئيخانُ.

عاشق اَزلِي عشق ۾، "مُحمّد" آ مَستانُ.

---

(1) اعليٰ- مٿاهُون، (2) فَيضَ رَسائيندڙ- فائدو رسائيندڙ، (3) وڏو- بهادر (4) دوا، (5) علاج، (6)ڪمزورن- بي سَهارَن

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي- 47 (سُر ڪوهياري)

سَيَد تُنهنجي سارَ اَٿم، پلپل پِـرين پُڪارَ اٿم.

دَم دَم دلبر ڪِينَ ٿو وسرين، سيني ساهَ سَنيارَ[1] اٿم.

"فَاذْكُرُوْنِيْ اَذْكُرْكُمْ"[2]، گويا اِها گُفتارَ اَٿم.

اصل روز اَلستَ ڪان، لُونءَ لُونءَ[3] ۾ لَنوارَ[4] اَٿم.

راتيون ڏِينهان روح ۾، پِرت واري پَچارَ اَٿم.

"مُحمّد" مَخفِي موُج ۾، معنيٰ مينگهه مَلهارَ اَٿم.

---

(1) يادگيري. (2) الله فرمائي ٿو تہ: "تون ياد ڪرمون ڪي تہ آئون ياد ڪريان توکي". (3) وارَ وارَ. (4) ھولي

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-48

**(سُر پُوريا)**

گُم ٿيو غَيرُ خيال، حال حَقِيقِي عَينُ عنايَتَ.

پيچُ پِريمِي پارَس پيڙو، حَرفُ حقيقي حاصل ٿيڙو،
اَحديَتَ اَحوالُ، هِردي هادي ڪئي هدايَتَ.

گُفتگو گيانُ[1] گُرون[2] جو گُونِي[3]، بيرنگ بالا[4] باتِ بيچُونِي،[5]
جوشِي جَذبُ جَلالُ، شاهِي شَوقَ جِي آهي شَفاعَتَ.[6]

ٿي پُوڄارِي پابَند پِرَ[7] جو، ثابت سؤدو آهي سِرَ جو،
دائم[8] ديهِي[9] دَلالُ،[10] قائم ڪري ڪَيفِي[11] ڪِفايَتَ.[12]

صاف صفا صَحِي آ صُورَتَ، "مُحمّد" مَعنيٰ موهَن[13] مُورَتَ،[14]
هَرجا حُسن ڪَمالُ، حامِي[15] هَردوجَهانُ حِمايَتَ.[16]

Gul Hayat Institute

---

(1) روحاني علم، لدني علم، (2) گُروءَ- مُرشدَ، (3) رنگ وارو- ڏَنگ وارو، (4) مٿاهون، (5) جنهن جي خبر نہ پوي تہ ڪيئن آهي، (6)گناهن جي معافيءَ لاءِ سفارش- ڇوٽڪارو، (7) پِرينءَ- مَحبُوبَ، (8) سدائين- هميشہ، (9) جسم، (10) علامت- اُهڃاڻ- ثابتي، (11) متوالِي- نشي واري، (12) ڪافي ٿيڻ- ضامن ٿيڻ، (13) حَسِينُ، (14) صورت-بُتُ، (15) مددگار، (16) مدد- حفاظت- طرفدارِي.

Scanned with CamScanner

(سُر آسا)

## ڪافي-49

هِتِ ڪيئن آئين سُهڻا سائين، پارِڙُ[1] پَهري پوشُ.

جهاتيءَ ۾ جَهلڪارُ پَسائِڻ، حَيرانيءَ ۾ هوشُ.

"مَنْ رَآنِيْ فَقَدْ رَاٰءَ الْحَقُ"،[2] گُفتي[3] ۾ آ گوشُ.[4]

پيالو ڏي تون دِلڙيون دلبَر، رَهان نوشان نوشُ.[5]

پيئڻُ سان پَيماني[6] پُر ٿيان، جِيءَ ۾ جاڳي جوشُ.

"مُحمّد" سان محبوب تون، رَهُه دوست دوشان دوشُ.[7]

---

(1) اڇو شيلاني موتي، (2) "جنهن مون کي ڏٺو تنهن سچ پچ حق کي ڏٺو"، (3) ٻولَ- چوڻيءَ، (4) ڪَنُ، (5)ڀرپور طريقي سان پِيئَڻُ، (6) شراب جي ماپي- جامَ، (7) کُلهو کُلهي سان ملائي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## داستان: سَسئِي پُنهُون

کافي-50 (سُر کوهيارِي)

بيراڳڻ پنيورَ ۾، وَتان ويڳاڻِي.[1]
نند نياڳيءَ نِهوڙيو،[2] نِـڌَر[3] نماڻِي،
کاهِينديَس کيچ ڏي، جاڻِي سُجاڻِي.
وَهائينديَس ويساهَ سان، پِنبڻَن مَئون پاڻِي.
بِرهمَڻِ بلوچ جي، سُورَن کئي ساڻِي.[4]
”مُحمّد“ اِنهيءَ پنڌ جِي، ناهين کا پُڄاڻِي.

---

(1) اُداس. (2) ناس کيو. (3) بي پُهچ- بي سهارا. (4) صفا ٿَکل. صفا ڪمزور.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-51 (سُر ڪوهيارِي)

ڪوهيارَل سان ڪَم آهي منهنجو اديون.

رهيو روز ازل کان، دوستيءَ وارو دَمُ.

جَتن مون سان جَارَ[1] ڪَئِي، گوندَر ڏِئي ويا غمُ.

پنيورئون بيزار ٿي، راهَ وٺي تون رَمُ.[2]

گهوريان جان جَتَن تئون، ماسُ، هَڏو ۽ چَمُ.

"مُحمّد" جِي محبوب لَئِہ، طلب نہ ٿي آ تَمُ.[3]

---

(1) جارَ= ظلم – بي واجبي، (2) هَلُ، (3) تَمُ= تمام - ختم.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-52 (سُر ڪوهياري)

ڪافَ ڪَشالا ڪَنِجي ويا ڪُل، پُنهون پَڪي[1] پيهِي[2] آيو آيو.

ساڻ ويساهَ جي وَرَ ڪي ووڙِيم،[3] ٿِيَڙو پنڌ سَجايو سَجايو.

قُربئون ڪاھ ڪري سائين ڪوهيارَلَ، پيچ پريت جو پايو پايو.

ٻانيڻِ ٻاروچَلَ ٻہ نہ ڀانيو، هِڪو هِڪُ هُلايو هُلايو[4]

"مُحمّد" ڪي مَهدِيءَ مهر مَنجهارؤن، هاديءَ رنگ رَسايو رَسايو.

---

(1) جهُوپڙي- گهَر. (2) اندر اچڻ- اوچتو اچڻ (3) ڳوليم. (4) مشهور ڪيو.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## (سُر کوهياري) ڪافي-53

مون کي ڪَلَ[1] نہ ڪا، ڪوهيارل ڪيچ وڃڻ جي.

هلڻ ويل هوتن ڪئي، هيڏيءَ هَڪَل نہ ڪا.

اديون عشق وارن رِيءَ، جهاڳي جبل نہ ڪا.

ڦَٽيل کي تہ فراق ۾، جهورِي[2] جَهلَ نہ ڪا.

سِڪَ وارن کي سَرتيون، ملڻ منزل نہ ڪا.

"مُحمّد" ٻاروچل جي، شوخِي[3] شلَ نہ ڪا.

---

(1) خبر، (2) ڳڻتي- پريشاني- سِڪَ، (3) تيزي- شرارت

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-54 (سُر ڪوهياري)

ڪيچي سُٽندا ڪَڍهن، ٻانيڻ[1] جي ٻولي.
ووڙيندي مون شل ڏسان، تَڪر مَٿئون ٽولِي.
راتيون ڏينهان روح ۾، هَئي هَئي جي هولِي.
دائم درد هِجر[2] ۾، چاڪُ[3] ڪَيَم چولِي.
جان جُسو[4] جانيءَ تَئون، گهولڻ[5] ڪيان گهولِي.
"مُحمّد" محبوبن جي، گولن جِي گولِي.[6]

(1) سَسئيءَ جي اصل ذات. (2) ڏک- جدائي. (3) ڦاڙڻ- ڦاڙي. (4) بدن- جسم. (5) گهورَڻ- قربان ڪرڻ- صدقو ڪرڻ. (6) ٻانهِي- ڪَنِيز

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-55 (سُر ڪوهياري)

ٻَڌوَ ڪا ٻاروچَن ۾، پورِهيَتِ جِي مِ[1] پَچارَ.

"فَاذْكُرُونِيٓ أَذْكُرْكُمْ"، دَمُ نہ تيندِسِ ڏارِ.

سُتِي سيجَ پلنگ تئون، جاڳائِي ڪنهن جارَ.[2]

سِڪَ اوهان جِيءَ سَسُئِي، ساڙيا سڀ سِينگارَ.

راتيون ڏينهان روح ۾، تِڪِي طلبَ تَوارَ.

"مُحمّد" سان جيڪي ڪيائون، پاڙيندا[3] اِقرارَ.

---

(1) ٻـ- ٻُڻ، (2) جوشَ جذبي- ڳڻتيءَ، (3) نياڻيندا- پورا ڪندا.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-56 (شر ڪوهياري)

مون نه نمائيءَ نصيب ٿيو روئڻ ۽ راڙو

ڦري دل فقير ويو ڪري ڏوهڻ سان ڏاڙو

رڱن ۾ ريهاڻ پيو ساهَ اندر ساڙو

اڊيون روز اَلست ڪئون، قربَ سندو ڪاڙهو

دَمَ دَمَ دردونَدَيءَ جو پرين سان پاڙو

"مُحمّد" جو محبوبَ تون، ڪر چڪَڻ[1] مان چاڙهو

---

(1) چڪڻ= گَپ-ڌٻڻ

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## (سُر تلنگ) كافي - 57

چَئندي[1] چائڙ[2] سانُ، سورن جو مان سانُ سَمايو.

عشق سَندِي اَويڙ[3] ۾، آٽي قاسائيم پاڻُ.
شانُ شَرفُ مان سڀ وڃايو.

اصل هُيس مان ٻانيياڻي،[4] هاڻي تيس ڪَتياڻ،[5]
دَستَئون[6] ڌوبيءَ دامن لايو.

"مُحمّد" سان اچي مِلُ تون جاني، چام پُنهون ڪر چاڻُ.
توريءَ سارو جسم جلايو.

(1) چَمندي، (2) چمڻ، (3) سختي، وَڪڙ، ڦيرو (4) سَسُئي اصل ۾ ٻانيڻ خاندان جي هئي، (5) درياءَ ۾ لُڙهي اچي ڪِتيءَ ڪي ملي تہ ڪتياڻي سڏجڻ لڳي، (6) هٿ سان.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي -58 (سُر پيروي)

پرين تنهنجي پَسڻ لَئہ، وِندُرَ سڄي مان وؤڙِيان

سڀ لاڳاپا لوڪَ جا، ٿَهڪي[1] ڦهرئين سان ٽوڙيان.

نِسَنگَ[2] تُنهنجي نينهن ۾، پنهنجو پاڻ پَتوڙيان.

ڇڏي شهر بازاريون، جَبلن جايون جوڙيان.

وِڪَ نہ وِهَندسِ هڪڙي، لِڪيو لَعلڻ لوڙيان.

"مُحمّد" تنهنجي ميلاپ ڪئون، مُورَئون[3] مُنهَن نہ موڙيان.

---

(1) جوش، اُڌمو- ٿَهڪو (2) ظاهر (3) اَصلئون، توڙئون- بِلڪل

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-59

(سُر جَھنگلو)

سيجَ پلنگَ سڀ ساڙي، ڪيچَ ڏٿِن ڏي ڪَھَندِس

ساھہ سِڪي ٿو سرتيون، دوست پرينءَ لَئہ دَم دَم،
لوڪ ساري جا طَعنا، ساھہ مٿي مُون سَھندِس.

اَصل ھُيَس اَربيلِي،[1] ڪِيَس[2] قلمَ ھِي ڪَيڙو،
ويچارِي وارث ڏي، ھيڪَلڙِي تِي ھَلندِس.

برھہ ڏني بيماري، روز اَلستِي اديون،
پُور پون تا پلپل، راتيون ڏينهان روئندِس.

"مُحمّد" سان شَل ميلو محبوبن جو ٿيندو،
آڏو عَجِيبَن جي اڳيئون، پاندُ ڳِچِي ڳَل پائيندِس.

---

(1) البيلِي – لاڏلي (2) ظلم - قھر.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-60 (سُر پٽ پچري)

پنهنجي پُنهل پَسَڻ لئہ جي جاڳنديون،
اُهي دُرسُ دارين ۾ عيد ڪنديون.

ڪَوڙين قرب ڪوهيارل ڳائيندس، سڀ سَرتِن کي مان سُڻائيندس،
نازڪ ناتو نينهن نڀائيندس، ڪِينَ وسرن مون کان بِرهَ بَنديون.[1]

سڪ سيني ۾ سدائين اَٿم، توڪئون جانبَ ڪِينَ جدائي اَٿم،
توڙي قِربَل ساري خُدائي اَٿم، مُنيُون محبت ۾ سي نا مُڙنديون.

پينر شهر پنيور ۾ بيهڻ، ڪائڻ پيئڻ سڀ وِهُ ٿيو ويهڻ،
روهَ جبل ڏي راهِي ٿيوَڻ، پرت بنا ڪيئن پهچنديون.

جيڪي قول ڪيچين جا ياد رکن، تَنهنجا ٻولَ ٻَئِي هِتِ هُتِ تا پُڙن،[2]
"مُحمّد" مؤج مُدامِي مُحبَ مِلن، اُهي مُنُهِنُ[3] محبوبن مَرڪنديون.[4]

(1) چوپڙيون- ڪتاب، (2) تڪميل کي رَسن- پڄن، (3) مُنهَن سامهون- رُوبَرو، (4) سُرخُرو ٿينديون

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## (سُر ڏنا سِري) كافي-61

كيچ ڏي كاهِيُون كاهِ وي ميان، هِتڙي تنهنجو چا وري آهي.

كيچ وڃڻ جي كر تياري، ڏئي پنيور كي باهِ وي ميان.

اَڙِكَڙِ[1] كئون آزاد ٿي تون، لاڳاپا سڀ لاهِ وي ميان.

هِن گهر كي وساري ڇڏ تون، اَجها اوڏهِن ٿاهِ وي ميان.

كَثرت كوٽ كيرائي ڇڏ تون، ڊِنگ[2] مڙيئي ڊاهِ وي ميان.

"مُحمّد" تي ٻاجَهه ٻاروچَل، روز اَزلي آهِ وي ميان.

---

(1) روڪ ٽوڪ- مُونجهارو (2) طاقتور- (ڊِنگ ڊاهڻ =پاڻ كان طِاقتور كي شكست ڏيڻ)

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي - 62 (سُر جوڳُ)

ڪيچ ڏَٺين جو قافلو، خانَ ويا ڪي ڪَنيُون ڪَنيُون

ڏکَ ڏولاوا[1] پاهَڻ[2] پَٽيون،[3] پَلئِہ نماڻيءَ جي پَيون پَيون.

ڪَرهَلَ[4] ڪيچ قطاري هليا، رَندَن[5] جون چُميان رَيُون رَيُون.

"مُحمّد" ذوقَ مَنجهارئون ظاهر، نِيرَ[6] وَهايان نَيُون[7] نَيُون.

---

(1) تڪليفُون، (2) پَٽر، (3) جبل ۾ سِڌو رستو يا جُوءِ، (4) اُٺَ – ڪَرها، (5) رستن، (6) پاڻي، لڙڪَ،
(7)جبلن تان لهندڙ پاڻيءَ جون تيز وهڪري واريون ناليون.

**نوٽ:** رَيُون = رَئِي – دَز- مِٽي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## (سُر لوڙائُو) كافي-63

هوتَ ﭙاروچَل ﭙانيَڻِ⁽¹⁾ سان، قولَ ﭙُنهلَ ﭙنهنجا ﭙاڙِيُون وڄ.

سَسُئِي سِكايَل محبت مارِيَل، سُورن ۾ نا ساڙِيُون وڄ.

ڏئي آرانيِي⁽²⁾ عشق واري، عاشِقُ تون نہ اُجاڙِيُون وڄ.

ويتر هن وڇوڙي ۾، وَنگَ هَنيون نہ واڙِيُون وڄ.

”مُحمّدُ“ ﭙياسِي آهي اُداسِي، چانگَل⁽³⁾ تي گَڏُ چاڙهِيُون وڄ.

---

(1) سَسُئِيءَ جي ذات، (2) شُعلي-چِيِيءَ، (3) چانگو، ڪَرهو-اُٺُ.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-64 (سُر ڪوهيارِي)

سَرتيون ڪونهي ساءُ،[1] رِيءَ پَسڻ پُنهونءَ جي.

ڏني مون کي ڏکن جِي، پِينگهي لولي ماءُ.

هاڙهي هَلندِس هيڪلِي،[2] لَهندِس سُڌِ سَماءُ.[3]

جبل جهاڳي جوش مئون، ويتر سَهندِس واءُ.

سُورن ٻائِي ڪونہ ڪو، ڄمُ نڪوئي ڄاءُ.[4]

ڪڏهن ٿيندو ڪِينَڪِي، بنا عشق اُپاءُ.

"مُحمّد" ڏي مَحبُوبَ تون، اڄ ٻاروچَل آءُ.

(1) مزو. (2) هيڪلِي-اڪيلِي (3) خبر چار. (4) ڄمڻ – پوک جو اُسرڻ، ڄايَل.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## كافي-65

(سُر پيِروي)

عشق لڳو آ آرِيءَ[1] سان، چو تيون ڏيو دَڙڪا،
ويندِس مائِين مُورُ نہ رَهندِس، ڪانہ رڪان اَڙَڪا.

لُونءَ اندر ۾ لاشڪ لڳي، جانب جي جَڙَڪا،[2]
سِرُ مَڏِي[3] ۽ حال سَيوئي، ڪانہ ڇڏيم هَڙَڪا.[4]

دل منهنجي ۾ دُودُ[5] دُکي ٿو، ٻاقَ ڏئي ٻَڙڪا،[6]
صاف سيني ۾ سيڪَ[7] اچن ٿا، سُورن جا سَڙڪا.[8]

ڪنهن ڪئون ڪڏهين ڪِينَ ڏِجان ٿو، خالي هِنَ ڪَڙڪا،[9]
ڪاهيون ڪاهيان نينهن نيايان، ڪيچ ڪيان ڪَڙڪا.[10]

هادي ڪيِيا قلب منهنجي مئون، ناهَ تڳِي نَڙڪا،[11]
هر دم آهي هوتَ پُنهل کي، "مُحمّد" چئي رَڙڪا.[12]

---

(1) محبوب- پُنهل، (2) پاڙَ- پيار، محبت، (3) مال ملڪيت، (4) مُوڙي- سَرمايو، (5) دُونهون، (6)ٽسڪو- جوش، (7) تپش- گرمي، (8) ساڙُ- جَلن، (9) اجايا دڙڪا، (10) اوچتو وجي پهچڻ، (11) آواز، (12) رڙيون- دانهون.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-66 (سُر لوڙائو)

هيڪَل هل تون هوت ڏي، ڪانہ سُجهي سَنگتياڻِي.

ڪاهيون ڪاهج ڪيچ ڏي، رَندَ[1] وني راڻِي.

جبل جهاڳي جوش مئون، پير ڪر پاڻِي.

سَچِن ڪي سؤکو[2] آهي، اڳيئون اجهو آرياڻِي.[3]

متان تون ماندِي[4] ٿئين، ٻاروچي ٻانِيياڻِي.

اوريُون اورج[5] اؤج سان، عشق سَندِي آڪاڻِي.

"مُحمّد" وِڪَ وِڪَ وِير[6] تو، سَيّد تيندءِ ساڻِي.[7]

---

(1)رستا، (2) آسان، (3) شريف عورت- معزز عورت- آريہ نَسل مان، (4) بيچين- پريشان، (5) ياد ڪج، (6)بهادر- دلير، (7) ساٿي- همراه

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(سُر راڻو)

## ڪافي-67

سَرتيون مان ساڻيهہ،[1] گهوري ڇڏي آ جان جَتن تئون.

شَهرَ بَحرَ سڀ زَهَر تي پانيان، ڏُونگَر منهنجو آ ڏيهہ.[2]

ڪاهي وڃ تون ڪيچ پُنهَل ڏي، منجهہ پَنيورَ نہ ويهہ.

دائم رهہ درد فراق ۾، چاتِيءَ ڏئي ڇڏ ڇيهہ.[3]

"مُحمّد" جي تون مِهر مَنجهارئون، پَکي[4] پِرين اَچي پيهہ.[5]

(1) مُلڪ- وطن. (2) وطن. (3) چِيرو- وَڍُ. (4) ڪکائين جُهوپڙي. (5) داخل ٿي- اندر اَچُ.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-68 (سُر ڪوهيارِي)

آرِياڻِي[1] اَڳواڻُ، حاضر آ هَر حال ۾.

ڪاهِيندِس ڪيچ ڏي، ڄاڻِي اِهو ڄاڻُ.

لڳو لوحَ مَحفوظَ[2] ڪان، پاروچَل جو پاڻُ.[3]

پينَـر هوتَ بلوچ لَئہ، پُرزا ڪَندِس پاڻُ.

ڏيندا ڏُکايَل کي، ڏاتَر لڳِ ڪو ڏاڻُ.[4]

ڪندو ڪيچ ڏٽي اچي، "مُحمّد" نا شَل ماڻُ.[5]

---

(1) معزز عورت- گُل وڪٽندڙ عورت- (آرِي= مانوارو- خانداني- هِي لفظ اڪثر پُنهل لاءِ استعمال ٿيو آهي)، (2) اها تختِي جنهن تي اللهؕ انسانن جي قسمت ۽ اعمال اڳ ۾ ئي لکي محفُوظ ڪيا آهن. (3) تِيرُ. (4) ڏانُ- دانُ- بَخشش- انعام، (5) ماڻُو – ماپو- حساب ڪتاب.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(سُر سامُونڊي)

## ڪافي-69

ٻاجھ پِري ٻولي، ٻاروچل ڪئي ٻي نہ ڪا.

ڪاهيندِس مان ڪيچ ڏي، گامُ[1] پِري گولي.

ڏونگر[2] ڏاڪا[3] ڏاڪِڙا*، جُهلِي پيا جهولي.[4]

ووڙيندِس[5] ويساهَ[6] سان، ڳوٺن ۾ ڳولي.[7]

جاري ٽيڙي جِيءَ ۾، هَئي هَئي جي هولي.

"مُحمّد" جي محبوب آ، دل دَرِي ڪولي.

---

(1) پيرَ- قدمُ، (2) جبل، (3) چاڙهيون، (4) جهوليءَ جُهلڻ= خودبخود حاصل ٿيڻ- بنا ڪوشش جي مِلڻ، (5)ڳولينِدِس، (6) يقين، (7)ڳولائُو – ڳوليندڙ.

* ڏاڪڙا= ڏُکيا پنڌ- ڪَشالا.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-70 (سُر جوڳُ)

ننڊ نِهوڙيو[1] ويو پُنهَلُ، جهاڳَڻ آيم جَهنگَ جَبلُ.

جاڳِيَسِ ڪِينڪِي جارُ[2] ڪري، ويا پُنهل ڏيرَ ڦري،
آيَسِ عشق جي يار اَري،[3] سُور ڏئي ويا سمجهي سُتَلُ.

ڪَلَ ڪَنهِين مون کي ڪانہ ڏِني، راحت ۾ اچي رات پِني،[4]
هِڪَ جَٽِي هُتِ ويا نہ ڳِنهِين،[5] ڪيچ ڪاهي ويا ڪَرهَلَ.[6]

پلپل پئي يارُ پُڪاريان، ٻانهِي ٻاروچَل ٻاڪاريان،[7]
سڪ مئُون سيئِي پئي سَنياريان، قرب ڪري ايندو ڪوهيارلُ.

Gul Hayat Institute

جُتن مون سان جارُ[8] ڪئي آ، وَس منجهان دل تہ وئي آ،
"مُحمّد" پيش پرِيَن جي پئي آ، ڪڏهن ملندو وَرُ[9] وِڇڙيَلُ.

---

(1) ناسُ ڪيو- نابُود ڪيو- تباھ ڪيو (2) جذبي سان- جوش سان، (3) وَڪَڙ، (4) گهِمِي- ماڪَ پئي- ٿڌاڻ ٿي، (5) وَٺِي، (6) ڪَرها- اُٺَ، (7) رڙيون ڪيان- دانهون ڪيان، (8) ظُلم- جُٺ، (9) مڙس - محبوب.

Scanned with CamScanner

## ڪافي- 71 (سُر ڪوهياري)

ﭘيو ناهين پاروچَلُ، ڪاڪِيُون ڪيچَ ﭘنيورَ ۾.

ﭼاڪئون وجي ﭼو ﭘئي، جهاڳِين جَهنگ جَبلُ.

ﭘاهر ﮔُولين ﭼو اَجايو، ﭘاڻَ ۾ آهي ﭘُنهلُ.

هِڪو هِڪُ هُلاءِ تون، ڪڍي خامُ (1) خَلَلُ. (2)

"مُحمّدُ" جو محبوب آ، قُربئون ڪوهيارَلُ.

---

(1) ڪَچو- خراب، (2) خرابي

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# داستان:عُمَر مارئي

## ڪلام-72

(سُر پيروي)

الله آڻ اُوهي جِنِ ڪاڻ مانڊِي،
ادا ڙي عمر ميان تيندا ڪُلهي ڪانڊِي.

مارُن اچڻ وايون، ڏيندو ڏيهه واڌايون،
اِيندَمِ شال ايڏاهون، پنهوارن جا پانڊِي.

ايڏا ظلم نہ ڪر، ضعيفَن زوراوَرَ،
ڏٺي پنهنجي ڪان ڏَرُ(1) قضا ڪوٽَ آنڊِي.

عُمَرَ ياءُ منهنجا، اِهي ڪم ڪنهن جا،
ڇڏج خيال پنهنجا، نہ ڪر بند باندِي.(2)

"مُحمّد" آ وِڪاڻو، نہ ڪر يار ماڻو
اَوهان پاڻ چاڻو ناهيان وارُ واندِي.

---

(1) ڊِڄ، خوف ڪر، (2) قيدياڻي

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(سُر پيروي)

## ڪافي ـ 73

الله شال ميلي، ماروئڙا سي مون کي،
ڪونهي حالَ پائِي، ڏيان دانهن ڪنهن کي.

مارُن ڏي جو ويندس، گهڙِي هِتِ نہ رهندس،
وجي تن سان ملندس، ويڙهيچن وِڪين.[1]

مارُو شال ايندا، وٽي نال نيندا،
چِنِي نا چِڏيندا، ڏسان شال اَکين.

عُمرَ هيءَ جو چائِي، سورن ۾ جو آئي،
هجي ها سدائين، پنهوارن پَڪين.[2]

"مُحمّد" سان سدائين، ڪيو نا جدائي،
ماريو هيءَ مَدائِي،[3] روليو جنهن اسان کي.

---

(1) وِڪون ڪٽي - پنڌ ڪري، (2) جهوپڙين ۾ - پَکَن ۾، (3) بُرائي - بُڇڙائِي

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-74 (سُر پيرَوي)

مارُن جون مُئِيءَ سان، ڪهڙيون اَتم ڳالهيون،
پاڙيندا پَنهوارِ سان، اچي مون اوتاري.

بيوس بَند ۾، ٻَڌِي پئِي ٻاڏايان،
ويڙهيچن ڏي، ويٺِي مان واجهايان،
ڪوٽَ ۾ قرار ناهين، هَنجون پيئي هاري.

مُلڪَ ملير جِي، وٽي پيئي وائِي،
وٽي نتي ٻِي، ڪا ٻولي ڪائِي،
راتيون ڏِيهان روح ۾، سَنگهارَ سَنياري.

”مُحمّد“ مارن لَئِہ، مَنُ آهي ماندو،
تابَ تِڪي سان، عمر تو آندو،
موٺائي مُنج (1) مارئي، وطن تي واري.

---

(1) موڪِل، اُماڻ

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-75

سُر پيِروي

آزاد عمر ڪر بانديءَ ڪي، تون مارُن ملڻ لئہ مانديءَ ڪي.

تُنهنجي ڪوٽن ۾ مان ڪيئن تِڪان، سارِيُون روز سَنگھارن ڪي تِي سِڪان،
پِيان پاڪُ پَنهوارن ساڻ پِڪان، نيٽن نارَ نِڪان، سُهمَن[1] سَهَندِيءَ ڪي.

بيواهيون بَر جون بند نہ ڪجن، تُنهنجي سيجُن تي سُک ڪيئن سُمهن،
ويهي وارِن تي پَکَن منجهہ پَلن، پَلپل پوُرَ پون وارُ نہ وانديءَ ڪي.

اَباڻن جي اُڪِيرَ[2] گهٽي، جدا جهانگيئڙن کئون هڪڙي ڇٽِي،
تون بِي ڳالهہ ڳُٽن واري ڪِين ڳٽِي، خامُ خيال ڪٽي رَساءِ رُئنديءَ ڪي.

هار سينگار بِي عارُ اَتَمِ، مٽان مارُن جو تہ مِيارُ اَتَمِ،
”مُحمّد“ ڪيتَ[3] سندو خُمارُ اَتَمِ، قرار ڪِينَ اچي ڪَنبنديءَ ڪي.

---

(1) طعنن، (2) سِڪ، (3) مارئيءَ جو مڱيندو.

- نِڪان= نِڪون- واهيون- ڪَسيُون- ننديا واٽر
- عارُ= شرم جي ڳالهہ

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-76 (سُر پيروي)

آنڊ۽ خان ڪٽي اوڏهن جلد جيئين، تَڪڙي توڙ پُڄائج تُرت تيئين.

زور زَبَر تو زِيان اَٿي، اِهو عَزم اجايو نيباهُ نَٿي،
جيڪا رِتَ رِتي تو ڪَتَ ڪَتِي، پائي ڳَلَ ۾ ڪَٿي پيالو موتَ پيئين.

ڀوڙَ پُلاءَ ڇهراڻِ ڇَسون،[1] وٺن ڪِينَ ويچاريءَ ڪيِ راڳَ رَسُون،
موٽي ماڳ ملير تي وَرَ سان وَسُون، ڪجن ڪِينَ ڪَسُون[2] عمر ڄام اِيئين.

وائي ويڙهيچَن واتِ اَٿم، طلب تانگهَ تِنن جي تاتِ اَٿم،
ڏُک ڏاڄَ ڏونگرَ ڏِيل ڏاتِ اَٿم، لُئون لات لڳي هِراسُ هِينئين.

يَڄ قيد ڪَڙولا[3] قُلفَ اچي، ڪر ٿورو ٿَرياٽِيءَ تي مردَ مَچي،
”مُحمّد“ سِڪَ سَنگهارن جي آ سَچي، ڪنڌي ڪين ڪَڇي پوءِ نماڻي نيئين.

---

(1) مزيدار کاڌا، (2) حرڪتون، (3) ڪنگڻ- هَٿَ ڪَڙي.

Scanned with CamScanner

(سُر بلاولي)

## ڪافي- 77

اسان سانگِي جهنگَ جهانگِي، ڪِيئن رهون تا ڪوٺَن ۾،
پَڌر پَٽيون جُهولا جَهٽيون، ڪِيئن وِهون تا ڳوٺَن ۾.

سُرها تيل نہ پايون، مٿو ڌوئون نہ ميٽَن ۾،
ڏيئي وَرڙا بہ وارن کي، سَڳيون ڇڙيون تِي چوٽَن ۾.

سَگَرَ ۽ ساڳَ ڏُٿَ ڏوُنرا، قَديمِي قُوتُ اسان جو،
پَليُون سي ڪِينَ پُلاوَن،[1] لُڇَ[2] ناهي لونگَ قوٽَن ۾.

مِيـرَ عُمرَ تُنهنجون مارُيون، پانيان تِي مان اُمارُيُون،[3]
وَڻَ ڏيئي ويڙهِ ويڙهِيچا، اَللہ جي ٽيا سي اوٽَن ۾.

بَندياٽِي بَند مَٺُون ڪڍ تون، "مُحمّد" مارُن لاءِ آ ماندِي،
سُجاٽِي رمز رک رايو، ڪَٽندين ڪِينَ ڪوٽَن[4] ۾.

---

(1) پُلائن، (2) ٽڙپ- خواهش، (3) باهہ جا اُلا- شُعلا، (4) دوڪوڏيڻ ۾.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-78 (سُر جهنگلو)

وارئِن تي ويهي، مالَ چاريندِس مارُن جا.

اديون اَجڙوال[1] جي، ڌَهڪي[2] تي ديهِي،[3]
پَتِ[4] پَڙي پنهوارن سان.

ڳُجهي ڳُجهَ جي ڳالهڙي، سا نہ سَلڻَ جيهِي،
سوگهو ساه سَنگهارَن سان.

عُمرَ آج نہ مُئِيءَ ڪي، مالَ متاعَ مِڙيئِي،
ٻَڌل هانءُ ٻَڪرارَن سان.

ياد سدائين نہ وسري، رمز تِنين ريهِي،[5]
تارَ لڳِي آ تَنوارن سان.

"مُحمّد" عَين اباڻن جي، اندر منجهہ ايهِي،[6]
تيان مان تَر وارن سان.

(1) ٻَڪرارِ – مالوَندِ، (2) ڏَڪي، (3) جسم، (4) ساکَ- اعتبار- آبرو (5) ڳَنڊِي- رِيجهائِي (6) اَهڙِي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(سُر جَهنگلو)

## ڪافي-79

مارُو ملائيندو مَولا، ساه سِڪي تو سَڄڻ.

سور ٿيا ٿَرِ سُونهان، روز دُکَن پيا دُونهان،
روئان راتيون ڏِينهان، محبت ماڙيچَن.[1]

بُري واتَ وائِي، عُمرَ ڇڏ اَجائِي،
آهيون پيڻ پائِي، پُڇو پاڙيچَن.[2]

قسمت قَيْدَالْمَآءُ،[3] هِتڙي آندو آءُ،
سانگي ساري ساهُ، موٺان آئون ماڳَن.

"مُحمّد" جن جي آهيان، سَگ اُهو پئي ساهِيان،[4]
وَرُ وَسِيلو پانيان، قرب قَدِيمِي ڪَن.

---

(1) ماڙيچا = مارواڙ جي علائقي جي رَهاڪُن جي هڪ ذات. (2) پاڙي وارن. (3) اَن پاڻيءَ جو قيد.
(4)چڪيان — زور ڏيان.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-80 (سُر جَهنگلو)

مون کي تن مارُن جون، مارِن مَياران.

مون جيڏيون ملير ۾، ڪيئي قَطاران.

هن قضا جي ڪوٽَ ۾، اچن اُوچِنگاران.

وطن ڏي تہ وَرڻ جون، موڙي مَهاران.

هونديون تن جون ٿرن تي، هُو هُو هُونگاران.

"مُحمّد" جون لهندا اچي، سانگي سَنياران.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-81 (سُر جَهنگلو)

آئون ڪوٽَن ۾ هِتِ هانِ، مارُو منهنجا ڏُور وَسَن.

ماروئڙن ڪئون جدا، گهاريان هِتِ ڪيئَن ادا،
ڪڏ تون بندياڻي بَند مَئون، مِلان وجي شال مِٽَن.

پَٽَ پَٽِيهرَ[1] تنهنجا اصلي ڪِينَ پايان، ماروئڙن جي ڪيئَن لوئي مان لَڄايان،
رِيت اسان جي عُمرَ آهي، خاص ڪَٽَن.

مير عُمرَ تنهنجون ماڙيون بنگلا ڪِينَ وڻن، پرديسي پکيئڙا پڃري ڪيئَن پَون،
ماڙيچَن جو مَـرَڪُ[2] آهي، ڪوٽُ ڪَڪَن.

"مُحمّد" سانگِي ساري، ڳوڙها ڳِل روز ڳاري،[3]
واڳ ڏٽي شل واري، وچڙيا مُحبَ مِلَن.

---

(1) ريشمي ڪپڙا، (2) لائق – واجب- فخر، (3) ڳاڙي- وَهائي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-82 (سُر جَهنگلو)

ٻي ڪي ڪَلَ نہ ڪا، جن لڳي ڄاڻن اُهي.

پِٽُن تي پيرا ڏيون، جهانگِيُن جَهلَ[1] نہ ڪا.

ماڙيچَن ڪي ملير ۾، پَڪَن[2] پَلَ[3] نہ ڪا.

عُمَر ايڏي نا ڪجي، هِيٺَن هَلَ[4] نہ ڪا.

پَڪَن[5] رِيءَ "مُحمّد" ناهين، ماڙي مَحَلَ نہ ڪا.

Gul Hayat Institute

---

(1) روڪ ٽوڪ. (2) ڪِرڙ جا پڪا ڳاڙها ڏينهان (ڦَر). (3) روڪَ- منع. (4) هَلان- حملو (5) جُهوپڙين.

Scanned with CamScanner

## ڪافي-83

(سُر ڪَنيات)

مارُن رِيءَ ماتامُ، عُمَرَ مون کي محلاتن ۾.

ڪائڻ ڪاڄ ماڪِي ۽ مصرِي، ڪِينَ وٽي تُنهنجو طَعامُ.

پيرُون چُوندِينديَس پاند ۾ پائي، لُڏِي ڪَپڙَن لامَ.[1]

چو جَهلِي تِي جهنگ جِي جهانگياڙِي، سومرا تو سامَ.

ڪڍي چڏ تون وجود پنهنجي مَٺون، خطرا ڪُل ئي خامَ.[2]

”مُحمّد“ مُئِيءَ سان ڪيتَ[3] جو آهي، اصل ڪئون اَنجامُ.[4]

---

) وڻ جي سنهي ٽارِي، (2) ڪچا- خراب- بُرا، (3) مارئيءَ جو مگيندو (4) وعدو

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-84 (سُر مانجهُہ)

مارن رِيءَ محلاتن ۾، گهَڙِي هڪ نہ گهاريان، اڃن اُوچنگاران.

Gul Hayat Institute

پِرتِ وَندا پَنهوارَ، ڏَنُ چيڙِيـنِ ڏنارَ، تَـڙِ تَـڙِ تَنواران.

ادا عُمر چامَ، سِگهو پُڄاءِ سامَ، سانگِي ٿي ساريان.

نِگِي چِڏج ناهُہ، "مُحمّد" ناهِ ويساهُ، ڳوڙها ٿي ڳاڙيان.

## ڪافي-85 (سُر مانجهہ)

ماڙيچا مُلاقِي، ويڙهِيچا وَرن ۾، بيئَڪ بَرن ۾.

برهہ باهہ ٻاري، اَندرُ ويا اوجاري،[1] وينا نا وساري،
تَڪِيءَ ڪي ٽَرن ۾.

مارُون مال چارِن، تَـڙِ تَـڙِ تَنوارِن، سانگِي تا سَنيارِن،
ڦيرا ڏئي ڦَرن ۾.

تُنهنجون محل ماڙيون، سيپئي تا ساڙيون، ٽَرن تي ٽِي واڙيون،[2]
گذاريون گهرن ۾.

عُمَر آڻَ مَڃَ تون، ڏُئِي دامُ پيچ تون، پِيتَئِہ ماءِ تَڃَ تون،
پُڄاءِ پَهرن ۾.

"مُحمّد" پَڌر پئو، ڪنهن جو ڪرين پئو، چَوٽُو اَتئي چَؤ،
جهوڪان[3] جَهرن[4] ۾.

---

(1) ڌوئي-صاف ڪري، (2) مال ويهارڻ جون جايون، (3) منزل-ماڳ، (4) جَهنگن.

Gul Hayat Institute
Scanned with CamScanner

## ڪافي-86 (سُر آسا)

پَلِي نہ آهيان پُلاءَ، ڪِوَ[1] ڪُنيِيُون آ ڪاجُ اسان جو.

ڪڏهن اچي ٿو ڪِينڪِي، تو سومرا مون ساءُ،[2]
ريگستانِي راڄُ اسان جو.

زور ظلم چڙ تون زورِي، ڪر عُمَر نا اَتِڪاءُ،
محبت آ ميتاجُ اسان جو.

سُکَ سِيبائن[3] عيش نہ عشرت، وٺي نہ تنهنجو واءُ،
ڏکَ ڏُهگَ[4] ڏاجُ اسان جو.

هال هجر ۾ ٿي حيراني، سانِگي لَهج سَماءُ،[5]
لائقَ پالِين لاجُ[6] اسان جو.

"مُحمّد" جو روز مِيثاقِي، ڪيٺُ[7] مَگِيندو آهِ،
ڪامل ڪَيڙو ڪاجُ[8] اسان جو.

---

(1) جُوئر جي پوک ۾ ٿيندڙ اچين ڦُولين سان هڪ قسم جو گاهه (مارو ماڙهو هن کي ڏُتَ طور ڪم آڻيندا آهن)، (2) مزو- قرار، (3) وٽن، (4) ڏهاڳ- نياڳ، (5) سنيال- خبرچار رکڻ، (6) لَڄ- عزت، (7) مارئيءَ جي مگيندي جو نالو، (8) شادي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## (سُر ڪوهياري) ڪافي-87

مارُون[1] پنهنجي ملڪ جا، سانگيئڙا[2] سارِيان.

رهيا آهن روح ۾، سي ڪيئن وِساريان.

هِن قضا جي ڪوٽ ۾، گهايل تي گهاريان.

ڏَنَ ڏنارَن چيڙِيا،[3] چيلا آئون چاريان.

عُمَر اَباڻي پارَ جا، وارِث ڪيئن واريان.[4]

سَرتين سان سائيهَ ۾، هَنجُهون[5] پئي هاريان.

"مُحمّد" پنهنجي مُحبَ سان، گَڏجي گُذاريان.

(1) مارُو- ٿَرِي ماڻهو. (2) خانہ بَدوش ماڻهو- سيلاني، مال جي چاري لاءِ گاهہ جي سانگ تي ويندڙ. (3)مال کي جهنگ ۾ چَرڻ لاءِ ڀَهرايو يا روانو ڪيو. (4) ورايان- موٽايان. (5) ڳوڙها ڳاڙڻ

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-88 (سُر جوڳ)

مارُو مُلڪ مَلِيرَ جا، قيرِيُون [1] چارِن ڦـر،
وَسَنُوَ[2] نا ويجها ٿيا، پِيلِن[3] پيا ٻـرَ تـرَ.

پَلنگَ پاسي نہ سُمهِيا، رڻ چڙهيا ريڊَرَ[4]
ويڙهَن[5] کي وَرڙا ڏئِي، جوڙِن ڪِينڪِي گهَرَ.

ڀوڙَ پُلاءَ ٻِي ٻَنِ[6] پيا، زَردا مٿل زَهـرَ
قُوتُ[7] اسان جو قيام تائين، سَرتيون ساڳ[8] سِگرَ[9].

عُمَرَ تون انصاف ڪر، ڏوتِن[10] لاهِ ڏَمـرَ[11]
پَوندُءِ ڪَمُ ڪَرِيمَ سان، پاڪَ ڏٿِي پَرورَ.

آجِي اَجڙوالِ[12] ڪر، اِڳَتَئُون مِلندُءِ اَجرُ[13]
مارُن سان ميلو ٿئي، ڳَڏجي ڪيان مان گُذرَ.

"مُحمّد" تي مِيثاقَ ڪئُون، ڪندا مِيرَ مِهرَ
دَستُ ڏيندا دارَين[14] ۾، وارث وِيرَ واهَـرَ

Gul Hayat Institute

---

(1) ڦيرايو- چڪر لڳرايو، (2) وَسندِي- آبادي، (3) لَتاڙِين، (4) ريڊار- رِڏُون ٻڪريون چاريندڙ، (5)جُهوپِڙيُن، (6) ڪَڏَ ۾، (7) خوراڪ، (8) سَرنهَن جا پَن، (9) ڪَنڊِيءَ جي وڻ جون ڦَرِيُون، (10) مارُو ماڻهن، (11) ڪاوڙ، (12) ٻَڪرارِ- مالوَند (13) عيوض- ثواب، (14) ٻنهي جَهانَن.

Scanned with CamScanner

(سُر ڪنيات)

## ڪافي ـ 89

آهي اندر ۾ اُڪِيرَ سانگِي ساريان، ڪيئن وساريان.

بيوس باندِي بَندَ ۾ آهيان، زورِي لاهِ زَنجيرَ.

دَمُ جدا هڪ جالڻ[1] ناهين، عُمَرَ ڄامَ اَمِيرَ

زَردا زهر پانيان تي تنهنجا، هُتِ پيون تا ڪِيرَ.

باغَ باغِيچا بيحد بُجڙا، ڪِرڙَ ڪَندا تي قَرِيرَ.[2]

"مُحمّد" ماڙيون ڪِينَ ٿيون پائن،[3] پَکين[4] ٺڏڙي هِيرَ.[5]

---

(1) گُذارڻ، (2) خوش- خوشي ڏيندڙ- قرار ڏيندڙ، (3) وڻن، (4) پَکن ۾ - جُهوپڙين ۾، (5) هلڪِي هوا- صبح واري ٺڏڙِي هوا.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-90 (سُر ڪَنڀاتِ)

ماروئڙن جِي مَيارَ ڪيئن ڪٽان مان خانَ خوشيءَ سان،

پَٽُ پَٽيھر[1] مُورُ[2] نہ پايان، ڪَتَن منجھ خُمارَ[3].

مٿو مُورُ نہ ڌوئندِس ھِنٽڙي، مَرُ[4] ھجن اَٽيا[5] وارَ.

دَمِ دَمِ آھي دل منھنجي ۾، سَنگھارَن جِي سَنيارَ.

ھِڪُ چِڏڻُ وَرُ[6] واجِبُ[7] ناھين، ٻيو ڪيان ٻِيھارَ[8].

"مُحمّدُ" جن جِي آھيان تن جِي، تَن اندر ۾ تارَ.

---

(1) ريشمي ڪپڙا، (2) ھرگز، (3) نشو- سُرورُ، (4) ڀَلي، (5) خشڪ- بنا تيل جي، (6) مُڙس، (7) ضروري، (8) ٻيو دفعو

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# داستان هير رانجهو

## ڪافي- 91

(سُر پيروي)

منهنجي قُرِي دل فقيرَ عَينن جي اشاري ڏنا چاڪَ[1] چِيرَ

راويءَ جي ڪناري رانجهن آيو، جَتُ لولاڪِي مِيمِي پايو،
آيو تہ پُڇائيندو سِيالِڻ هِيرَ

جوڳِي ويِسُ ڪري آيو جاني، ڪَنين ڪُنڊل پائي ڳَل ڳاني،
وَنجهلِي[2] وڄائيندو آيو جهاڳِي جهنگَ جهيرَ

روز اَزلِي لَذَّتِيم لاوان،[3] نيهِي تي ڪري نينهن نيايان،
گَدِجِي گوهر سان، پِيان ڪَندون ڪِيرَ

صورت مرشد معنيٰ الله، بحر توحيدي بَـقاباالله،[4]
بَشرِي بهاني سان، بَڻِي تَصويرَ

”اَنَا اَحمَدُ“ ذات اِلاهِي، ”مُحمّد“ وَسندا هرجاءِ ماهِي،[5]
جنهن لَئہ وَهايان ويٺي، نيڻن نديون نِيرَ.[6]

---

(1) زخم. (2) بِينَ. (3) لائِئُون. (4) الله سان واصل. (5) مَحبُوبُ. (6) پاڻي- ڳوڙها.

## ڪافي-92 (سُر توڙي)

شاهہ رانجهي لَنوَڙي لائِي آ.
بي واتِ نہ ڪا وائِي آ.

ع- عَين عطا اسرار الاهِي، لُونءَ لُونءَ وَسِندا رانجهن ماهِي،
شور مچايا شاهَنشاهِي، باه ٻَيڙ ٻَـرڪائِي آ.

غ- غَين غُبار غرور وڃائي، خام خودي ڪُل خيال ڪپائي،
جوش پِري تو جوت جاڳائي، تَن مَن صاف صفائي آ.

ف- فراق ڪئي دل آ فاني، رنگپور راڄ رهان ديواني،
رانجهن جاني پائي ڳَلِ ڳاني، روز اَزل آشنائي[1] آ.

ق- قُرابت ڪان بيزاري، ڏار هُيَسِ ڌُرِ ڪان ڌارِي،
ڪيڙي خَرجي ناحق خواري، سِر تہ اسان جي آئي آ.

ڪ- ڪِروڙ مَچايو ٿيون- اوهان جيڏيون سَرتيون سَڏايو ٿيون،
سور وارن کي سَتايو ٿيون، بي سُورَن سُرتِ نہ ڪائِي آ.

ل- لَطِيفي لُطف لياقت، عين عروج الستي عنايت،
بَخُشُ[2] گهري سِرَ سِيني صداقت- رمزانهيءَ رِيجهائِي آ.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

م- ”مُحمّد“ معنيٰ مظهر، موهيا مشتاق مُرلي منتر،
”لَوْلاَكَ لَمَا“ لقب تاج وَر، وِرهَ وارن واذائِي[3] آ.

ن- نظر نروار نمايان، مِثلي مان بي مِثلِي ڀانيان،
سارو سِر ۾ سَير سَمايان، مرشد مامَ مِلائي آ.

و- وجودي ورق وصالِي، حالِي ڪالِي هُون بي حالِي،
مست موالي ڪِين ڪِي خالِي، جذبي جوش جلائِي آ.

هـ- هدايت هاديءَ جي، جُنگَ جِيلانِي گاديءَ جي،
شوق شجاعت[4] شاديءَ جي، اِها ڳُجهڙِي ڳالهائي آ.

ي- يقين سدائين ثابت، رهبر ساڻ رهين تون رابطِ،[5]
”مُحمّد“ مؤج مدامي محبت، سِڪَ سَرِيَرَ[6] سَوائِي آ.

Gul Hayat Institute

---

**ڪافي نمبر92- جي ڏکين لفظن جي معنيٰ:**

(1) ڄاڻ سڃاڻ — واقفيت، (2) معافي، (3) مبارڪباد، (4) بهادري، (5) رابطي ۾ - لاڳاپي ۾، (6) جسم - بدن

Scanned with CamScanner

## ڪافي-93 (سُر آسا)

چوڙي تخت هزار، جهاڳيم جَهنگ سِيال سارو

خواب منجهان بيدار اسان کي، هِير ڪيو هوشيار،
گهرچُوچَڪَ[1] جي لَذَّتِ چارو.

رنگپور جو مان راه سُجاڻان، ڪِين آيو هو قرار،
ڇڏيم لوڪَ ساري جو لارو.

"خَلَقَ الْآدَمَ عَلٰى صُوْرَةٍ" هي، هر جاءِ حُسن هزار،
پاڪُ پَسيم مان نورُ نظارو.

رکي اوتَ الفَ جي آيس، "مُحمّد" خود مختيار،
نِسَنگ[2] هنيواٿم نِينهَن جونعرو.

(1) هِير جو پيءُ، (2) ظاهِرظَهور

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-94 (سُر آسا)

نال اسان هَس هَس[1] وي جوڳي، هو وي هردم تَينون جَس[2] وي جوڳي.

لُونءَ لُونءَ[3] دي وچ ماهِي ماهِي، ڪيڙي پيئڙي ڪَنون بس وي جوڳي.

باب بره دا مئن جو پڙهيا، دم دَرُونِي دَرسُ[4] وي جوڳي.

اَنگ اَزلي هئي جو لڪيا، نهين ميٽڻ دي مَس وي جوڳي.

اَنهد[5] بِين بجا ڪي باجا، نِينهن والا نَس نَس وي جوڳي.

”مُحمّد“ هِير سِيالڻ ڪِيتا، عجب عين عَڪس[6] وي جوڳي.

---

(1) ڪِلَ- خوش ٿي، (2) شاباش، (3) وارَ وارَ، (4) سبق، (5) اندروني- روحاني- مَن جِي، (6) پاچو- تصوير- پَرتَوو.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-95 (سُر پِيم)

ماهي ميڏا مَهمِير،[1] لوڪان ڪَل نہ ڪائِي.

جوڳيان والا ويس وَٽاڪي[2] ڪَنوٽيا[3] ڪَن چِير[4]،
محبت مُرلي مِيمِي وڄائِي.

اصلي عُشاقان لاشڪ لڳڙا، تيز تکا تن تير،
رڳ رڳ دي وچ رانول رائِي.

چاڪان والي چال چليندا، ساڏا هئي گُر پير،
دم دم دي وچ ياد سدائِي.

تخت هزارا چوڙ ڪَراهين، جهاڳيندا جهنگ جهِير،
ڪِيتُس چا اٿان عشق اَدائِي.

"مُحمّد" ڪُون وَتِ[5] نال نظر دي، سُرڪ ڏِتس اڪسير،
قربئون ڪرڪي مهر يَلائِي.

Gul Hayat Institute

(1) دلير- بهادر، (2) مَتائي، (3) وٽيل ڪنن وارا، (4) ڪَنن چيريَل، (5) وري.

Scanned with CamScanner

## ڪافي-96 (سُر ڪسوري)

عشق ڪڙا هئي ڇريان چائِي، تُرت ڏيندا تَڪبِير وو سَيان.

نال ڪيڙان دي لڳ پڳ نائُهِم، دلڙي ڏُتاري رانجهن چايَم،
جنهن ڪِيتي[1] چايَم تنهن ڪم آيَم، ڪيا ڪري شودي[2] هِير وو سَيان.

جيڏيان سينگيان[3] متيان ڏيوَن، اَمڙيان مايان چاءِ دَڙڪاوَن،
عشق ديان ڳالهيان مَنديُون نہ هَنداوَن، توڙئون لِکِي تقدير وو سَيان.

مَئين تي رانجهن هڪ ٿيوسي، روز الستي پَهُ تہ پيوسي،
"مُوتُوا قَبلَ"[4] مَرِي تہ جِيئوسي، ڪو نہ ڪري تقرير وو سَيان.

"مُحمّد" چوڙان هُڻ نَهين ڇُٽيندا، عاشق پِڇتي مُول نَهين هَٽيندا،
سِڪ دا سَنگڙا ٽُٽِ نَهين ٽُٽيندا، مَئِن تہ پانيان ڪي زنجير وو سَيان

Gul Hayat Institute

---

(1)واسطي- لاءِ، (2) نماڻي، نياڳي، (3) سَنگ واريون- مائٽياڻيون، سهيليون، (4) "موت کان اڳي مرڻ" يعني نفس کي فنا ڪرڻ.

## ڪافي-97 (سُر ڪسوري)

آ مِلُ رانجهن سائين مَينون، فَلَق[1] فراق دي ڦٽيان مَئن.

سِڪَ تُساڏِي هردم هوئي، ذات ڪيڙان ڪنون ڪَٽيان مَئن.

يَر يَر ڏيوين دَستئون دلبر، وِره واليان هُڻ وَٽيان مَئن،

جَڏهان تون ماهي مَنجِهيان[2] چيڙين، رَل[3] چراوان ڪَٽيان[4] مَئن.

مالڪ مُلڪ لَوۡلَاڪَ دا سائين، هِير سِيالڻ جَٽيان[5] مَئن.

سب سَهيليان چا سمجهاوَن، جهُوٽي عشق دي جَهٽيان مَئن.

"مُحمّد" بَردا[6] تيڏي دَردا، هورُ[7] وَڏايان سَٽيان مَئن.

(1) دراصل- فرق آهي يعني جدائي، (2) مينهُون، (3) ملي ڪري، گڏجي، (4) پاڏيون، وَڇون، مينهون، (5)جَٽِ- جاهل، (6) ٻانهو- غلام، (7) ڳٽتي، وهم، وسوسو- پنجابيءَ ۾ هورُ- ٻئي ڪي ٻه چئبو آهي- هتي 'هور' "ٻِيُون" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-98

(سُر ڏَناسرِي)

رانجھن يار دي آوَڻ ڪِيتي، لک لک شڪر ڪريندِي هان.

جَڏهان داۤ جانِي جامُ پِلائِئہ، تڏهان نشي وچ رَهندِي هان.

زُلف[1] زنجير دا پيچ پيا هئي، هُڻ نا مَئن وَل چِتِندِي هان.

"مُحمّد" ڪيڙا پَئيڙا خارج، رانجھن وِرد[2] ڪَمائيندِي هان.

---

(1) محبوب جا وار، (2) روز جو ذڪر.

Gul Hayat Instutute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-99 (سُر ڏَناسري)

مَئن تانڻ برهه بيراڳڻ ڪئي هان، آني پيش پِريان دي پئي هان.

راتيان ڏينهان رانجهي خاطر، ڍُونڍِيان بيلي دِيان لَيان.[1]

هِير نِماڻِي نُون مَتيان ڏينديان، سينگيان[2] سَهيليان سَيان.

"مُحمّد" تَخت هَزاري[3] دا آيا، هِير سُهاڳڻ تَيان.

(1) لٿيءَ جاوڻ. (2) سهيليون - دوست - سَگ واريون. (3) پنجاب جي سرگودا ضلع جو تعلقو آهي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(سُر بَنَسُ)

## ڪافي-100

اَزلئُون لڳ ڳَئِي نال رانجهي دي،
تُسان ويڻ[1] اَليندِيان سڀ سِيالِيان.

شاهه رانجها هئي چوڙ دِليندا، دل نَگِدا دامُ[2] دُواليان،[3]
ذوق شوق دا ڪر ظَهُورا، قُردا مست مَواليان.

تخت هزاري دا سهڻل سائين، چا ڪَردا عجب چاليان،
رنگ ڍَنگ اُهين دي ناز نياري، ويکو لاشڪ لاوَباليان.[4]

وَسُ نهين چلدا بيوس باتيان، ڪَردا بره بَحاليان،[5]
هِير نماڻي نُون هِردي وَجديان، دائم درد دَماليان.

وچ وجود شُهُود[6] شِتابِي، واحد وَصَل وِصاليان،
اَوج عُروج اِلاهِي اَڪمل،[7] خاصُ الْخاص خِصاليان.[8]

وچ مثلي دي جاڻ رهو، هئي "مُحمّد" بي تہ مِثاليان،
"اَنَا اَحمَدُ بِلا مِيمٍ"،[9] قائم قرب ڪَماليان.

---

(1) طعنو- مهڻو، (2) پکين کي ڦاسائڻ واري ڄار، (3) باز کي قابو ڪرڻ لاءِ پير ۾ ٻڌل ڏوري، (4) بنا سختيءَ جي- بي پرواهه، (5) قائم- منظور، (6) مشاهدو- گواهي- حاضري، (7) مڪمل- ڪامل، (8) خصلتون- عادتون، (9) "آئون اَحمَد آهيان بنا ميم جي" يعني اَحد= اللهﷻ.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-101 (سُر پِيلو)

آيا ماهِي ساڏي ويڙهي، خارج ڪيڙي پيڙي.

مئن رانجهن دِي رانجهن مَيڏا، وَسندا ساڏي نيڙي[1]،
جيڏيان سينگيان[2] جَنگ مَچاوَن، لتي جهَتي جهيڙي.

روز اَزل دِي گولِي هويان، پيار والي هِن پيڙي[3]،
ننگ ڪَنُون مئن نانِگي تيان، چَڙهيان عشق دي ٻيڙي.

چُوچَڪُ[4] دا هي چاه[5] نہ مئينُون، چاڪُ[6] چڏيا هي چيڙي[7]،
"مُحمّدؐ" موج مُدامِي هوئِي، محبت والي ميڙي.

---

(1) ويجهو- قريب (2) سهيليون- مائٽياڻيون (3) پيڙا- درد. (4) هِيرَ جو پيءُ. (5) شوق- محبت. (6) زخم رانجهن جو لقب بہ آهي. (7) چيڙائي- ڏُکائي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(سُر پيلو)

## ڪافي-102

رانجهن جوڳي آيا، ڪَن وچ ڪُنڊَلَ[1] پايا.

اَحد وچون چا اَحمَد بن ڪر، مِيم دي مُرلي وڄايا،
راز رِندانا رهبر رُوحِي، رَنگپُور راج وَسايا.

شاهِي چوڙ شاهَنشاه، چاهَئون چاڪُ[2] سَڏايا،
هِير ڪِيتي[3] حيران هويا، ماهي مَنجهيان[4] چَرايا.

بَسْمِي[5] لاڪي[6] ويسُ وَتاڪي[7]، در تي دُونهان لايا،
نينهن نِسَنگ دي ڏَنگ اُتي، محبت مَندُ[8] چا لايا.

چاڪُ دي نال چاهُ لڳا، روزئون روز سَوايا،
شوق دي شُعلي هِير دي اولي، "مُحمّد" مهڻا چايا.

Gul Hayat Institute

---

(1)چانديءَ جو والو جيڪو جوڳي فقير ڪنن ۾ پائيندا آهن. (2) رانجهي جو لقب. (3) واسطي- لاءِ،
(4)مينهِيُون. (5)خاڪ - ڪيرِي - ڇار. (6) لڳائي. (7) مٽائي. (8) جادو.

Scanned with CamScanner

## ڪافي-103 (سُر ڌَناسِري)

رانجهن ميڏي سِر دا سائين، ٻَنِ[1] ڪيڙان دِي ذات وي ميان.

دم دم ساڏي دل تي ميان، رانجهن وائي وات وي ميان،

رانجهن آوي ڦيرا پاوي، مَئن مُتِي[2] محلات وي ميان.

راتيان ڏينهان نيرُ[3] وَهايان، برھ والِي برسات وي ميان.

اُٺ تُٺ اورَ[4] ازلي هوئِي، تَن ميڏي وچ تات وي ميان.

نال سُهڻي دي ڪَڏهان ٿِيسي، "مُحمّد" ملاقات وي ميان.

---

(1) ڪَڏَ ۾ پوي، (2) ڦاٿل-مصيبت ۾ پيل، (3) پاڻي-ڳوڙها، (4) سِڪَ، يادگيري

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## داستان: سُهڻي ميهار

(سُر جَهنگلو)

### ڪافي-104

جنهن جو مَنُ ميهار سان، گهُوران[1] ڏئي تيون گهَرَن[2].

بيوس پنهنجي پاڻ کي، اُمالڪَ اُچِلن.

دهشت دوُر درياهَ جو، چوليون نا تيون ڇَڏِن.

ڪُوڙا ڪيئي موٽي پيا، سچا سِيرَ لَنگهَن.

وِيـرن مئون واهَر[3] تيندا، اَهنجي[4] ڪئون اُماڻِن.

اَڻَ تارَن کي آسرو، "مُحمّد" محبوبَن.

---

(1) تکي نظر سان ڏسڻ- گهُورَڻ، (2) گهِڙَن، (3) مدد، (4) ڏُکئي

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-105 (سُر ڪونسِيو)

مِٺي يار ميهار تئون، گهوريان هِي جِندڙِي

مال مَڏيُون محبوب تئون، ڪانيان هِي ڪَنڌُ ڙِي،

ويهڻ مون کي وِهُ ٿيو، پرِيَن ڏي پَنڌُ ڙِي.

ملڻ رِيءَ منٺار جي، ڪِينَ وڻي تو هَنڌُ ڙِي.

اوهان مون کي چوجهليو، ساري تو سَنڌ سَنڌ ڙِي.

ساهڙ مليو سِيرَ ۾، ”مُحمّد“ ورتو رَنڌُ[1] ڙِي.

---

[1] رستو- دڳ

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(سُر سُهڻِي)

## ڪافي-106

روز اَزلِي رُوحَ منهنجي جِي، ميهر سان مُحبتَ.

سرتيون ساهَڙَ ڄامَ سان، سَچِي آ سَنگَتِ.

ڏَمُ[1] ڏِهاڙِي تو ڏَنگي، ڪُوڙِي رکي ڪُلفَتَ[2].

دائم دؤر درياءَ جِي، ڏُمَ وڏي دَهشتَ[3].

سَهجَڻون[4] سِرَ نِوايان، نياز ڪري نِوڙَت.

"مُحمّد" مُغان جي ڪئي، شاهَنشاهَ شَفقتَ[5].

(1) سُهڻِيءَ جي مُڙس جو نالو- (هيرايل- سيڪاريل)، (2) دُشمِني- ويرُ (3) ڊِپ- هراس، (4) آسانِيءَ سان، (5) مهرباني- رحم

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## داستان: مومل راڻو

### ڪافي-107 (سُر راڻو)

ناهِ مناسب مينڌرا توکي، مُومَل سان ماڻا.

ناحق نـاهِ چـڱو اوتان[1] رکـڻ آڻـا[2].

مومل هِت محلات ۾، ڏاتِي ڏَتِ سِڌاڻا[3].

هِتئون هلندِس ساڻ همت جي، تا ڪَ[4] پُڇائي تاڻا.

جِيءُ جَلائيندِس پنهنجو، متئون تو راڻا.

ڪاڪِ سچي قربان ڪيان، "مُحمّد" مانداڻا[5].

---

(1) پردو — اولو (2) ناز نخرا. (3) روانا ٿيا. (4) رهڻ جو هنڌ. (5) ناهَ نُوهہ - اڏاوت - محل ماڙيون

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-108

(سُر راڻو)

ڪاڪِ سڄي قربانُ، سوڍل تو تئون آئون ڪيان.

آسَوَندِ[1] اصل ڪان آهيان، مون وٽ تي مهمانُ.

مال مَڏِي آهي مِلڪَ اوهان جِي، سارو سِرُ سامانُ.

رُسڻ رنجُ رکڻ نا واجب، شاهن سندو شانُ.

وِرهَ مون ويران ڪيو آ، حيرت منجهه حيرانُ.

مٿئون "مُحمّد" مِهر مئون، بِرهه وسي بارانُ[2].

(1) آسائِتي- اميد رکندڙ (2) برسات

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-109 (سُر راڻُو)

رمز لڳي آ راڻي جِي، مُونجهہ مري مُومَل.

سَنڌَ سَنڌَ ۾ سارَ سڄڻ جِي، جهورِي[1] ڏي نا جَهل.

اچي اُليلَ[2] اندر ۾ جاڳيا، پُور پون پَلپَل.

روئڻ رِيهان راتيون ڏِينهان، هِيٺِيءَ ڪي هَل هَل[3].

سُکَ نہ سنگِتي ساٿي ٽيڙا، سُور سوين سَل سَل[4].

Gul Hayat Institute

اچي ڪر تون اوچِتي، مَن ميندڙا محفل.

تو ڪئون سِوا آهي سوڍِل سائين، "مُحمّد" ڪي مشڪل.

(1) عشق جو سوز- ڳڻتي، (2) محبت جي ڪشش- اُڪير، (3) هَر هَر - گهڙِي گهڙِي، (4) سوراخ.

Scanned with CamScanner

## داستان: ڪاپائتِي

### ڪافي-110 (سُر صُبحِي)

ڪر عاشق اَسُرَ[1] اُٿڻ جِي، ڇڏ رِيت رسم تون سمهڻ جِي.

چوري چَرخو چاھ مان اَلا، ڪر تون ڪارِ ڪَتڻ جي.

سَنجهي ويا تِي سُپرين اَلا، تون نہ ڪانہ ڪئي جاڳڻ جي.

سُٽَ وارن جي سامهون اَلا، ٿيندي تورَ تُرڻَ جي.

"مُحمّد" پاندِي[2] نہ ڪَتِي[3] اَلا، مِهر ڪجاڻ ڪا مَڻَ جِي.

---

(1) فَجر جو. (2) ڪپھ جي پُوڻِيءَ مان ٺهيل سُٽَ جي ڍيرِي (جيڪا هڪ تَڪُ تي چڙهيل هجي، - يعني تمام ٿوري ڪپھ جي ڍيرِي). (3)اُٽِي- يا ڪپڙو ناهيو.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-111 (سُر صُبحِي)

هُتِ ڪانهي ڪانِ ڪَتڻ جِي، آهي ناتي نينهَن نـيَڻ جِي.

چَرخو مُئِيءَ کي چَسَ[1] نہ ڏي تو ناهي طاقت تَندُ وجهڻ جي.

سَنڌو[2] سورن نا پوي اَلا، راتيون ڏينهان تہ رُئڻ جي.

ڳجهي ڳُجَهہ جي ڳالهڙِي اَلا، سَرتيون ناهہ سَلڻ[3] جي.

"مُحمّدؐ" سان ڪئي مرشد سائين، اِها ڳالهہ ڳَنڍَڻ جي.

---

(1) مزو (2) وقفو- فرق- خاتمو (3) راز ٻڌائڻ

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-112

(سُر صُبحِي)

آيو ڪونہ چَرخو، چَرِيءَ کي ڪَتڻ ۾،
ويو وقت گذري، سَڙِيءَ جو سمهڻ ۾.

اڄ يا سياڻي ويچاريءَ جو وارو،
ڪَتيم پاءُ نہ پورو، نہ ڪِي ڏي اُڌارو،
هٽان هت پئي هاٽي، ويو سڄ لهڻ ۾.

اَٽئي پَهر جاڳي، جنين اٽَ اوريا،
ڪيا جن پِرت مَٽون، سيئي سُٽَ پورا،
پلي سي تہ مَرڪن، آريءَ جي آتڻ ۾.

اَڳيئون سِيرَ سختي، ٻُجهي ڪُن ڪارو،
ڪَشتيوانُ[1] ڪَرڙو[2]، چلي ڪونہ چارو[3]،
پَلئہ ناهِ پئسو، ڏيان ڇا پتڻ ۾[4].

"مُحمّد" چوي مالڪ، تُنهنجِي آ ستارِي،
تڳان مير مُرسل، مان تُنهنجِي تارِي،
ڇُٽا جَڳ ڇِيهَن ڪئون، ڪلمي جي پڙهڻ ۾.

---

(1) ٻيڙيءَ وارو -ملاح، (2) سخت مزاج، (3) حيلو- وَس، (4) ٻيڙيءَ جو پاڙو.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# داستان: ڪيڏارو

## ڪافي-113

(سُر پيلو)

درد دل ۾ دائمِي، هادي سَندي حَسنين جو
هردم حمايت هاشمِي(1)، ڪامِلُ سندي ڪونَين(2) جو

حَسن جي آهي هدايت، مون نماڻي کي نصيب،
قَدحُ(3) ڪوثر(4) ڪان مليو آ، مُرتضيٰ(5) ثقلين(6) جو

راز رهبر جو آ رِندِي، رمز وارو رَهنُما،
ذَوق زَيــنَ الُعابــديــن، قُــرةُالعَينين(7) جــو

باقَر و جَعفر جماعت، ساري جو امام حق،
اَمِين اَڪبر آهي اَصغَر، اصل عاشقينَ جو

تَقِي نَقِي جو طالب آهيان، مُوسيٰ رَضا جي مامَ ۾،
قرب ڪاظِمَ ڪيو قديمي، داتا دارينَ(8) جو

مِهر مَهدِي جي مُدامِي، عالم تي احسان تي،
ماڙِ(9) ڪندو اچي مُصطفيٰ، "مُحمّد" مُرسَلِين(10) جو

Gul Hayat Institute

(1) بَنو هاشم قبيلي جو- حضور پاڪ جو لقب. (2) ٻنهِي جَهانن جو (3) پيالو (4) جنت جو حوض ڪوثر.
(5) پسنديده- مقبول- حضرت عليءَ جو لَقَبُ. (6) ٻنهي جَهانن جو (7) اکين جو ٺار- اکين جي ٿڌاڻ.
(8) ٻنهي جهانن جو (9) مِهر- ڪرم. (10) جنهن ڏي موڪليو ويو (قرآن شريف) — حضور پاڪ جو لقب.

Scanned with CamScanner

# داستان: سورَٺِ

## ڪافي-114

(سُر سورٺ)

تَندُ ٻُڌِي ڪا تارَ، پنھنجو سر صاف ڏنائون.

محبت ميچان[1] جن ڪي آيون، سي تہ ھليا ھيڪارَ،
وري ورڻ جِي ڪانہ ڪيائون.

راجا راءِ ڏِياچَ جو رايو، ٻيجَل ڪي ٻيھارَ،
صداقت سِڪَ صدائون[2].

عشق جي منزل بيحد بارِي، ڪٽن بھادُرَ بارَ،
ڇمِي سِرَ چاھئون[3] چايُون[4].

سُر پُر ساز آواز جي سيني، لُونءَ لُونءَ منجھ لَغارَ[5]،
لَڳِي لَئون[6] لَعل لَڏائون.

پُوريُون ڪر تون پارس پِرتئون، "مُحمّد" جا مُختيارَ،
مُنور مِيرَ مُدائُون[7].

---

(1) اِشارا، (2) آواز، (3) شوق سان (4) ڪنيائون، (5) ڇِتِڪو- ڳھڪو- اش (6) عشق- محبت (7) مُرادون- خواھشون.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# داستان: سارَنگ

## ڪافي-115 (سُر سارنگ)

سارَنگَ[1] شاهَ سردارَ، قرب ڪُلِي اچي مون سان ڪَيَڙو.

بوند برهہ جي برسي بارِي، گل ڦل گاهن ڪئي گُلزارِي،
هر جاءِ باغ بهار، راڄ سڄوئِي راضي ٿيَڙو.

گاجَن[2] گوڙ لائي آ گَج گَج، بادل بِيهَن نا رُڪِي پَج پَج،
ڪِنوٽِن جي تہ خُمارَ[3]، جِهرمِر مِينهَن جهوريو[4] آ جِيَڙو.

جنهن جي آئي عيدان ٿيڙيون، ميرَ[5] مَدايون[6] معافي ٿِيَڙيون،
يَوَ[7] لَتا يُلڪارَ[8]، پيچ پريمي آني[9] پِيَڙو.

"مُحمّد" مُونجهہ ناهين ڪا مَلُولَت،[10] وَجد[11] وجود ۾ وله وَصولت[12]،
سوبَ ڪَبِي آ سَتارَ، لُطفَ پاتو آني[13] لِيَڙو[14].

---

(1) مِينهن جي موسم - جُهڙ، (2) گجگوڙن- گوڙِن، (3) نشي، (4) ڏُڪايو- زَبُون ڪيو (5) ميراڻ- خرابي، (6) بُرايون، (7) خوفَ، (8)مُونجهہَ – خوف، گمراهي، (9) اَچي، (10) ڏُڪ- غمگيني- اُداسي، (11) جوش- بي خودي، (12) ميلاپ- ملاقات، (13) اَچي، (14)لِيئو- جهاتِي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## داستان: رامَڪَلِي

### ڪافي-116 (سُر آسا)

ويراڳِن ڪئون وِيءُ،[1] وحدت وارو مُورُ[2] نہ وسري.

هتئون هاديءَ جي هدايت وارو، بيخود پيالو پِيءُ،
مست مَحويَت مصري.

"مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوا"[3] مَرِي عاشق جِيءُ،
آفتاب[4] اندر ۾ اُيري.

دم قدم هوشيار هلڻ سان، سدا خُماريَل ڪِيءُ،[5]
نينهُن نهايت نِسري.[6]

"مُحمّدؐ" سمجهي معنيٰ سارِي، ساڳو سِرُ تون ٿِيءُ،
غَيرَ غُرورَ منجهان تون گُذرِي.

---

(1) سؤدو- وڻج واپار، چراگاه، سرسبز ٽڪرو (2) هرگز (3) "موت کان اڳي مَرو" يعني نفس کي ماريو (4)سج، (5) خوش، (6) ڦُٽي- اُسري.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-117 (سُر ڪسوري)

دُوردَراز سفر آ لَمبو،[1] وِڪَ وَڏائـج وِيـرَ ويـراڳِي.

پيهِي[2] پَسُ تون پاڪ نظرسان، صَحِي سُڃاڻج صورت ساڳِي.

نِندَ نيڻن جي ناسُ ڪري ڇڏ، جوت جاڳائج جوڳِي جاڳِي.

لُونءَ لُونءَ[3] لاتِ لاثاني آهي، لَنُون[4] لطيفي لاشَڪ لاڳِي.

هيڪَر هَتُ ڪٽِي تون هِنَ ڪئُون، ماڳَ اُنهِيءَ ڪي ماڻين ماڳِي.

”مُحمّد“ جِي دل دائم قائم، وحدت ۾ واهُ آهي واڳِي.[5]

---

(1) ڍِگهو (2) اندر داخل ٿي (يعني پنهنجي قلب ۾)، (3) وارَ وارَ، (4) محبت، (5) واڳ ۾ ٻَڌي- جَڪڙِي- قابُو ٿي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-118 (سُر جوڳُ)

جوڳِن سان جِيءُ جَڙيُون،[1] اچي مليا تہ اُهيئِي.

لاهُوتي لاشڪ لامَڪانِي، ماڳ نہ تِنهِن ڪي مَڙهيُون،
ويهَڪَ تِن جِي ويئِي

نِسَنگ نانگا نِينهَن ڪيا، چريا پائن تا چَڙيُون،
سڪ سانڍِن تا سيئِي

ڪاهيُون ڪوهيارل ڪانڌَ جي، رَندَ وٺي ڪن رڙيُون،
پيش پرِيَن جي پيئِي

"مُحمّد" سان محبوبَ مِٺي جون، اکيون اَلستِي اڙيُون،
ٻاجهہ پريون سي ٻيئِي

---

(1) پاڙُون هَنيون- ڳَنڍِيو- مليو.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-119 (سُر سامُونڊِي)

ڪندا ويا ڪُوڪارَ، ووڪيچ وٽن ڏي ڪاپڙِي.

اُنهن کي تہ الست ڪان، پِرتئون پِرَ[1] جِي پَچارَ،

ويچارا تہ وَڪوڙيا، عشق سندي آزارَ

وينا اَڙائي اکڙيون، ڪِينَ تَڪِن[2] ٻي وارِ،[3]

ديوانن جي دل ۾، ڏاڍي طلب تنوارَ

”مُحمّدَ“ جا راتيان ڏينهان، نيٽين نمن تا نارَ.

---

(1) پِرين- محبوب. (2) تَڪِين- ڏسن. (3) طرف- پاسي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-120

(سُر سامُونڊِي)

جوڳي جَلوي دار، وو مست قِرن تا مُلڪ ۾.

اوتَ رڪن تا عام ڪان، خاصا خبردار.

بَرن ۾ بيٺَڪ هٺي، نانگا تيا نِروار.

وجي پيا نہ اَجهاڳَ[1] ۾، قُلزَم[2] ڪارُونيار[3].

ڪُل شَيءِ تَرڪي هليا، يگانا تيا يار.

هيڪاندا[4] هَمذاتِ[5] تي، "مُحمّد" مَنصب دار.[6]

Gul Hayat Institute

---

(1) جنهن کي جهاڳي نہ سگهجي- پار نہ ڪري سگهجي- تمام اُونهو. (2) وڏو سمنڊ. (3) تمام اُونداهو- تمام گهٽو (4) گَڏيل- گڏجي، (5) هڪجهڙا- يَڪجانِ، (6) عهدو رکندڙ- درجو رکندڙ.

Scanned with CamScanner

## ڪافي-121 (سُر ساموندِي)

آديسِي اَڻ موٽَ، وو اورِن ويتا اَلَک[1] سان.

چوڙي جَتائون[2] جُهد[3] مَئون، ڳولي مارِيائون ڳوٽَ.[4]

تَرڪُ ڏنائون تَرڪَ کي، ڪا جيءَ لڳڙن چوٽَ.

هيڪڙائيءَ ۾ هڪ ٿيا، ڪَپي دُوئيءَ جا ڪوٽَ.

وڃائِي تہ وجود مَئون، ڪاهوڙن ڪُل ڪوٽَ.[5]

”مُحمّد“ مِيثاقئون اڳي، گهايل آهن گهوٽَ.

---

(1) جنهن کي لَکي نہ سگهجي- ذاتِ اِلاهي، (2) ڍگها وار جيڪي ساڌُو ۽ فقير رکندا آهن، (3) ڪوشش- طاقت، (4) سارِي (چوپَڙ يا شطرنج راند جِي). [ڳوٽَ مارڻ=راند کٽڻ- ڪاميابي ماڻڻ]، (5) خرابي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## (سُر پيروي)

## ڪافي-122

جوڳِن منهنجي جِيءَ ۾، جَڙ[1] هَنئين جائِي اَلو.

"فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ"[2]، وسري نہ وائِي اَلو.

"اَلْعِشْقُ نَارٌ"[3] ساڙِي ٻاري، جان جَلائِي اَلو.

"مَاسِوىٰ اَلْمَحْبُوبَ"[4] جي، رهان فِدائِي اَلو.

"هُوَ الظّاهِرُ هُوَ البَاطِنُ"[5]، صَفا صَفائِي اَلو.

"مُحمّدُ" پنهنجي مَؤج ۾، سَرهو سَدائِي[6] اَلو.

---

(1) محبت جي ميخ، (2) "تون ياد ڪر مون کي تہ مان ياد ڪريان توکي" (3) عشق باھ آهي (4) محبوب کان سواءِ، (5) هو ظاهر بہ آهي ۽ لڪل بہ آهي، (6) سدائين

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي- 123 (سُر سامُونڊِي)

سَناسِي سُبحانُ، ساري سبق تا پڙهن.

"فَاذۡكُرُونِيٓ أَذۡكُرۡكُمۡ"،(1) دم جو رکن ڌيانُ.

هردم هِيئين ۾ هت ڪيائون، گُـرُوَ وارو گِيانُ(2).

هڪ ٿيا وجي حق سان، ڪدي دُوئِي دامانُ(3).

محويت جي موج ۾، سُلطاني سامانُ.

"مُحمّد" نعري نِينهَن جي، لاشَڪ ٿِي لاثانُ.(4)

(1) "تون ياد ڪرمون کي- مان ياد ڪريان توکي" (ارشاد رَباني). (2) روحاني علم. (3) دامَن. (4) جنهن جو ڪوثاني يا مَٽ نہ هجي.

Gul Hayat Instutute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-124 (سُر ويهاڳُ)

اُٿِي جوڳِي جاڳ وي ميان، نيڻ نہ هيرج ننڊ ۾.

چوهَ[1] منجهارئون چوڙي ڇڏ تون، رڳَ رڳ روحي راڳ.

پِرت واري پنڌ ڪرڻ ۾، جهاڳڻ پيو تہ اَجهاڳ.[2]

ثابت صدق يقين سان شامل، ماڻيندين سو ماڳ.

"فَـاذْكُرُونِيٓ اَذْكُرْكُمْ"[3] لاهـوتيـن جـو لاڳ[4].

"مُحمّد" مؤج مَحويَت ره تون، پلو ٿيندءِ ياڳ.

---

(1) تيزِي- جوش، (2) جيڪو جهاڳي نہ سگهجي- وڏو بحر، (3) "تون ياد ڪر مون کي تہ آئون ياد ڪريان توکي "(اللهؐ فرمايو آهي)، (4)انعام - بخشش.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-125

(سُر بَنسُ)

نِيستِي[1] ننڊ نِينهَن نِي[2]، جوڳي سدا جاڳيا وتن،
ويڙهہ وحدت جي وَڪوڙيا، وِرهَ ۾ واڳيا وتن.

سرمست صوفي سَير ۾، سالڪ صفا ساڳيا وتن،
جن کي لڳي لَئُون[3] لالَ ٿيا، اُهي لُطف سان لاڳيا[4] وتن.

برسات بادل بيخودي، برھ ۾ پاڳيا[5] وتن،
دُرسُ[6] دَرُونِي[7] دؤر[8] دائم، درد ۾ ڏاڍيا[9] وتن.

جهانگِي هٽڻ تا جهوڪَ[10] جهنگ ۾، جَهر[11] مڙيئي جهاڳيا وتن،
"مُحمّدؐ" ڏاهي ڌوهہ[12] سڀ، ڏِپ اندر ڏاڳيا[13] وتن.

---

(1) ڪمزوري- نِستائي، (2) وٺي ويو، ڪٽي ويو، (3) عشق- محبت، (4) جُڙيا وَتن انعام يافتہ ٿيا وتن، (5)پاڳَ وارا ٿيا، (6) درست- سچ پچ، (7) اندروني، (8) ذڪر- وِرد، (9) سڙيا وتن (10) ويهڻ جي جاءِ- مال کي ويهارڻ جي جاءِ، (11) جَهنگ، (12) مَڪَر- فريبَ، (13) ڏِسڙيا واريءَوانگر پَٽِي ٿيا وتن (يعني خوفِ خدا ۾ فنا ٿيا وتن)- [ڏاڳَ= ڏُسِڙيا واري].

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي- 126

(سُر توڙي)

جوڳي جيءَ کي جُنگ جاڳائن ٿا. واه بَرسَر بِينَ وڄائن ٿا.

لِڱين خاڪ مَلي آدُوتَ[1] اڇن، دَر دَر بينا ناچ نَچن،
پنهنجو پاڻ ۾ پُختا ٿي پَچن، ڏُونهون دل ۾ درد ڏکائن ٿا.

صَوْمَ[2] صَلاتانَ[3] تَرڪ ڪري، وِرد وظيفن ڪئون پري،
دم ۾ دم جو ڌيان ڌَري، برهه جي بانگَ ٻُڌائن ٿا.

اَڻ لَڪَ[4] آهن ڪير لَکي، خبر لهي جو چاش چَکي،
پوءِ اُنهن سان راز رکي، لِکي لوڪئون لِڪُ[5] لِڪائن ٿا.

هِنَ هُنَ[6] ٻنهي ڪئون ويا، وڃي بحر اُونهي ۾ پيا،
حد حجابَ لاهي هڪ ٿيا، "مُحمّد" ماڳ ملهائن ٿا.

---

(1) آڌو تي- جوڳي-سامِي. (2) روزو. (3) نمازون. (4) سمجهه ۾ نه اچڻ وارا. (5) راز- ڳُجهه. (6) هِنَ ۽ هُنَ جَهان- ٻنهي جَهانَن.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-127 (سُر پٽ مُجرِي)

سامِي سَپاجها سُپرين، حق سان وجي هِڪُ ٿيا.

ذڪر ۾ فانِي فِي اللهؔ[1]، واقف ٿيا واصُل بِاللهؔ[2]،
بيشڪ آهن بَقابِاللهؔ[3]، مَرِي جيڪي جائِي[4] جِيا.

جوش جذباتي جاڳيو، سِرُ سُجاتائون ساڳيو،
خيال وحدت ۾ واڳيو، ڏِيلَ ۾ بارِن ڏِيا.

رُوپوش ٿا رمزان رَکن، چاش چشمن جي چَکن،
ڪنهن کي لَکڻ[5] ۾ نا اچن، لوڪئُون لِڪِي پائن لِيا.[6]

هاديءَ هَٿارئون ٿا پِيَن، پُر پريمي پيا ٿِيَن،
مست مَيخاني وَتن، خُمر[7] ۾ خُمارِيا ڪِيا.[8]

شَب روز ڪاهو ڪاهَ ۾، وِڪَ وَحدتِي ويساهَ ۾،
"مُحمّد" صُلحَ صَلاحَ ۾، پيش پرِيَن جي پِيا.

---

(1) اللهؔ جي ذات ۾ فنا ٿيل، (2) اللهؔ سان مليل، (3) اللهؔ جي ذات سان هميشہ قائم رهندڙ (4)، سچ پچ، (5) سمجهڻ- محسوس ٿيڻ، (6) لِيئا- جهاتيون، (7) شراب، (8) خوش.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(سُر مانجهُ)

## ڪافي-128

جوڳِن پنهنجي جُوءِ، صافِي صاف سُجاتي.

اصل روز الست ڪئون، خاصِي تن جِي خُوءِ.[1]

وِتِي ناهين هڪ وارَ جِي، مُحڪم[2] مُوبَمُوءِ.[3]

رِند رَسيا وِجي راهَ ڪي، رهبر رُوبَـرُوءِ.[4]

ڳولي لڌائون ڳُجهَ ۾، ڪامل سَندِي ڪُوءِ.[5]

آئي تن کي عجيب جِي، بَرن ۾ ڪا بُوءِ.

"مُحمّد" ڏٺي آهي ڏيهه ۾، صورت سُو بَسُوءِ.[6]

---

(1) خَصلت- عادت (2) مضبوط- قائم، (3) وارُ وارَ سان- تمام ڪماليت سان، (4) مُنهن سامهون- آمهون سامهون، (5) پاڙو- ڳَلِي- گهر، (6) هر طرف.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-129 (سُر پيِرُو)

جوڳي ڪَمائن جوڳ، سامِن سَيرَ ڪيا هِن ساڃا.[1]

اندروني آواز سان، رُوحي ڪديائون روڳ،[2]
وحدت جا وڃائن واڃا.

صحي صاف سُڃاڻِي سِيني، ٻيا ڀانئِن تا يوڳ،
ڌَمَر ڌُمَر ڏامَرَ[3] لڳائن ڏاڇا.[4]

ڇَندي ڇاڻي غَيرَ کي، ڦِٽِي ڪيائون ڦوڳ،
ڏک منجهارئون مِليَن ڏاڄا.[5]

"مُحمّد" هڪ ٿيا هيڪاندا،[6] ڪَپي ڏُئِيءَ جا ڏوڳَ،[7]
کائن خُوب خُماريل کاڄا.[8]

(1) سِڌا- سَنوان، (2) مرض، (3) محفل- مَندلِي، (4) ڏهل جو واڄو- تَجمل- ناٽَ، (5) ڏاڄَ- ورثي ۾ مليل شيءِ، (6) مليل- وصالِي، (7) گوشت جا وڏا ٽُڪرَ (8) کاڌا- طَعامَ.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-130

(سُر پيروي)

نندَ نہ ڪن نيهِي،[1] ڏيئي اَکِن کي عشق اوجاڳا.

ساريُون راتيون سُور ۾، ويراڳن ويهي،
صحيح سُجاتا سپرين ساڳا.[2]

مزو ماڻيائون موج سان، پاڻ منجهان پيهِي،
لَدا لاهوتن لاشڪ لاڳا.[3]

مرداني مجلس ۾، رمز تَنين ريهِي،[4]
سُرت رکي تيا صاف سَياڳا.

هِڪ تيا وِجي حق سان، ڏيهَ اُنهي ڏيهِي،[5]
ڇِنِي ڇڏيائون دُئِيءَ[6] جا ڌاڳا.

"مُحمّد" مَخفِي مامَ جي، ڳالهہ ڪيان ڪيهِي،[7]
وِيرَ وحدت ۾ واصُل واڳا.[8]

---

(1) سچا عاشق، (2) ساڳيا، (3) لاڳ- انعام- بخشش (4) ڳنڍِي، ريجهائِي- سَرچائِي، (5) اُن ملڪ جا رهواسي، (6) ٻيائيءَ، (7) ڪهڙِي، (8) واڳيا- ڳنڍيا- مليا.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-131

(سُر آسا)

عـــاشـــق پُـــورَب پار ڏســو، آڏُوتِـــن[1] آڏار[2] ســو.

ڪَنٺا[3] ڪولا پا[4] ناد[5] نَفِيلان،[6] ڪِستا ڪَرِيُون ڪٺن جَنبِيلان،[7]
پهري اَلفِيُون[8] عشق اَصِيلان، جوڳِن جا جِنسار[9] ڏسو.

ڪُويا[10] ڪَستَئُون[11] قدم ڪُڏائن، ويراڳي وِيرانَ وَسائن،
نازڪ ناتو نِينهن نِيائن، طَلَبَ سچي تن تارَ ڏسو.

راز رِنداني رُوپُ رَحيمِي، پاڙن پِرتئُون پُور پريمي،
"قَالُوْا" وارو قول قديمي، اَلستي اقرار ڏسو.

اندر آديسي اَلکُ جڳائِن، ثابت سيني صاف سَمائن،
"مُحمّد" مانجهي ماڳُ مَلهائن، بيحد بره جا بارَ ڏسو.

---

(1) سنياسي يا تارڪُ فقير، (2) سهاري- آسري، (3) قيمتي پٿرن وارا هار، (4) ٽامي، لوهه يا شيشي جا ڪنگڻ (جيڪي فقير پائيندا آهن)، (5) وڏو سامُوندي ڪوڏُ (جيڪو سامي يا جوڳي فقير وڄائيندا آهن)، (6) سَرهَ جانور جو سِڱ (فقير وڄائيندا آهن)، (7) ڪِستا، ڳوٿريون، (8) ٻانهن ڪان سواءِ ڊگهو پهراڻ، فقيرن جوجُبو، (9) ناهه نُوهه –سينگار، (10) بهادر، (11) جوش مان.

Gul Hayat Institute
Scanned with CamScanner

(سُر جوڳُ

## ڪافي - 132

لاهُوتِن جِي لَڏَ،(1) لاشَڪ لاَ تہ مَڪانَ ۾.

اورين پَرِ آواز نا، پَرين پَرِ تي سَڏَ.

سِڪَ ۾ ساهُ پَساهُ آ، هَلن هوتَ ڏي هَڏَ.

پڪو پيچ پِريت جو، رِندَ رَهن تا رَڏَ.(2)

هلي ويا هوشيار تِي، متي بَڏائون مَڏَ.(3)

پڏرا تِي پرڪارَ(4) ۾، "مُحمّد" تُنهنجا پَڏَ.(10)

(1) بارُ- مَڏِي- بَڏل سامان، هَـڙَ- گڏهہ تي لَڏيل سامان، (2) همت وارا، ضِدِي- هوڏ وارا، (3) مُوڙِي- سامان سَڙو- تُرهو (4) عادتون- لَڇَڻُ- فعل، (5) وڏائي- بَڻاڪَ.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-133 (سُر بَنسُ)

جوڳِن ڪي آ جَسُ،[1] وجي ڪَن وَسُ،[2] ويا واهيري[3] پنهنجي.

چوري چَرخو چاهَ مئون، چائِن[4] اِلاهِي چَسُ.[5]

رِندن جي تہ رهاڻ ۾، راند اِنهين جو رَسُ.

وِرهَ وارِي واٽَ جو، غازي لَهندا گَسُ.

لکيو لوحَ قَلم جو، مينَڻ ناهين مَسُ.

پيهِي پنهنجي پاڻ ۾، پَسَن تا پارَسُ.

هاديءَ واري حال ۾، ڪانہ اُنَ کا کَسُ.[6]

”مُحمّد“ اُنهيءَ ملڪ جو ڏاهي جو اَتن ڏَسُ.

---

(1) شاباش، (2) سعيو- ڪوشش، (3) ويهڻ جي جاءِ- آستان، پکين جي رات جو آرام ڪرڻ جي جاءِ، (4) ڪڻن- حاصل ڪن، (5) لَذتَ – سوادُ، (6) نقصان

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(سُر جوڳُ)

## ڪافي-134

ويسائي[1] جِي واٽَ سان، ويراڳي تا وَجِن.[2]

جائِي[3] اُنهين جُوءِ[4] ڪان، پيرو[5] ڪِينَ پَجِن.[6]

اَلستِي اقرار ڪي، مردانا تي مَجِن.[7]

راهِي تيڙا راز سان، رَهتِ[8] ڪن رُجَن.[9]

"مُحمّد" مُحڪَم[10] ماڳَ تي، صوفي صاف سَجِن.[11]

---

(1) اعتبار- يقين- ويساهَ. (2) وَڃن. (3) سچ پچ. (4) علائقو- جاءِ. (5) ڇڪَر- گهُمرو- اچڻ وڃڻ. (6) پَجَن [پيروڪِينَ پڄن= مُنهن نٿا موڙِينِ]. (7) مَڃِينِ. (8) رَهڻِي- رهائش. (9) سُڄ ۾ - ويراني ۾. (10)مَضبُوط. (11) اشارو ڪن- نشاندَهي ڪن- نظر سان تَڪِينِ.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## (سُر ڪوهياري) ڪافي-135

مَـــرُ[1] جـــهاڳَ[2] جـــهاڳِن پـــيا جـــوڳيئڙا،
سُونهان[3] سِيرَ اِنهين جا سامِيئڙا.

ڪاهي هليا تِي ڪِينَ ڏي، نازڪ ناتي نيڙا.[4]

وَسن پيا واحد جا، مَتئون محبت مِينهَڙا.

اَنئِي پَهَر اَلهُوتَ[5] تَن، پُورَ اِنهين ۾ پِيڙا.

ڪيائون مُنهَن محبوب ڏي، وري وَرڻ ڪان وِيڙا.

"مُحمّد" جَن جا جي هئا، وجي تَنين جا ٿِيڙا.

---

(1) بيشڪ- يَلي، (2) جهاڳڻ جيمرو پاڻي، (3) واقف- سَمجهو، (4) وٺي ويا، (5) نشا- خُمارَ

Gul Hayat Instutute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-136 (سُر ڪوهياري)

آهي روز اَزل کئون، آديسن کي اُڃَ.

وَسَنُوَ [1] نا ويــجها ويــا، سامي جهاڳن سُڃَ.

بُکَ وڏائون بُکلي،[2] جوڳن ڪيا تي جُڃَ.[3]

مَئي[4] سَندي ئِي مَتَ تئون، پيالو پِي ڪيائون پُڄَ.[5]

راتيون ڏينهان رمز سان، رِندَ رهن تا رُڃَ.[6]

"مُحمّد" مُغان[7] جي مِهرَ سان، مَنُ ماري ڪيائون مُڃَ.[8]

---

(1) آبادِي – ڳوٺ، (2) فقيرن جي گودڙِي، (3) ڍَئو- ڍَوَ- شاديءَ جو ڪاڄُ، (4) شراب، (5) تمام گهڻو مال هٿ ڪرڻ، (6) سَرابُ – ويرانِي، (7) شراب وڪڻندڙ – ڪَلال- اصطلاحًا- مُرشد، (8) ماري ڪُٽي ناسُ ڪرڻ- ذريون ذريون ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-137 (سُر ڪوهياري)

سَناسِي سارِينِ،[1] سَدائِين سُبحانَ کي.

راتيون ڏِينهان روجَ ۾، هَنجُھون[2] تا هارِين.

ويھي پنھنجي وُجودَ ۾، باھِ بِرہَ ٻارِين.

اَلستِي اِقرارَ جُون، ڳالھِڙيُون ڳارِين.

"مُوتُوا قَبْلَ اَنْ تَمُوتُوا"[3] مَرڻئُون اڳي مارِين.

دائم دَمَ قَدَمَ سان، وحدت وَرق وارِين.

"مُحمّد" پنھنجي موج ۾، گھوٽَ سان گھارِين.

---

(1) ياد ڪن. (2) اکين مان ڳوڙها. (3) "مرو پنھنجي مرڻ کان اڳ ۾" يعني پنھنجي نفس کي ماريو.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## داستان: رَمزِ رازُ رِندِي

كافي-138 (سُر تلنگ - سُر پيِر)

رِندن جي رفتار، اولائـتِي آهي عامَ كَئُون.

اچڻ وڃڻ جي سُڌِ نا سپ كَنهِين. كامِلن اِها كارِ.

ظاهر زُهد ۽ تقويٰ تَركي، غَيبِي كن گفتار.

بي سِر بي پا[1] كَن پروازي، جِسمئُون ٿي بيزار.

نَفِيءَ منجهئُون اثباتي ٿيڙا، شائق شاهسوار.

مرد مؤجود مُغان سان "مُحمّد"، وِتِ[2] نہ پائـئِن وارَ.

(1) بنا پيرن جي، (2) وِتِي- مفاصلو

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-139 (سُر توڙي)

لنگهہ پَئو تون خوف خطرات وِچون.
ظاهر ضعف ذِلت ظُلماتِ[1] وِچون.

پهلي آڪي اِتان ايوين ڪرڻا هئي، اَپڻا سِر اڙِي اُتي ڌَرڻا هئي،
"مُوتُوا قَبلَ مُوتُوا"[2] تي مَرڻا هئي، پُرپِي گُهٽ[3] آب حيات وِچون.

دَم دَم دِي ڪيڏ ڌَمال، نفس اَماره ڪر پائمال،
مؤج ماڻين تڏان وصل وصال، در بَحر حقيقي درجات وچون.

رَحت[4] راز رَموز نهانِي دِي، رَڪين ڪَل[5] مُبين[6] معاني دِي،
عطا عين عروج عَياني دِي، پيوسي خبر نفي اَثبات وچون.

وچ تارِيڪِي مهتاب روشن، اولي اَبر[7] آفتاب روشن،
عرش ڪرسي اَلقاب[8] روشن، پَسِين "مُحمّد" مشاهده محلات وچون.

---

(1) اونداهي، (2) 'موت کان اڳي مرڻ' يعني نفس کي فنا ڪرڻ، (3) ڍُڪ، (4) راحت جو مخفف، (5) خبر، چاڻ، (6) ظاهر- قرآن شريف کي بہ چوندا آهن، (7) ڪڪر، (8) لقب جو جمع

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-140 (سُر آسا)

ڪُل ڪتاب پڙهياسي پاڪئون، حرف حقيقي پڙهيل بِي آهيون.

لاالٰهَ[1] ڪان لنگهي هلياسي، اِلَّااللهُ[2] ۾ اڙيل بِي آهيون.

مَردن جيان ميدان ملهائي، صاف سُوريءَ تي چڙهيل بِي آهيون.

واحد وجودئون وِسريل ناهين، سَوز انهيءَ ۾ سَڙيل بِي آهيون.

همت هادي رهبر جي سان، جُوءِ[3] انهيءَ ۾ جَڙيل بِي آهيون.

"مُحمّد" ساقِيءَ سُرڪي پِياري، مست مئيخاني مَڙهيل بِي آهيون.

---

(1) ناهي ڪوئي مَعبُودُ يا حاجَت رَوا. (2) سواءِ اَللهُ جي. (3) مَقام - علائقو

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-141

(سُر پيبم)

رُوپوش رِندن جي رَهتِ. چالِي چَلتِ سِکُ عاشقا.
عام ڪئون اولي اچڻ، تون وجڻ سِکُ عاشقا.

لاَ نَفِيءَ جي لَتَ سان، هستِيِ حجابن کي هَٽاءِ،
پُرزا پٽِي[1] ڪر پانهنجو، پاندو پَجَڻُ[2] سِکُ عاشقا.

عينَ عبرت جي پَٽي پَسُ، جا بجا حقَ پاڪَ کي،
منجهه رنگ رُوپ جي، بيرنگ ڏِسَڻ سِکُ عاشقا.

سُرتِ ثابت سان قدم کڻ، طالبا تَلقِينَ[3] تي،
"ثَمَّ وَجْهُ الله"[4] ويسَه[5] کي، تون وَٺڻ سِکُ عاشقا.

قال ڪوتَه[6] ڪر "مُحمّد"، هل هميشه حال سان،
موجود مرشد جي تَصوَر ۾، رَهڻ سِکُ عاشقا.

---

(1) مِٽي- خاڪ. (2) مرڻ- سُجو ٿيڻ (پاندو پجڻ)- هتي نفس کي فنا ڪرڻ ڏانهن اشارو آهي. (3) هدايت.
(4) اُتي آهي الله جو چِهرو". يعني هر طرف اللهؐ جو رُخ آهي. (5) اعتبار. (6) مختصر- گهَٽ

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-142 (سُر ڪسوري)

رهيا رِند رَضا تي راضِي راضِي، جن کي عشق ڪرائي آهي آزِي آزِي.

مَسئلا مُصلا منجهه رکيائون، سِڪَ جا سجدا صاف ڏنائون،
وحدت جو واپار ڪيائون، ڪِينَ پُڇن ٻيا قاضِي قاضِي.

مذهب دين جا تيڙا ڪانئِل،[1] مامَ مرشد جي ڪَيڙا مائِل،
صوفي سدائين رَهڙا[2] سائِل،[3] طلبَ تِنن کي آ تازِي تازِي.

"مُحمّد" عاشق ڪِينَ ڪُڇن ٿا، دل ۾ اندر لُڇون لُڇَن[4] ٿا،
پُورَبَ پنڌ پُڇيُون پُڇن ٿا، نينهن سيڪائِي تن نيازِي نيازِي.

---

(1) ڪانئر- سُستَ. (2) رهيا- رهن ٿا. (3) طلب گار. (4) تڙپن ٿا.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-143 (سُر ڪسوري)

رَهَ رضا تي راضي سُهڻا، رِيت رِندن جي رهِڻي اِهائِي.

هر صورت سان صاف سچائي، قرب ڪَمالي ڪَهڻي اِهائِي.

لوڪَ جا طعنا تُهمَت تن تي، ساهَ سِيبائي سَهڻي اِهائِي.

هردم هاديءَ سان هڪ تي تون، پِيتِ[1] پِريتِي[2] پَهڻي[3] اِهائِي

دمَ قدمَ سان دائم دلبر، دوهُ[4] دُدائِي[5] دَهڻي اِهائِي.

"مُحمّد" مِيرِ مُغان سان مُحڪم، ناهَ نَگِي نا نَهڻي اِهائِي.

(1) پريت- محبت. (2) پربت- پيار. (3) ريجهائِڻي، مچائڻي، پرچائڻي. (4) فريب- دوکو (5) منافقي- بدنيتي- کوٽ - جهالت.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-144 (سُر بلاولي)

راز رنداني رمز سان، رُوءِ رهبر راهُ حَقُ،
همت وارن کي هَلائي، شوق شَهنشاهُ حَقُ.

الف جو اولو ڪري، عَين ٺيو ارواحُ حَق،
قرب جو قطرو وڌائي، مِيم مظهر[1] ماهُ[2] حَقُ.

ٻول ۾ ڪيئي ٻُلائي، وحدتِي ويساهُ حَقُ،
سو سچن سان سَربَسر، سُرت سارو ساهُ حَقُ.

نِينهن وارن کي نِپائي، ناز سان نيباهُ حَقُ،
پِرت سان پَهري آيو، ڪَيفِي[3] سِرَ ڪُلاهُ[4] حَقُ.

Gul Hayat Institute

"مُحمّدؐ" جو محبوب آ، موج زَن[5] ملاحُ حَقُ،
تار مئون تاري نِيندو، بيواهَن جو واهُ حَقُ.

---

(1) نظارو، (2) چَنڊ، (3) ڪَيف واري- نشي واري، (4) هڪ قسم جي مَخطروطي ٽوپي (اڪثر درويش پائيندا آهن). (5) ڇوليون هڻندڙ.

Scanned with CamScanner

## ڪافي-145 (سُر پهاڙِي)

عجب راز رندي نِهانِي[1] نِشانُ بَر،[2]
عوشاقي پوشاڪي اَلستِي اَڪابَر.[3]

وجهي وَنگَ وَچيرَن، ٿو اَڙٻنگ اُمالڪَ.
بِلاشڪ بهادر، نِسنگ نِينهَن نادر.

آيا مرد مُحڪم، ميدان مَرڪِي،
چڙهيا چوٽَ چَئنچل، نِيشان ناظر.[4]

هلي دائمي دَمُ، ذِڪر ذوُق ذاتي،
لُدنِي[5] لُغاتِي،[6] آ سيني ۾ صادر.[7]

"مُحمّد" قول قائم، قديمي آ قادر،
ٿيو ذوق ظاهر، زورئُون زور زابِر.[8]

---

(1) پوشيده- لِڪَل، (2) جهندبو ڪٽي هلندڙ- علامت يا نشانيءَ وارو – ظاهر، (3) اڪبر جو جمع- يعني تمام وڏا، (4) ڏِسندڙ – نگهبان (5) الله جي طرفان عطا ٿيل مخفي علم، (6) ٻولي، (7) جاري ٿيندڙ- نڪرندڙ (8) زبردست- ڏاڍو

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-146

(سُر ويهاڳُ)

رند روزشَب تا رهن، محبوب جي مَيخان ۾،
مَئي مُدامي مست ڪيا، لاهوُت لامڪان ۾.

شهباز دم پرواز ٿيا، ڪاهي منجهارئون ڪِينَ ويا،
جي ڪِينَ ويا سي ڪِينَ ٿيا، وجي پيا اصل اَشيانَ[1] ۾.

موجود حق موجود جاڻي، پاڻ ۾ پَلپل پَڇاڻي،[2]
دم ڏار نا گوهَر وجي، پيا گُر سندي گِيانَ ۾.

سِرَ ڪَپي جي صاف ٿيا، معاف ٿيا تن تئون مڙيئي،
خام خطرا خوف خارج، بي رنگي بيان ۾.

"مَاسِوىٰ اللّٰه"[3] منجهه محبت، تن ڪي ہي ناهي ڪا تارَ،
دارين جون دامانُ[4] ڇِنِي، "مُحمّد" اَمن اَمانَ ۾.

---

(1) آشيانو- آستان، (2) سڃاڻي، (3) "اللّٰه ڪان سواءِ"، (4) ڦَندَ، دامَ، ڄارَ.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-147 (سُر سنڌي ڪونسيو)

رِندِي مست خيال آهيون، لُدنِي[1] لازَوال آهيون.

يَڳِتِي[2] ڪر يَڳِوَنتُ[3] هُون باقي، گِيان[4] گُرو گوپال[5] آهيون.

مَحويَت[6] مَئي جامُ[7] صُراحِي،[8] ساقي ڪَيف[9] ڪَلال[10] آهيون.

وَصُل وِصال[11] هُون وَحدَهٗ[12] واصل، هر حال ۾ قِيل مَقال[13] آهيون.

"مُحمّد" قائم قديمي قادر، بيرنگ بي مثال آهيون.

Gul Hayat Institute

---

(1) قدرتي - الله جي طرفان عطا ٿيل، (2) ڀڄن- راڳ ويراڳ، (3) ڀڳوان- ايشور- ڏٽي- (الله)، (4) روحاني علم، (5) ڳئون پاليندڙ- ڪرشن مهراج جو تخلص، (6) خيال ۾ گم ٿيڻ، (7) پيالو (شراب جو)، (8)گُهگهِي – بوتل، (9) نشو (10) ساقي- شراب ٺاهيندڙ ۽ پيارينڊڙ- مُرشد، (11) ميلاپ، (12) واحد- اڪيلي سان (يعني الله سان)، (13) ڳالھ ٻولھ (رُوحانِي).

Scanned with CamScanner

## كافي-148 (سُر كونسيو

هل هِينئين[1] سان هوت ڏي، همدم نہ وڃ هرگز هَٽِي،
ماڻ مؤجان مرد ٿي، تون حُسن وارن جِي هَٽِي.[2]

سُرڪَ صافَن صاف ساقي، وِرهَ جِي ويتر وَٽِي،
پُر پيئڻ پئيماني[3] جي، سِرِي سالڪن پنهنجي ڪَٽِي.

حُسن جي حملي سان هيڪر، جهامَ[4] جهورِيءَ[5] ۾ جَهٽِي،
قابُو قفس[6] ۾ رهي، سا قَرڪَندِي ڪيئن جا قَٽِي.

نظر سان نروار ٿي، اندر جِي اڪڙِي پَٽِي،
وئي وجودئون نڪري، بِيهَر بيائيءَ جِي بِٽِي.[7]

Gul Hayat Institute

"مُحمّدؔ" دل محبوب ڏانهن، مُور[8] ڪڏهين نا مَٽِي،
سوز ۾ سالم سراسر، گهيڙ[9] گهاڙيءَ[10] جي گهٽِي.

---

(1) دل، (2) دوڪان، (3) شراب جو جام، (4) چِڪَ- سَٽَ، (5) بيقراري- سِڪَ، (6) پڃرو، (7) ٻِينِ- واڌارو،
(8) هرگز، (9) رستو- لنگهہ، (10) سڌو رستو

Scanned with CamScanner

## ڪافي-149
(سُر مانجهہ)

وَنُج وِرهَ ڪي تون، واهر وسِيلو هلي ڪونہ حِيلو.

مَچِي مرد ٿي تون، آهَ سرد ٿي تون،
رنگ زرد[1] ٿي تون، مثل زهر پِيلو.

جُهدَئون[2] جاڳ جوڳي، رهج ڪِينَ روڳِي،[3]
نہ ڪڻ اوڙ[4] اوڳِي،[5] رکج رَس رَسِيلو.

حاصل حال حالِي، رمز رک نرالِي،
لاشڪ لازَوالِي، ٿي اَصلئون اَصِيلو.

وحدت وِيرَ وَڙُ* تون، غازي گامُ[6] ڪڻ تون،
هَنسِي[7] هامَ[8] هڻ تون، نيزي نينهن نِيلو.

"مُحمّد" مُڪو[9] آنُ، پرتئون پَڪو آنُ،
ياور[10] يَڪو آنُ، ڪُڙمُ[11] نا قَبِيلو.

Gul Hayat Institute

---

(1) ڦِڪو- پِيلو (2) ڪوشش سان، (3) بيمار- سُست، (4) ڪيڙيل زمين جو سَنڌو، (5) مُنجهيل- موڳي، (6) قدم، (7) کِلِي، (8) ذميواريءَ جي دعويٰ ڪرڻ، ہٿاڪَ هٽڻ، (9) موڪليو، (10) مددگار، (11) ڪُٽنب- خاندان.

* وَڙُ= گهڙ- داخل ٿي، (وَڙڻ= گهڙڻ- داخل ٿيڻ)

Scanned with CamScanner

## ڪافي-150

(سُر سورٺ)

جي رهين هن ديس ۾، دَردَ ڏاڍا ڏارِ[1] تون،
هڪ وسيلو هٿ ڪري، پيا وسيلا وارِ[2] تون.

پيرَ جي آئين وٺي، پيرَ تون ساڳا سَنيار،
طرف اُن ڏي جي هلين، تُرت پهچين پارِ تون.

گهر گهِري[3] تون گهوٽ سان، گهارِ گهَڙيُون دم گذار،
اندر اورَ عجيب جِي، مڄ مَخفِي[4] بارِ تون.

حال هستيءَ جا وڃائي، موُج مستي ماڻِ تون،
"مُوُتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا"[5]، پاڻ پنهنجو مارِ تون.

صاف سيني رک سچائي، دُرسُ[6] دُئِي[7] کي دَباءِ،
خيال خطرا ۽ خرابي- ڳاراٽي[8] منجهه ڳارِ تون.

مَحويَت[9] موجود ٿي، هاديءَ واري حال ۾،
مست ٿي "مُحمّد" مدامي، ڇڏ اُڏائي جهارِ[10] تون.

---

(1) ڏاڍا ڏارڻ= درويشي ويس ڪرڻ. (2) ڦِٽا ڪر. (3) گهِڙي- داخل ٿي. (4) ڳُجهو. (5) "مر پنهنجي موت کان اڳ" يعني نفس کي فنا ڪر. (6) سچ پچ- صحيح طرح. (7) دُوئي – ٻيائي. (8) جهورِي- اُڪِير- فراق. (9) خيال ۾ گم ٿيڻ. (10) پکي جيڪي فصل جوانَ کائي وڃن- يعني نفساني خواهشون.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-151 (سُر تِلنگُ)

رِندن واري رِيت اسان جي، ڪوڪو سمجهي سالِڪُ سارِي.

پلپل پراڻي ياد اسان کي، پرتَـئُون پاليُون پيتِ[1] اسان جِي،
بار بره جو بيحد بارِي.

اُلٽِي چال چَلُون تا چوکِي،[2] نانگن وارِي نيتِ[3] اسان جِي،
دين ڪُفر کئُون ٿياسي عارِي.[4]

بازيگَر ڪا بازِي پَٽِري،[5] جُنگَن[6] وارِي جِيتَ[7] اسان جِي،
جوش جگر ۾ تيڙو جارِي.

"مُحمّد" روز اَزلِي آهي، يَر جَهلِي[8] سان پِيتِ[9] اسان جِي،
گهوٽ نہ وڇنلو مُورئُون[10] گهارِي.[11]

---

(1) پريت- محبت، (2) سُني، (3) طور طريقو- رسم رواج، (4) خالي- ننگا، (5) پڪيڙي- وِڇائي، (6)بهادرَن، (7) ڪاميابي، (8)حمايتي- سهارو ڏيندڙ- آڌار، (9) مُوافقت- طبيعت ۽ عادت ۾ هڪجهڙائي، (10) هرگز، (11) جُدائي- وِٿِي.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-152

(سُر پيروي)

وحدت منجهه واڍوڙيا،[1] وِيرَ[2] وَريامَ[3] اَڇن،
غَضنفَرَ[4] غَزالِي،[5] گهِري گامَ[6] ڪٽن.

برهه منجهه بَهاريا، بانڪا[7] ڪِينَ بَڇن،
پڙ ۾ پهلوان، نانگا ناتَ[8] نَچن.

مِٽي محبت وارا، مَچڙا پيا مَچن،
پتنگَ پَروازِي،[9] پُختا[10] تي پَچن.

راهِي تيا روانا، رِندِي رمز رَچن،
سُرڪِي سِڪَ وارِي، ملي صاف سَچن.

"مُحمّد" ميدان ۾، ڪم ناهين تہ ڪَچن،
وريا ڪِينَ واسِينگَ، ورتل سي وَچن.[10]

---

(1) گهايَل- زخمي، (2) بهادر، (3) شورهيہ- بهادر، (4) شِينهَن- شيرَ- بَهادُرَ، (5) هرڻ جهڙين وَڏين اکين وارا- سهُٽا، (6) وِکَ – قدم، (7) بهادر، (8) وڏا جوڳي، (9) پرواز ڪندڙ- اُڏامندڙ، (10) پَڪا- مضبوط.
(11) وعدي ۾.

Gul Hayat Institute
Scanned with CamScanner

## ڪافي-153 (سُر پيروي)

وِڪَ وڏائي وج تون وَحدتَ، تِـرُ[1] نہ هڪڙو ترَس،
وج تي ويھڻ واجب ناهين، وَوَڙي[2] ڪَجانءِ تون وَس.[3]

دَم قَدم تون دائم ديهِي، پنڌ ڪري پرين پَس،
جانب ڏيندءِ جائِي[4] جاريُون،[5] ٻنِهي جَهانين جَس.[6]

چوري چَرخو چاهَ مَنجهارئون، چال چَڱِي وٺ چَس،[7]
رمز رنداني راهَ سان، رهبر ڪي وجي رَس.[8]

منصوري ميدان ۾، هامَ[9] هٽي تون هَس،[10]
وَهمَ وجودي وجاءِ تون، ڪا ڏَهُون ڪانهِين[11] ڪَس.[12]

Gul Hayat Institute

اَصُل روز اَلست ڪان، ڏاهي ڏِنئِہ اِهو ڏَس،
"مُحمّد" تون محبوب ڏي، گوڏَن ڀَر ٻِي گَس.

---

(1) ذرو-ٿوري گهَڙِي، (2) ڳولي، (3) ڪوشش، (4) سَج پَچ، (5) عامَ جامَ، (6) شاباش، (7) مزو- ذائقو، (8) پُهچ، (9) دعويٰ ڪري، (10) هَنس- ڪِلُ، (11) ڪانہ اَٿئِي، (12) نقصان.

Scanned with CamScanner

## ڪافي-154 (سُر آسا)

رِندن واري رِيتِ، رَهڻي سِڪَ، رَهَ راز اِنهيءَ ۾.

قَالُو وارو قول قديمي، پنهنجي پالڻ[1] پِيتِ،[2]
الَستي آواز اِنهيءَ ۾.

صورت مرشد مَعنيٰ اَللهُ، سِيني منجهه تون سِيتِ،[3]
ثابت سرُ ڏي ساز اِنهيءَ ۾.

جوش جاڳائي جِيءَ ۾، گيان گُرون[4] جي گِيتِ،
پَتنگ ٿي پرواز اِنهيءَ ۾.

"مُحمّد" جو مذڪور آ، نياز نهايت نيتِ،[5]
فَرمُودي[6] فَياضَ[7] اِنهيءَ ۾.

---

(1) پالڻ- نپائڻ- سنڀالڻ. (2) پريت- محبت. (3) صاف- ٺڏو- نرم. آسودو (4) گُروءَ- مُرشدَ. (5) طور طريقو- رسم رواج. (6) فرمان- چوڻ. (7) فيض رسائيندڙ- سخي

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-155 (سُر ڪوهياري)

خيالَ کي ڳولي خيالُ، خيالُ ڪَمائج خيالُ.

ذڪر فڪر بِي خيال، دَم قدم بِي خيال.

وِردَ وَظائف خيال، نَفل نمازان خيال.

دردِ عشق بِي خيال، هِجر وصال بِي خيال.

نازُ نياز بِي خيال، رازُ رَوازُ[1] بِي خيال.

اُٺڻ ويهڻ بِي خيال، روئڻ کِلڻ بِي خيال.

کائڻ پيئڻ بِي خيال، کَٽڻُ ڪَمائڻ خيال.

"مُحمّد" موج بِي خيال، جُمل[2] جَهانُ بِي خيال.

---

(1) رِاج- رَسمُ، (2) جُماي- سب- سارو

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# داستان: راهَ رِندِي

(سُر تلنگ)

## ڪافي-156

راهہ رِنديءَ منجهہ رَهِين رَهِين، سَتِ هستي تون هوشيار ٿي.

هستي ڇڏي وٺ مستي مدامي، بار برهہ جو سَهِين سَهِين.

خوف خراباتِي[1] خَرَ[2] جو رک تون، ڪاهوڙِي ٿي ڪَهِين ڪَهِين.[3]

اُونهي هن اسرار جي ميان ڪَلَ اِهائِي ڪَهِين ڪَهِين.[4]

جن سجاتو سُپرين ميان، سُڌ سَيائي تَنهِين تَنهِين.

"مُحمّد" پنهنجو پاڻ ۾ ميان، ووَڙي[5] لالڻ لَهِين لَهِين.

---

(1) خرابي پيدا ڪندڙ، فحاشيءَ تي مائل ڪندڙ. (2) گڏه- هتي نفس اَماره ڏانهن اشارو آهي. (3) اُنهيءَ سان جهيڙو ڪرين. (4) ڪنهن ڪنهن کي. (5) ڳولي

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-157 (سُر آسا)

وهم جن وساريا، اُونهي منجهه اُهيئِي.

هليا هَردو جهان ڪئون، ڪِينَ[1] ۾ ڪاهي ڪيئِي.

گُم ۾ غازي گُم ٿيا وڃي، ڪَل[2] تنِين پيئِي.

سانگو سِر جو لاهِن جيئِي، سُرڪَ چَکَن سيئِي.

نازڪ ناتو نينهن جو، نيائيندا نيهِي.[3]

تَرڪ وجود وصال فراقِي، "مُحمّد" مَنجهيئِي.

(1) ڪجهه به نه هئڻ- عدم. (2) خبر. (3) لاڳيتو ڳاهَه ۾ وهندڙ ڏاند. اصطلاحًا- سچو عاشق- نبائڻ وارو

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-158 (سُر ياڳيسري)

قربدارن جي ڪَنَڪ ۾، ڪي ايندا ڪامل ڪَهِي،
سِر ڏيندا سُورهيہ سدا، سِيرَ هِنَ جيڪي صَحِي.

حد لنگهي هوشيار ويا، لاَحَد ۾ لاشڪ لَهِي،
اُونهي هِن اسرار جِي، سُڌِ سَيائِي تن رَهِي.

وحدت جي درياہ ۾، واڪا ڪَيُون وِيَڙا وَهِي،
حق پنهنجي سان ٿيا، ٿاهُ ويو تن جو تَهِي.

سُڌِ نہ تن سَنسار جي، ڊاءُ[1] ڊِنگَ[2] ويا سڀ ڊَهِي،
سوجهي لَڌو هن ڳالهہ جو، خيال ڪاهوڙِن[3] ڪَهِي.[4]

"مُحمّد" هن ميدان ۾، اَمُرُ[5] نَڪو ناهي نَهِي،[6]
واقف نہ ٿيا هِن حال جا، ٿهڪي[7] پَهرئين ۾ ويا ٿِهِي.[8]

---

(1) خوف – اَنديشا. (2) ڊنگَ ڊاهڻ= پاڻ کان وڏي ۽ طاقتور کي شڪست ڏيڻ. (3) جوڳي فقيرن (4)ڪوشش ڪري. (5) اللهؒ جو حڪم. (6)اللهؑ جي طرفان منع ٿيل ڪم. (7) پڙڪي- ,ر- جوش ڏيڻ. (8) ڊِجي پِڃي

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-159 (سُر جَهنگلو)

متان مُنهن موڙين، رِندن وارِي راهَ ڪئون.

وبهڻ واهيرو[1] ڪري، جِيءَ ۾ جاءِ جوڙين.

تُنهنجو تو سان اَٿئي، ٻاهر نا وَؤڙين.[2]

پاهَڻَ[3] وانگي رَڪ پَڪائِي، ڇِرڪُ ڇاتِيءَ ڇوڙين.

"مُحمّد" اِنهيءَ پنڌ ۾، ڪامل ويا ڪوڙين.[4]

---

(1) پکين جي رات جو ويهڻ واري جاءِ- شام جو سج لٿي مهل ويهڻ ۽ رات جو آرام ڪرڻ جي جاءِ.
(2) ګوليس (3) پٿر (4) ڪروڙين

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## (سُر ويهاڳُ) ڪافي-160

سَرلو[1] تي تہ سُٽيج وي ميان، ڳُجھَہ سندي هيءَ ڳالهڙِي.

ڪُليَل تاڪِيُون بند ڪر تون، پُوريل در پَٽيج وي ميان.

تَرڪُ تَقويٰ[2] مِلتِ مذهب، راھ رِنديءَ ۾ رهيج وي ميان.

شوق شمع تي شور مچائي، عاشق تي تہ اَچيج وي ميان.

غير وجودي وهم وڃائي، حقيقت ڏي هَليج وي ميان.

”مُحمّد“ پنهنجي پوکَ تي، واهِي[3] تي تہ وِهيج وي ميان.

---

(1) سئو ٻڌندڙ، (2) پرهيزگاري، (3) راکو- نگهبان- سنڀاليندڙ

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-161 (سُر راڻو)

ويهه نہ ويـرم[1] ڪا، يَج پيادل پنڌ ۾.

ماري چڙ مردُودَ کي ميان، هٽي ڪَنارِي ڪنڌ ۾.

آهي مون تہ عجيب جِي ميان، سڪ سدا سَنڌ سَنڌ ۾.

جبل جهاڳي جوش مئون ميان، هاڙهي[2] هلاڪت[3] هنڌ ۾.

آئون اَزل ڪئون آهيان ميان، قابُو قيد ڪَمند[4] ۾،

”مُحمّد“ کي منتار تون ميان، رهبر رَسجانءِ رَندَ[5] ۾.

---

(1) ٿوري دير، (2) جبل جو نالو (3) سخت تڪليف- موت، (4) ڦندو- رَسِي، (5) راهہ- رستو.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(سُر جوڳ)

## ڪافي-162

برہ جي بازي سمجھ تون سالڪ، اُونھو ھي اسرارُ.
عاشق تون عَين عجب اِظھارُ.

نَفِي اوري اَثباتِي اوري، اجا پري تي پنڌ،
عاشق تون وَٽ رِندانِي رَندُ،[1] فڪر فنا ڪان بعد اَنا[2] تون،
دائم دم ديدار، عاشق تون قولُ اِهو نہ وسارِ.

مَقصَد لاَمقصُودُ رهين تون، اَمُر ادب ڪُل تَرڪُ،
عاشق تون ڪونہ رکج ڪو فرق، صاف صفائي بحر بَقائي،
ڪَنڌِي نانھ ڪِنارُ، عاشق تون ڏُو[3] ڏُوڪارِج[4] پارِ.

ذاتي اولو صفاتي چولو، پَھري ويسَ وَڳا،
عاشق تون تُرت رکين تَڳا،[5] خيال نيارو مظھر سارو،
"مُحمّدؐ" سِرَ مَهندار، عاشق تون نانهِ منجھئون نِروارُ.

(1) رستو- راهہ (2) اَثبات- بقا، (3) سِڌو سنئون، (4) ڪاهي پئج- گهڙي پئج، (5) تڳاءِ- جَتاءُ

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-163 (سُر ڪوهياري)

ڪَٽِين تڏهن ڪِلُ تون، محبوبن سان مِلُ تون.

رِندن واري راه ۾، ٽورَ[1] عجائب ٽِلُ[2] تون.

سچي ساکَ سَلڻ ۾، ڪونہ رکج ڪو اُلُ[3] تون.

محبت جي ميدان ۾، بانڪا هڻ بُلُ[4] تون.

وحدت واري ويڙهہ[5] ۾، تَرسِين[6] نا هڪ تِلُ[7] تون.

”مُحمّد“ صافي صاف ٿي، گم ڪري ڇڏ گِل[8] تون.

---

(1) چال – هَلت. نمونو (2) هَلُ. (3) رنڊ ڪ- عيب. (4) ٽِپو (5) لڙائي. (6) ڍِچين. (7) تِر جيترو- ٿورڙو بہ.
(8) مِٽي- خاڪ- يعني هي ظاهري جامو.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(سُر کوهياري)

## ڪافي-164

صوفي سچ تي سَرُ تون، ڇُڪِي[1] عشق جِي چَڙهه تون.

ڪدي ڪُوڙ قلب مَئون، پيدَ[2] اِنهيءَ ۾ پَـرُ[3] تون.

ڪُل ڪتاب وِساري وافِر،[4] پرتِ پَنا اچي پَڙهه تون.

منصوري ميدان ۾ ڪاهي، لاهوتي وجي لَڙُ تون.

مُحڪم ٿي مردانا مانجهي، خيال اِنهين ۾ ڪَـڙُ[5] تون.

روحي رمز رکي رهبر سان، راهَ رِنداني رِڙهه تون.

"مُحمّد" وِکَ وڌائي ويتر، وِيرَ وَحدت ۾ وَڙُ[6] تون.

Gul Hayat Institute

---

1) نوڪَ- ڇُهنبَ- جبل جي نوڪدار ڪُنڊ، (2) راز، (3) هوشيار- چالاڪَ- بهادر- توانُو، (4) گهڻا، (5) بِيهُه، (6) گهڙُ- داخل ٿي

Scanned with CamScanner

## ڪافي-165 (سُر ڪوهياري)

سُتَن جِي لَهُ سارَ، جاڳڻ جا ڪَن جارَ.[1]

سامِن سِرَ سَنباهِيا،[2] عاشق اَڏيءَ جي آرَ.[3]

چُمِي چشمن تي ڪنيائون، بارِي برہ جا بارَ.

رِڙهِي رِندانِي راهَ جا، وِيا پُچائيندا پارَ.[4]

لڳن لوحَ قلمَ ڪان، تَنَ اندر ڪا تارَ.

"مُحمّد" راتيون ڏينهن تا، نيٽين وَهائن نارَ.

---

(1) فڪر-جوش، (2) تيار ڪيا، (3) شوق-ڪشش، ڪَرتَ-ڪارائي، (4) نشانيون-اُهڃاڻَ

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

(سُر جوڳُ)

## ڪافي-166

وَٽ رِندانِي راهَ، رَهتَ[1] ڪر تون رمز اِنهيءَ ۾.

پائي ويهه پِربت سان، قُرباني تہ ڪُلاهُ.[2]

پيهِي ڏس تون پاڙ ۾، سوجهي[3] ساهُ پَساهُ.

غَيرُ وِجائي غَورُ ڪر، پَسج پاڪ اَللہ.

فڪر فَنا ڪان فارغ ٿي، باقي بَقابِاللہ.[4]

"مُحمّد" هَرجا هڪ وَسي ٿو، هادي شاهَنشاهُ.

---

(1) رَهٽِي- شيوو- رَوِشِ (2) تاجَ- فقيرن جي مَخروطِي ٽوپِي، (3) ڳولي، (4) اَللهَ سان هڪ ٿيڻ- اَللہ سان هميشگي حاصل ڪرڻ

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-167 (سُر پيروي)

پاڻُ ڪڍي ڇڏ پاسي، راهَ رِندانِي راسي.[1]

هلي پَـئُ تون همت سان، خيالَ خُماريَل خاصي.[2]

هاديءَ واري حال ۾، گاسَ[3] گهِي وچ گاسي.[4]

آتش عشق آڙاهُ اندر ۾، لُونجهَ[5] اِنهي ۾ لَهِسي.[6]

دَمَ دَرُونِي دوُر جِي، باسَ اِها پيو باسي.

”مُحمّد“ ٻول ٻيائي ٻوڙي، وحدت وڏو آ واسي.[7]

---

(1) تيار ڪري- مڪمل ڪري، (2) خاص- سُٺي، (3) گَسِي وڃڻ، (4) مَنجهُ لَهِي وٺ- دل وَٺُ، (5) گهٽو شوق- عشق، (6) سَڙي، (7) واسُ ڏنو آ. خوشبوُ ڪئي آ.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# داستان: مَعرفت منزلون

## ڪافي 168

(سُر ويهاڳُ)

شريعت طريقت حقيقت حَسبُ[1] تِي،
معرفت مُسڪِتُ[2] مُقامَتَ[3] مَنصبُ[4] تِي.

سَخاوت شُجاعَتَ[5] مُروَت[6] مُدامِي،
لياقت لَطافَت[7] عِنايتَ عَوامِي،
صَداقت[8] سَلامت اِجابَت[9] عَجبُ تِي.

ناسُوتُ جَبـرُوتُ مَلڪُوتُ منزل،
لاهوُتُ باهُوتُ هاهُوتُ هر دل،
ساجِد مَسجُود لاحد لقب تِي.

گُوناگُون بيچُون[10] باطُون[11] بي رنگ،
مجنُون[12] مَفتُون[13] مَسڪُون[14] هر رنگ،
"مُحمّدَ" اَحُمَدَ اَنَــهَد[15] اَدبُ تِي.

---

(1) موافق- مطابق، (2) خاموش ڪرائيندڙ، (3) مقام- رهڻ جي جاءِ، (4) درجو- عهدو، (5) بهادري، (6)رواداري- سٺي اخلاق سان پيش اچڻ، (7) نرمِي- خوبي، (8) سچائي، (9) قبوليت- ميجتا، (10) جنهن جي خبر نہ پوي تہ ڪيئن آهي، (11) ڳُجهو (12) ديوانو (13)مست- فريفتہ، (14) محتاج- لاچار، (15)اندرُوني- رُوحانِي

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-169 (سُر تلنگ)

بحر بيچُون وچ بانڪا، مارِ ٺُڀِي موجود تِي،

”مُوتُوا قَبۡلَ اَنۡ تَمُوۡتُوۡا“،[1] نابُوديءَ مئُون بُود[2] تِي.

وچ ناسُوتَئُون نڪري، ثابت سارو سُود[3] تِي.

مَلڪُوتَئُون پَٽِ منزل ڪي، مَلڪَن جو مَسجُود[4] تِي.

جَبرُوتِي تون جُوءِ ڇڏي، وَڃُ وَڃُ جلدي جُود[5] تِي.

لاهُوتَ ماڙين تون لاحد، باهُوتِي بَهبُود[6] تِي.

هَرجا آهي تُنهنجو جلوو، معرفت مَشهُود[7] تِي.

”مُحمّد“ مامَ سُجاڻي مُحڪَم، خيال اِنهيءَ خوشنُود[8] تِي.

---

(1) ”مرو پنهنجي موت کان اڳ ۾“ يعني پنهنجي نفس کي ماريو (ح-ش). (2) هُئڻ- پيدا ٿيڻ. (3) نفعو- فائدو. (4) جنهن کي سجدو ڪجي. (5) تڪڙو ٿي- ڪوشش ڪر. (6) ڀلائي- ڀلائيءَ وارو. (7) ظاهر- ثابت. (8) راضي

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

# داستان: مَقامِ دل

## ڪافي-170

(سُر آسا)

دل حاصل حال حضور بِي هئي،
دل مست مَگهَن مَخمُور بِي هئي.

دل ڪعبہ قُدسِي[1] عرش مُعلىٰ[2] دل قائم قرب ڪلامُ الله،
دل وچ وَسدا اَلله اَلله، دل درسَن[3] دا دستُور بِي هئي.

دل تِيرت تڪيا تابُ تجلي، دل روشن راز رَبُوبِي بجلي،
دل "قَابَ قَوسَينِ"[4] ڪارِيهر[5] ڪَجلي،[6] دل پَرور پاڪ پُر نُور بِي هئي.

دل طالب تي مَطلُوبُ مُدا،[7] دل عابد تي مَعبُود[8] مُدا،
دل ساجد تي مسجُود[9] مُدا، دل پيد[10] اِنهِين پرپور بِي هئي.

دل زڪريا ڪُون ڪَرت چِيرائي، دل شَمسُ الْحَق دي ڪَل ڪَلائي،
دل سَرمد دا وَل سِرُ ڪَپائي، دل سُوري اُتي منصور بِي هئي.

دل "مُحمّد" گهوران گهور ڪِيتِي، دل سائيان دي نال سِيتِي،
دل سُرڪِي بيخود والِي پِيتِي، دل مؤج اِنهِين مَسرُور[11] بِي هئي.

---

(1) پاڪ، (2) مٿيون – مٿانهون، (3) درشن- ديدار، (4) ٻن ڪَمانين جي وچ وارو مفاصلو (5) ڪارو نانگ- اَصِيلُ- هڪ قسم جو هرڻ جنهن جي ڏُن ۾ مُشڪ ٿئي، (هتي ڪاري نانگ جي معنىٰ ۾ ناهي آيل)،محبوب جا ڪارا وار، (6) ڪارين اکين واري- سُهڻي، (7) سدائين، (8) جنهن جي عبادت ڪجي يعني الله، (9) جنهن کي سجدو ڪجي، (10) راز، (11) خوش.

Gul Hayat Institute
Scanned with CamScanner

## ڪافي-171 (سر آسا)

دل دين بِي هئي ايمان بِي هئي، دل افضل اعليٰ شان بِي هئي.

دل مسجد مندر نُور نيارو، دل گنگا جمنا دَيـر دُئارو،
دل نازڪ نادر ناز نظارو، دل نينهن والا نِيشان بِي هئي.

دل رنگ ويڪو بي رنگ ويڪو، دل صلح ويڪو واه جنگ ويڪو،
دل خاتُوبَندُ[1] خَتنگ[2] ويڪو، دل پڙ وچ پهلوان بِي هئي.

دل تَپِشا[3] ڪرڪي تِلڪ رکي، دل سالڪ والي سِلڪ[4] رکي،
دل محويت دي مِلڪ رکي، دل گَردان[5] گم گَردانُ بِي هئي.

دل مشتاقي مَفتُون[6] بڻي، دل مَجذُوبِي[7] مَجنُون بڻي،
دل چُون چُرا بيچُون بڻي، دل لاشڪ قِر لاثان[8] بِي هئي.

دل حد بِي هئي لاحَد بِي هئي، دل جوشِي جَدل[9] جَلُّ[10] بِي هئي،
دل "مُحمّد" عين اَحَد بِي هئي، دل دردان دا داستان بِي هئي.

---

(1) عاج، ڪاٺيءَ يا هڏي تي اُڪَر جو ڪم ڪندڙ ماهر. (2) تيز- چالاڪ. (3) تَپسِيا- نفس کي مارڻ لاءِ رياضت ڪرڻ. (4) سلسلو-سَتَ-راه. (5) ڦيرو- چڪر. (6) عاشق. (7) خدا جي محبت ۾ غرق- مست. (8)لاجواب- جنهن جو مَٽُ نہ هجي. (9) جَنگ. (10) عزت- شان

Scanned with CamScanner

## داستان: حالِ دل

### ڪافي-172

(سُر پهاڙِي)

سَيف[1] دل صَياد[2] جي، ريش[3] دل تي ريشُ دل.

بره جا بانشا[4] ڇتا، گهايُون ڏين گهُوران گهُتا،
قَت ڏيئي قُوهان[5] قُتا، ريش دل تي ريشُ دل.

شهباز جي چنبي پيا، دارَين[6] ڪئون دُور تيا،
وري وَرڻ ڪئون ويا، ريش دل تي ريشُ دل.

سُوريءَ سندي سانگَ تي، عاشق ويا اَٽانگَ تي،
بانڪا بِرهَ بانگَ تي، ريش دل تي ريشُ دل.

سَعدِي، جامِي، نُور نظامِي، تَبريزِي شاه شَمس، بُسطامِي،
خيال اِنهيءَ وِڌئون نہ خامِي، ريش دل تي ريشُ دل.

بي درد ڪيئي درد سان، فَرهاد رنگ زرد سان،
”مُحمّد“ آهَ سرد سان، ريش دل تي ريشُ دل.

---

(1) تلوار، (2) شڪاري، (3) زخمي، (4) باز، (5) تازا ٿي-اوج سان،-نوان ٿي، (6) ٻئي جَهان-ٻنهي جهانَن.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## داستان: روحاني رازُ

(سُر پيلو)

### ڪافي- 174

خود رهج خاموش، رمز نہ ڏي تون راز جِي.

اولائتي آهي عام ڪان، پرت پردي پوش.

جسم ڪي جذبات سان، جِيءُ جَلائيندڙ جوش.

راتيون ڏينهان رِندَ رَڪِج، گُفتگو ۾ گوش.(1)

هُو جڏهن هموار ٿيو، هِي تہ نِيندو هوش،

"مُحمّد" ڳُجهي ڳالھ ڪان، نہ ڪر فرَاموش.(2)

(1) ڪَنُ. (2) ويسر- ڀُل - وسارڻ.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-175

(سُر پيرو)

هَتِ ڪر حال حقيقت وارو، ڪُوڙِي ڇڏ تون قِيل مَقالَ.[1]

گُم ٿي غازي بيخود بازي، ڪيڏ دَرُونِي[2] درد دَمالَ.

صاف صفائي بَحر بَقائي، تالان ڪر تون تال پَخالَ.

رنگ رَنگُونِي گُوناگُونِي،[3] بيرنگ آهي بي تہ مِثال.

عام ڪئون اولو يَچ تون پولو، خاصُ الْخاص خفِي[4] آ خِصال.[5]

حَقُ الْهادِي[6] ڪئي آ آبادي، ”مُحمّد“ پنهنجي قرب ڪَمال.

(1) بحث- تڪرار، (2) اندروني، (3) طرح طرح جا رنگ برنگي، (4) لِڪل، (5) عادتون- رهڻي ڪهڻي، (6) سچي مرشد.

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-176

(سُر آسا)

سالِڪَ بِن آهي سمجهڻ مشڪل، اُونهو هِي اِسرار.

گَرد غُبارَ مئون غازي آيو، مِيم اَلف سان جنهن تہ مِلايو،
اَصلَئُون هَيَرُس رُوپِي[1] رايو، آنَا اَحْمَدُ تيو اِظهار.

هَستِي مَنجهئُون تي مَستِي پيدا، مستي منجهئُون تِي هستي پيدا،
شوقَ اِنهيءَ ۾ شائقَ شِيدا، ڪي دَمَ آيا منجھ اعتبار.

هِيءَ ڳُجهارَتَ جيڪو ڳولي، "وَصَبِرِ صَبرُكَ"[2] بيو نا ٻولي،
راهَ اجايا روڪِي رولي، هر دم حق جي ڪري تَنوارَ.

جُنگ جوان ڪو جسم جَلائي، خيال خَفِي منجھ خيال ملائي،
دَمَ قَدمَ سان اِسم هَلائي، "مُحمّد" مُحڪُم[3] تئي مختيار.

---

(1) روپ جو صورت وٺڻ جو (2) "تو صبر ڪيو، تو برداشت ڪيو" (3) مضبوط - قائم

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي-177 (سُر ڪسوري)

رُوحي راز ڪوليو آ رهبر، بَس نٿي اچي باتِ اِنهيءَ ڪي،

ڪاهِيُون ڪاهِج قرب مَنجهارئون، طلب تِڪيري تاتِ اِنهيءَ ڪي.

سانديُون سانڊِج ساهه پَنهنجي ۾، سِڪَ سَندِي سوغاتِ[1] اِنهيءَ ڪي.

راتيون ڏِينهان رمز انهيءَ ۾، جهاتِ ۾ پائي جهاتِ اِنهيءَ ڪي.

رڳَ رڳَ ۾ تون راڳَ رَلائج لَئُون لطيفي لاتِ اِنهيءَ ڪي.

"مُحمّد" مامَ محبوبي ماڻين، زابر[2] ٿي تون ذاتِ اِنهيءَ ڪي.

(1) تحفو- سُوکڙي، (2) زبردست- طاقت وارو

Gul Hayat Institute

Scanned with CamScanner

## ڪافي- 178

(سُر پهاڙي)

اُونهي اِسرار جي معنيٰ، پَرُوڙن مرد ڪي ڪامِلَ،
سچائي سي ويا ثابت، يگانا يار سان شامِلَ.

تُبِي ماري رهيا ويهي، پَسن پاتارَ ۾ پيهِي،
وچائي هِي ويا هُو ڏي، تِنن ڪي تُرتُ آ تَحمّل.[1]

جِنن ڪي جُهدَ[2] مَئُون جائِي، لُدني راز ٿيو رهبر،
ازل ڪئون بِي اُهي آهن، عطائِي[3] علم جا عامِلَ.

فَنائِي فڪر فاقي ۾، گُذاريو دم جِنين دائم،
بقائِي بحر بيخود جو، توحيدي طَوُر آ تَجَمّل.[4]

Gul Hayat Institute

ڪُنا جي قرب جي ڪاڍي،[5] نظر نيڻن جي بِسمِل[6] ٿيا،
تِنن ڪي آ تَنهين ڏينهن ڪئون، "مُحمّد" تارِي[7] تڳا[8] تَهدل.[9]

---

(1) صبر- سَهپَ، (2) ڪوشش، (3) عطا ٿيل- بخشيل، (4) سينگار- شان شوڪت، (5) سِڪَ، اُڪير، (6) زخمي، گهايل- اَڌ ڪُٺل، (7) مدد- واهر- وسيلو، (8) تڳاءُ- جياپو (9) دل جي گهرائيءَ سان.

Scanned with CamScanner